# مدح نامہ سنڌ


مصنف

**مخدوم محمد هاشم ٺٽوي**

سنڌيڪار:

**علامہ محمد ادريس ڏاهري**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2011ع



سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 160



سڀ حق ۽ واسطا محفوظ



**مدح نامہ سنڌ**

| | |
|---|---|
| مصنف: | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| سنڌيڪار: | علامہ محمد ادريس ڏاهري |
| ٻيو ڇاپو: | 2011ع |
| تعداد: | 500 |
| قيمت: | 80 روپيا |

**Catalogue Reference**
Thattvi, Makhdoom Muhammad Hashim
Madah Nama Sindh
Sindhi Language
Sindhi Language Authority, Hyderabad, Sindh
ISBN: 978-969-9098-63-5

**Madah Nama Sindh**

| | |
|---|---|
| By: | Makhdoom Muhammad Hashim Thattvi |
| Translated By: | Allama Muhammad Idrees Dahiri |
| Edition: | 2nd, 2011 |
| Quantity: | 500 |
| Price: | 80/- |
| Composed by: | Pervaiz Niaz & Ihsan Laghari |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority,<br>National Highway, Hyderabad, Sindh,<br>71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printer: | Pakeeza Printers, Hyderabad |

هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، تاج جويي، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميشرس پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

[هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، رئيس الحاج علي نواز خان انڙ، اداره خدمة القرآن والسنة، شاهپور جهانيان، ضلعي نوشهري فيروز مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي قديم اسلامي ادب کي جديد ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ يا جديد صورتخطيءَ ۾ آڻڻ واري رٿا هيٺ هيءُ ڪتاب ”مدح نامہ سنڌ“ شايع ڪري رهيا آهيون، جيڪو ڪلهوڙن جي دؤر جي مشهور عالم ۽ استاد مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ فارسيءَ ۾ لکيو هو. جنهن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو مولانا محمد ادريس ڏاهريءَ ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي اهميت نہ صرف قديم هئڻ ڪري آهي، بلڪ هن ۾ سنڌ جي هڪ عالم جو پنهنجي محبوب وطن ۽ ان جي رهواسين جي لاءِ عميق احساس نمايان آهي. ڏٺو وڃي تہ هونئن عام ماڻهوءَ کي عام حالتن ۾ پنهنجي ديس واسين سان محبت هئڻ جو ايترو احساس ڪونہ هوندو آهي، پر جڏهن هو انهن کان پري هوندو آهي يا ڪا آفت ۽ مصيبت ايندي ڏسندو آهي يا وري ڪنهن غير کي انهن جي گلا ڪندي ڏسندو/ ٻڌندو آهي تہ سندس حب الوطنيءَ جو جذبو جاڳي پوندو آهي ۽ سندس وطن جي وڻ وڻ سان واڳجي، وطن واسين جي ورونهن سان ٺمٺار ٿي، ان جي واڪاڻ ۾ جهڙو ڪر اٿلي پوندو آهي. اهڙو ئي جذبو اسان کي هن ڪتاب ۾ محسوس ٿئي ٿو.

سنڌ ملڪ ۽ سنڌ واسين جي ساراهہ ۾ چيل هيءُ بيان، ڪنهن عام شاعر جو بيان ڪونهي، بلڪ هڪ عالمِ دين جو آهي، ان ڪري هن ۾ هو پنهنجي علم ۽ دانش کي مذهبي عقيدي ڪانسواءِ نظرياتي ۽ مسلڪ واري وابستگيءَ کي بہ شامل ڪري ٿو. ممڪن آهي تہ ان سان ڪن کي اختلاف هجي، پر وطن جي واڪاڻ ۾ لکيل هي ڪتاب بهرحال هڪ عالم جي جذبن ۽ احساسن جي ڀرپور عڪاسيءَ سبب وڏي اهميت رکي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي همعصر هن بزرگ جي تحرير جو انداز ۽ متن ڀٽائيءَ کان يقيناً مختلف آهي، سندن مسلڪ بہ ڌار هئا، سوچ ۽ لوچ جو دائرو بہ بنهہ الڳ هو، پر سنڌ ساڻيهہ لاءِ جذبو جدا ڪونهي. ڀٽائيءَ، مارئيءَ جي زباني شاعريءَ ۾ پنهنجو اندر اوتي رکيو آهي ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ سندس مخالفت ڪندڙ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان وري پنهنجي وطن ۽ وطن وارن خلاف ڪيل ڳالهہ برداشت نہ ٿي آهي، ۽ هن انهيءَ جو عالمانہ انداز ۾ فارسي نثر ۾ جواب ڏنو آهي. اهو سنڌ جي ساراهہ جو هڪ قديم انداز آهي، جيڪو اڄ جي پڙهندڙن کي ڏيکارڻ مقصود هو. اميد تہ پڙهندڙن کي هيءُ ڪتاب پسند ايندو.

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# فهرست


- انتساب 7
- تقريظ 9
- مترجم طرفان مهاڳ 12
- سوانح حيات: حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ 17
- مدح نامہ سنڌ (ترجمو) 31
- اعتراض (1) 35
- جواب (1) 35
- جواب (2) 36
- اعتراض (2) 37
- جواب 37
- اعتراض (3) 39
- جواب 39
- اعتراض (4) 44
- جواب (1) 44
- جواب (2) 46
- اعتراض (5) 47
- جواب (1) 47
- جواب (2) 47
- اعتراض (6) 48
- جواب 48
- شفاعت جو بيان 81
- حبيب اڪرم ﷺ جي دربار ۾ عرض 89
- باري تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مناجات (1) 101
- مناجات (2) 102
- مترجم طرفان 107

# انتساب

ڪنهن بہ ڪتاب جو مصنف، مؤلف يا ترجمو ڪندڙ جڏهن پنهنجي ڪتاب جي انتساب ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ ان شخصيت ڏي ڪندو آهي، جنهن سان سندس عقيدت، محبت ۽ دل جو تعلق هوندو يا جنهن جو ممنون ۽ ٿورائتو هوندو يا جنهن جون ملڪ ۽ ملت لاءِ خدمتون گهڻيون هونديون آهن. مون بہ حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽويرحہ جي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”مدح نامہ سنڌ“ جو ترجمو ڪرڻ وقت سوچيو پئي تہ هن ڪتاب جو انتساب سنڌ سڳوريءَ جي ڪنهن معمار، خدمت گذار ۽ ڪيس گل و گلزار بنائيندڙ شخصيت ڏي ڪجي. سوچيندي سوچيندي منهنجي ناقص عقل ۾ سنڌ سڳوريءَ جي هڪ سنڌي خاندان جو تمام سٺو فرد جناب عزت ماب سردار باوقار الحاج رئيس علي نواز خان آيو. رئيس صاحب هر دلعزيز، سهڻي اخلاق جو صاحب، قربائتو نهٺو متواضع، منڪسرالمزاج ۽ نهايت سنجيدو شخص رهيو آهي. رئيس حاجي علي نواز خان ولد رئيس ولي محمد خان انڙ سنڌ جي سهڻي شهر ’قاضي احمد‘ ۾ 1922ع ۾، سنڌ سماٽ جي سردار گهراڻي ۾ ڄائو. تعليم پنهنجي شهر ۾ ورتائين ۽ پشتان پشت زميندار رهيو آهي. زراعت سان سندس تعلق موروثي تعميري ذهن رکندڙ رهيو آهي. ڪيس پنهنجي شهر کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ



جو گهڻو شوق رهيو آهي. سندن باغ ”ناز باغ“ نالي سان مشهور، ڏسڻ ۽ گهمڻ جهڙو آهي. سندس مهمان خانو وسيع رهيو آهي، ڪڏهن بہ ڪو مهمان ايندو آهي تہ سندس منهن تي مرڪ محسوس ڪندو آهي. دنيوي زيب ۽ زينت سان گڏ پاڻ عقيدي جو پڪو سني ۽ نماز ۽ روزي جو پابند آهي. حرمين شريفين بہ پيرا ويو آهي. هڪ ڀيرو حج ڪرڻ لاءِ ٻيو ڀيرو عمري شريف لاءِ. پاڻ بهترين مسجد ۽ عاليشان مدرسو ’دارالفلاح‘ نالي ٺهرايو اٿن، جنهن ۾ خدا واسطي مفت ديني تعليم ڏني ويندي آهي. مدرسي سان متصل هڪ اعليٰ قسم جي لائبرري بہ کولي اٿن، جنهن ۾ ڪافي ڪتاب موجود آهن. لائبرري هر روز وقت مطابق کلندي آهي، علم جا شوقين ويهي مطالعو ڪندا ۽ اندر جي اُڃ اجهائيندا آهن. هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ سندس خصوصي تعاون آهي، ۽ اُميد آهي تہ آئندي بہ اهڙيون نوازشون ڪندو رهندو. آخر ۾ هن ڪتاب جو انتساب رئيس موصوف ڏي ڪندي، مون گنهگار جي دعا آهي تہ الله تعاليٰ ڪيس صحت ۽ عافيت سان گڏ وڏي ڄمار ڏئي ۽ ڪيس ديني ڪتابن جي اشاعت لاءِ مزيد توفيق ۽ همت عطا ڪري. آمين!•

دعاگو

**فقير محمد ادريس عفي عنہ**

8 ذوالقعده 1411هہ

25.05.1991

• نوٽ: رئيس علي نواز انڙ 31 آگسٽ 2006ع ۾ وفات ڪري ويو آهي. (ادارو)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# تقريظ

اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ٥ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ الۡاَنۡبِيَآءِ وَالۡمُرۡسَلِيۡنَ٥ سَيِّدِنَا وَمُرۡشِدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰي آلِهٖ وَاصۡحَابِهٖ وَاَزۡوَاجِهٖ وَذُرِّيّٰتِهٖ اَجۡمَعِيۡنَ٥

اَمَّابَعۡدُ: رَبَّ الۡعَالَمِيۡن اَحۡسَنُ الۡخَالِقِيۡن.

الله پاڪ ”ڪُن“ امر سان، ڪل ڪائنات پيدا ڪري، ڪائنات مان، ذرتيءَ ۽ آسمانن کي پوري پيماني تي ۽ سهڻو فرمايو. هن ڪائنات جي ذري، ذري لاءِ ڪائنات جي ڪارڻي، رحمةللعالمين. ﷺ و صحٰبهٗ جن کي رحمت ڪري اُماڻيو آهي.

وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰکَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ٥

جهانن جي جوڙڻهار ۽ اُپائڻهار، سمورا عالم اُپائي پنهنجو پاڻ پروار يعني ظاهر فرمايو:

جوڙي جوڙ جهانَ جي، پاڻ ڪيائين پروار،
هادي، حامي، هاشمي، سردارين سردار،
سونهين صحابن سَٺ ۾، منجهه مسجد مٺيادار،
چارئي چڱا چوڏار، هئا هيڪاندا حبيب سين.

(شاهه)

دنيا جي ذرتيءَ مان، سچي سائينءَ، سبحانہٗ و تعاليٰ سنڌ جي سر زمين کي بہ سرسبز، شاداب، سهڻو آباد، شاد ۽ خوشحال بڻايو آهي، جنهن جي خوشبودار خمير مان، مٺيادار ۽ اعليٰ عورتون ۽ مرد پيدا ٿي چڪا آهن ۽



رهندڙ دنيا تائين پيدا ٿيندا رهندا. اسان جي هيءَ پلاري پونءِ ۽ سونهاري سرزمين، هر طرح ۽ هر هڪ نعمت سان مالا مال ٿيل آهي؛ جنهن ۾ درياهہ ۽ ڏونگر، هُڙيون ۽ ٻيلا، پوکون ۽ گلستان، سون ۽ چاندي، پيٽرول ۽ هر قسم جا تيل موجود آهن. سنڌ جا سونهارا سپوت ۽ مٺيادار مڙس، قاضي قادن، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، شهيد شاهہ عنايت رحہ، شهيد گرهوڙي گهوٽ، لڄادار لطيف سائين وغيره جن، پنهنجي منڙي ملڪ ۽ سونهاريءَ سنڌ جي ساراهہ ۽ واکاڻ پئي ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾، علامہ مخدوم محمد هاشم رحہ خاص ۽ سهڻو ڪتاب، نالي **”مدح نامہ سنڌ“** فارسي زبان ۾ تاليف فرمايو هو جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ سليس ترجمو سنڌ جي جيد عالم، ممتاز مقرر، اعليٰ اديب، خوش بيان خطيب ۽ محقق قرآن مجيد جي مفسر ۽ احاديث جي شارح، بلبل مدينہ الرسول اڪرم، ابوالبيان، الحاج مولانا، مفتي محمد ادريس صاحب ڏاهري مدظلہ العالي جن ڪري، اشاعت هيٺ آڻڻ جو شرف ماڻي رهيا آهن.

تدريس تقرير، تحقيق ۽ تحرير سان گڏوگڏ، مولانا موصوف جن، تصنيف ۽ تاليف طرف بہ تيز رفتاريءَ سان، پنهنجون وکون وتريون وڌائيندا رهن ٿا. اهو اهل سنڌ لاءِ نهايت نيڪ فال آهي، جو اسان جا علماء ڪرام تصنيفات ۾ بہ رات ڏينهان رڌل رهن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ مفسر قرآن مجيد واحاديث پاڪ جي شارح، مولانا محمد ادريس جن، نهايت گهڻو پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا. سندن هر تصنيف چوڏهينءَ رات جي چنڊ وانگر، چمڪندڙ جرڪندڙ ۽ ٿڌي ٿانهري، روح پرور روشني رسائيندي رهي ٿي. سندن قلم مان، هر وقت حقيقت جا هيرا، معرفت جا موتي ۽ املهہ ماڻڪ اظهار ٿيندا رهن ٿا. سندن لکيل سٽ سٽ ۾ سرهاڻ، باغن لاءِ بهار ۽ سنڌين جي لاءِ روشنيءَ جا مينار ۽ گلاب کان وڌيڪ گل، غنچا، مکڙيون مهڪي، ٻهڪي ۽ ٽهڪي رهيا آهن. شال، رب العالمين جل جلالہ ۽ رحمةاللعالمين صلي الله عليہ وآلہٖ و اصحابہٖ وسلم جن جي رحمتن فضل ۽ انعام سان، مولانا موصوف جن پنهنجي خاندان سميت، سلامت، تندرست ۽ شادان هجن ۽ اهڙيءَ ريت، سندن تصنيفات ۽ تاليفات جو دائرو وڌندو ۽ ويجهندو رهي آمين!

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ حضرت مترجم موصوف علامہ مخدوم محمد هاشم رحہ جن جي ”مدح نامہ سنڌ“ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، سنڌي علم و ادب ۾ عظيم اضافو آندو آهي. ٻئي طرف وري، پنهنجي ساٽيهہ جي ساراهہ ۽ وطن جي واکاڻ ۾ قلم کنيو اٿن. حقيقت ۾ وطن جي حب کي ايمان جو ڀاڱو ڪوٺيو ويو آهي. ۽ ڪافي ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي تہ خاتم الانبياء و المرسلين سيدنا محمد رسول الله ﷺ جن کي سنڌ ساٽيهہ جي ٿڌڙي، سرهاڻ واري ۽ هينئڙي ٺار هير ايندي رهندي هئي، جنهن ڪان پاڻ سرها ٿيندا رهندا هئا. منهنجي مطالعي مطابق، زير نظر ڪتاب منڙي ملڪ جي مدح ۽ سنڌ جي ساراهہ ۾ ڦهريون ڪتاب پُر گلاب آهي. انهيءَ لاءِ مان، الحاج مولانا محمد ادريس کي تحسين، جس ۽ مبارڪ ڏيڻ ڪان سواءِ رهي نٿو سگهان. آخر ۾، هن مختصر تقريظ جي پڄاڻي، مان پنهنجي هن بيت تي آڻيان ٿو:

سنڌ، سموري سون، سنڌ سڄي سُرهاڻ،
سنڌ سموري سَچ، سنڌ ڪٿوري ڪاڻِ،
سنڌ ڀٽائي گهوٽ جي، سنڌ ڏِئي سرواڻ،
سنڌ ”قمر“ ڪريم جي، سنڌ ”گرهوڙي“ ڄاڻ،
موج ڀريو مهراڻ، سدا وهي سنڌ ۾.•

**لاکو رحيم بخش ’قمر‘**

خطيب جامع مسجد
مهراڻ يونيورسٽي، آف انجنيئرنگ اينڊ
ٽيڪنالوجي، نواب شاهہ، سنڌ.

• مرحوم الحاج رحيم بخش ’قمر‘ لاکو 26 نومبر 1993ع تي وفات ڪري ويو آهي. هن تقريظ ۾ سندس فارسي آميز ٻوليءَ جو حظ حاصل ڪري سگهجي ٿو. (ادارو)



# مُترجم طَرفان مُهاڳ

ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪو انسان جنهن سرزمين ۾ ڄمندو يا رهندو آهي تہ فطري طور اُن جي دل ۾ اُن سرزمين جي محبت سمايل هوندي ۽ هجڻ بہ کپي. پنهنجي وطن سان پيار ڪرڻ ۽ پنهنجي قوم جي ڀلائي گهرڻ، انهن جي رهنمائي ۽ رهبري ڪرڻ ۽ انهن جي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪرڻ، الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول ﷺ جي حڪم جي خلاف نہ آهي. پنهنجي مظلوم ۽ مسڪين قوم جي حقن گهرڻ ڪان نہ الله تعاليٰ منع ڪئي آهي، نہ ان جي پياري حبيب ڪريم ﷺ منع ڪئي آهي. اسلام جي نالي سان ڪنهن مظلوم جي حق جي گهر ڪرڻ ڪان منع ڪرڻ خود اسلام سان دشمني آهي.

جيڪڏهن ڪو مهمان ميزبان جا حق تلف ڪري، ميزبان جي اولاد کي قتل ڪري، انهن جي عزت ۽ مال کي لٽي تہ اهو ڪهڙو انصاف آهي، جو ميزبان دانهن بہ نہ ڪري ۽ پنهنجي حق جي گهر بہ نہ ڪري. الله تعاليٰ جا جيڪي بہ انبياء سڀورا عليهم الصلواة والسلام حضور ﷺ ڪان اڳ ۾ آيا هئا، انهن کي تہ موڪليو ئي پنهنجي قومن جي رهبريءَ لاءِ ويو هو. پر الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر اسان جي آقا حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن، جيڪي ساري دنيا لاءِ نبي ۽ سڀني جهانن لاءِ رحمت بنجي آيا ۽ پاڻ دشمنن سان ڀلائي ڪرڻ ۽ ٻي وڏن سان وڌ ڪرڻ ۾ بہ مشهور ۽ معروف آهن؛ تنهن هوندي بہ پنهنجي قوم کي خصوصي دعائن سان نوازيندا رهيا.

جيئن تہ روايتن ۾ آيل آهي تہ جڏهن اسلام جي پيغام کي پهچائڻ لاءِ پاڻ ڪريم ﷺ ميدان ۾ آيا تہ ڪافرن مٿن بي انتها ظلم ڪيا. پاڻ رحمت وارا نبي آهن، ڪنهن جي ظلم ڪان تنگ نہ ٿيندا هئا؛ پر الله تعاليٰ جي ملائڪن سڀورن کين عرض ڪيو تہ اوهان جيئن چئو تيئن ٿيندو تہ پاڻ دعا گهريائون:

**اللّٰهم اهد قومي فانّهم لا يعلمون**

’اي الله! منهنجي قوم کي هدايت نصيب ڪر، اهي بي علم آهن.‘

حضور ﷺ جن جي قوم لاءِ خصوصي دعا گهرڻ ۾ انهن جي ظلمن کي برداشت ڪرڻ مان سبق ملي ٿو ته اسين به پنهنجي سنڌي قوم جي لاءِ خصوصي دعائون گهرون. انهن جي غلطين ۾ زيادتين کي در گذر ڪري، انهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهون ۽ حضور پاڪ ﷺ جي نقش قدم تي هلون.

حضور ﷺ جي ولادت باسعادت مڪي مڪرمه ۾ ٿي هئي، پاڻ پنهنجي زندگيءَ مبارڪ جا پهريان 53 سال به مڪي پاڪ ۾ رهيا. جڏهن قريشي سردارن جي ظلم ۽ جبر جي ڪري اصحابي سڳورؓ هجرت ڪري مديني منوره ۾ آيا ۽ الله تعاليٰ جي حڪم سان پاڻ به مڪي پاڪ مان هجرت ڪري مديني شريف پهتا ته اڳ واري زندگيءَ جي ڪري کين ’مڪي‘ سڏيو ويندو آهي ۽ پوين ڏهن سالن واريءَ زندگيءَ جي ڪري ’مدني‘ سڏيا ٿا وڃن. مگر اسان جي هن سنڌ سڳوريءَ ۾ ٻاهران اچڻ وارا ڪائين به سنڌ جو ڪمائين به سنڌ ۾، پر انهن کي سنڌي سڏائڻ خبر نه آهي ته ڇو ٿو برو لڳي؟ انهن کي ويچا وساري ضد ڇڏي سنڌي سڏائڻ گهرجي.

حضور پرنور ﷺ جن عرب قوم مان آيا ته پنهنجي قوم لاءِ ڪيترا نه مهربان هئا. عربن جي محبت کي ايمان سڏيو اٿن. جيئن علامه علي قاري رحه پنهنجي ڪتاب ’الاسرار المرفوعه‘ ۾ آندو آهي ته حضور ﷺ فرمايو آهي:

**حُبُّ الْعَرَبِ مِنَ الْاِيْمَانِ**

عربن جي محبت ايمان آهي.•

حضرت سلمان فارسيؓ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن مون کي فرمايو ته، ”مون سان بغض نه رکجان. “ٻيءَ صورت ۾ پنهنجي دين کان جدا

•الاسرار المرفوعة ص: 110



نه ٿي وڃين.“ مون عرض ڪيو ته: يا رسول الله ﷺ! اوهان سان ڪيئن بغض رکندس، حالانڪ اوهان جي ذريعي ته اسان کي الله تعاليٰ هدايت ڪئي آهي.“ پاڻ فرمايائون. ته ”عربن سان بغض رکندين ته ڄڻ مون سان بغض رکيئي“، اهڙي طرح حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه کان روايت آهي ته، رسول الله ﷺ فرمايو: ”جنهن عربن سان ٺڳي ڪئي، سو منهنجي شفاعت ۾ داخل نه ٿيندو ۽ ان کي منهنجي محبت نصيب نه ٿيندي.“•

حضور ﷺ جن جي انهن حديثن مان وطن ۽ قوم جي محبت صاف صاف ثابت ۽ روشن آهي. حبيب اڪرم نور مجسم ﷺ جن جي عاشقن، الله تعاليٰ جي ڪامل ولين سڳورن ۽ صوفي بزرگن پنهنجي وطن کي وڏي محبت ۽ پيار سان ياد ڪيو آهي.

حضرت غوث العالم شيخ بهاؤالحق زڪريا ملتاني رحه ملتان شريف لاءِ هيئن فرمايو آهي:

*ملتان مابه جنّت اعلٰی برابر است*
*آهسته پا بنه که ملک سجده می کنند۔*

’يعني: اسان جو ملتان مٿاهينءَ جنت سان برابر آهي،
آهستي پير رک جو ملائڪ سجدو ٿا ڪن.‘

ايران جي مشهور صوفي شاعر حافظ، جنهن جي شعرن جو مجموعو ’ديوانِ حافظ‘ جي نالي سان مشهور آهي، پنهنجي وطن شيراز کي هنن لفظن سان ياد ڪيو آهي:

*خوشا شیراز وضعِ بے مثالش*
*خداوندا نگهدار از زوالش۔*

يعني: ’شيراز تمام سنو آهي، ان جي وضع بي مثال آهي:
يا الله! ان کي زوال کان نگهبانيءَ ۾ رک.‘

اهڙيءَ طرح سنڌ جي مشهور ۽ معروف بزرگ پلاري پيٺائيءَ رحه به وطن کي پيار جي هنن لفظن سان ياد ڪيو آهي:

•مشڪواة المصابيح ص: 552 باب مناقب قريش

(1)

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساھہ،
ٻُت منھنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاھہ،
پرڏيھياڻي پرينءَ ري، ڏار مَ ڏريجاھہ،
ٿڌي وسائجان ٿرن جي، مٿي مٽيءَ مٿاھہ،
جي پوبون ٿئي پساھہ، تہ نجاھ مڙہ ملير ڏي.

(2)

واجهائي وطن کي، ساري ساھہ ڏيان،
ھيءَ سِرُ ساٿيھہ سامھون، منھنجو نچ ميان،
مقامياڻي مارئين، وڃي ٿر ٿيان،
مُيائي جيان، جي وڃي مڙھہ ملير ڏي.

هن ڪان بہ وڌيڪ روشن ۽ ڪليل لفظن ۾ حضرت ڀٽائي صاحب رحہ سنڌ جي سرزمين کي هن طرح دعا ڪئي آهي:

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سنڌ جي سرزمين جنهن کي باب الاسلام (اسلام جي اچڻ جو دروازو) جو لقب مليل آهي، ان جي محبت هر سنڌيءَ جي دل ۾ هجڻ ضروري آهي، چاهي اهو پير هجي يا امير، مسڪين هجي يا شاهوڪار، غريب هجي يا دنيادار، عالم هجي يا جاهل، ڪارخانيدار هجي يا مزدور، هر ڪنهن کي هن مٽيءَ جو مان مٿاهون ڪرڻ گهرجي. ان ۾ پيدا ٿيندڙ ٻچن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي. **'حب الوطن من الايمان'** مشهور ۽ معروف قول آهي. سنڌ ۾ رهڻ وارن عالمن سگهڙن کي بہ هر وقت سنڌين جي حقن جي حاصل ڪرڻ لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي.

علماء کي اهو چوڻ نہ ٿو سونهي تہ اسان جو ڇا، اسان جو ڪجهہ نہ وڃي، اسين فقير ماڻهو آهيون، اسان جو ڪوبہ دخل نہ آهي. سنڌ جي نامور عالم، عظيم مصنف ۽ ڪامل ولي حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جڏهن هڪ عبدالرؤف نالي پٺاڻ جو مضمون، سنڌ ۽ ان ۾ رهندڙ سنڌين جي خلاف



لکيل ڏٺو تہ سندس طبيعت ۽ وطن سان محبت اها ڳالھہ برداشت نہ ڪئي. پاڻ اُن جي جواب ۾ هيءَ ڪتاب لکيائون ۽ ان جو نالو **'مدح نامہ سنڌ'** رکيائون. هن ڪتاب ۾ حضرت مخدوم صاحب رحہ شروعات ۾ اُن پٺاڻ جي اعتراضن جا جواب ڏنا آهن. ان کان پوءِ نصيحتون ۽ هدايتون لکيون آهن ۽ حضور پرنور ﷺ جي حيات هجڻ ۽ سندن شفاعت جي متعلق روايتون آنديون آهن.

هن ڪتاب ۾ حضرت مخدوم صاحب، حضور ﷺ کي غائبانہ سڏ ڪيا آهن، جن مان ثابت آهي تہ سندس عقيدي ۾ الله تعاليٰ جي پياري حبيب ڪريم ﷺ کي غائبانہ سڏڻ جائز آهي ۽ اسان جو بہ اهو ئي عقيدو ۽ ايمان آهي. پاڻ جن محبت وارن ۽ ادب سان پريل عشق ۽ الفت وارن لفظن کي پنهنجي عرض ۾ آندو اٿس، اهي پڙهڻ ۽ سوچڻ جهڙا آهن. هر هڪ لفظ مهراڻ جو موتي ۽ سڪ ۽ سوز جو مظهر آهي. آخر ۾ بارگاهہ ايزديءَ ۾ التجا ڪئي اٿس، جيڪا تمام گهڻي عجز ۽ انڪساريءَ واري آهي. الله تعاليٰ حضرت مخدوم صاحب کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ اسان گنهگارن کي سندس فيض مان مستفيض ٿيڻ جي توفيق عطا ڪري.

آمين يا رب العالمين بحرمت حبيبک سيدالمرسلين عليه
وعلیٰ آلهٖ واصحابهٖ الصلوٰة والسَّلام الیٰ يوم الدين ٥

**محمد ادريس ڏاهري**
مهتمم
جامعہ محمديہ شاهپور جهانيان،
ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ

## سوانح حيات
### حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ

سندس نالو مبارڪ محمد هاشم، پيءُ جو نالو مولانا عبدالغفور رحہ آهي، ذات جو پنهور هو. سندس نسب جو سلسلو سندس لکت موجب هن طرح آهي: محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمان بن خيرالدين، سنڌي، بنورائي. ان کان پوءِ بهرام پوري اُن کان پوءِ ٺٽوي.• حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو والد مخدوم عبدالغفور پهريان سيوهڻ شريف جو رهاڪو هو پوءِ اتاهين لڏي لاڙ جي پاسي بنوري شهر ۾ رهيو جتي مخدوم محمد هاشم رحہ جي ربيع الاول شريف مهيني جي ڏهين تاريخ سن 1104هہ ۾ ولادت ٿي.* جيئن تہ سندس والده سگهوري بہ نهايت پرهيزگار ۽ نيڪ سيرت عورت هئي، ان جي ڪري سندس گهرو پرورش بہ پاڪيزي ۽ سني ماحول ۾ ٿي هئي. سندس والدين وڏي بخت ۽ ڀاڳ وارا هئا، جن کي الله تعاليٰ اهڙو فرزند ارجمند عطا ڪيو هو جيڪو اڳتي هلي مشهور مفسر، محدث، فقيہ، شاعر ۽ ڪامل ولي بڻيو. الله تعاليٰ کيس حبيب ڪريم، رئوف رحيم، صاحبِ خلق عظيم ﷺ سان تمام گهڻي محبت ۽ عشق عطا ڪيو هو. پاڻ پنهنجي شعرن ۾ جيڪي عشق ۽ الفت وارا نوراني لفظ استعمال ڪيا اٿن، انهن مان سندس عقيدو ۽ مسلڪ صاف صاف ظاهر ۽ سج وانگر روشن آهي. پاڻ عقيدي ۾ پڪا سني هئا، سنيت ۾ پهاڙ وانگر مضبوط ۽ محبت ۾ راسخ هئا.

### علم پڙهڻ ۽ پرائڻ

پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم عبدالغفور کان حاصل ڪيائون. ذهين ۽ ذڪي هجڻ جي ڪري ڇهن مهينن ۾ قرآن

• حاشيہ مقالات الشعراءِ فارسي، صفحو 841

* حاشيہ تڪملہ مقالات الشعراءِ فارسي، صفحو 52



پاڪ حفظ ڪيو هئائون.• پاڻ علم فارسي، صرف نحو ۽ فقہ جا ڪتاب پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا هئائون. عربيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ ٺٽي شهر جي مشهور ۽ معروف مدرس، عربيءَ جي ماهر مولانا محمد سعيد رحہ وٽ حاضر ٿي پڙهندا رهيا. درجہ اوسط يعني وچ وارن ڪتابن کي علامہ محمد سعيد رحہ وٽ پڙهي، حديث شريف جا ڪتاب ۽ ٻي تعليم علامہ ضياءُالدين ٺٽوي رحہ وٽ پڙهيا ۽ 9 سالن جي عرصي ۾ متد اول علوم جي تڪميل ڪري فارغ ٿيا. انهيءَ دوران سن 1113هہ ۾ سندن والد مرحوم مخدوم عبدالغفور وفات ڪئي. پاڻ علم تفسير ۽ حديث شريف ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جو گهڻو شوق رکندا هئا، جيڪو کين سن 1135هہ ۾ حرمين شريفين ۾ حاصل ٿيو. پاڻ رجب شريف جي 12 تاريخ سن 1136هہ مطابق 26 مارچ 1724ع ۾ مديني منوره ۾ پهتا.+

### مخدوم صاحب جا استاد ۽ انهن جو تعارف:

پاڻ، جن وڏن محدثن ۽ بزرگن کان علم حاصل ڪيو هئائون، انهن جا نالا هن ريت آهن:

(1) **سندن والد بزرگوار مخدوم عبدالغفور** رحہ: جنهن 1113هہ ۾ بنوري شهر ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

(2) **مخدوم محمد سعيد ٺٽوي** رحہ: هن بزرگ جي زندگيءَ جو احوال ڪونہ ٿو ملي.

(3) **مخدوم ضياءُالدين ٺٽوي** رحہ: هيءُ بزرگ سهروردي سلسلي جي سالار غوث بهاءُالحق زڪريا ملتاني قدس سره جي مرشد خواجہ شهاب الدين سهروردي رحہ جي اولاد مان هو.

مخدوم ضياءُالدين رحہ 1091هہ ۾ ٺٽي ۾ ڄائو ۽ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي هئائين. گهڻي علم ۽ بزرگيءَ جي هوندي سالڪ ۽ نوڙت وارو هو. سندس عمر 80 سال هئي ۽ سن 1171هہ ۾ وفات ڪيائين.*

• مقدمہ بناءِ السلام، صفحو 6

+ تاريخ ڪلهوڙا اردو جلد 2، صفحو 993

* تحفہ الڪرام سنڌي صفحو 561

(4) **حضرت مولانا مخدوم**رحہ **قدس سره:** هي ڀلارو بزرگ حضرت مخدوم اسحاق بن مخدوم عبدالحميد جو پٽ آهي. هن جي لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق اها آهي ته اهو به مخدوم محمد هاشم صاحب جو استاد آهي. ♦

(5) **حضرت مولانا مخدوم عنايت الله صاحب** رحہ: هيءُ بزرگ مخدوم محمد هاشم جي استاد مخدوم ضياءُالدين جو به استاد آهي. وڏو عالم، متقي ۽ پرهيزگار هو. مخدوم معين الدين ٺٽوي رحہ به هن جو شاگرد هو. پنهنجي وقت جو ناميارو عالم ٿي گذريو آهي.

## مخدوم صاحب جا غير سنڌي استاد

حضرت مخدوم محمد هاشمرحہ جڏهن سن 1135هه ۾ حرمين شريفين جي زيارت ڪرڻ لاءِ پهتو ته اُتي حديث شريف جي علم ۾ هينين استادن کان فائدو ورتائين ۽ سَندون حاصل ڪيائين!

1_ **شيخ عبدالقادر حنفي صديقي مڪي**رحہ: هيءُ بزرگ شيخ ابوبڪر صديقيءَ جو فرزند، گجرات جي مشهور ۽ معروف محدث محمد طاهررحہ جي اولاد مان هو. شيخ عبدالقادر مڪي فصاحت، بلاغت، علم، فضل ۽ فقه ۾ ممتاز ۽ برگزيده هو. مڪي پاڪ جي حرم جو مفتي ٿي رهيو هو. سندس فتوائن جو مجموعو 'فتاويٰ قادريه' جي نالي سان ڇئن جلدن ۾ سندس يادگار آهي. پاڻ سن 1138هه ۾ وفات ڪيائين.

2_ **شيخ عبد بن علي مصري**رحہ: هن ڀلاري بزرگ جا حالات معلوم نه ٿي سگهيا آهن، مگر مصر جي ملڪ سان تعلق رکڻ جي ڪري کيس مصري سڏيندا هئا. سندس وفات سن 1138هه ۾ ٿي.

3_ **شيخ ابو طاهر محمد مدني**رحہ: هن ڀلاري بزرگ جي والد جو نالو ابراهيم هو. ڪُردي مدني سڏيو ويندو هو. پنهنجي والد کان خلافت جو خرقو ڍڪيو هئائين ۽ ٻين بزرگن کان به فيض حاصل ڪيو هئائين.

4_ **شيخ علي بن عبدالمالڪ دراوي**رحہ: هن بزرگ جي حالات متعلق ڪوبه صحيح ۽ سچو احوال ڪونه ٿو ملي، پر سندس اها خبر آهي ته سن 1145هه ۾ وفات ڪيائين.*

---

♦ مقدمو مصلح المفتاح سنڌي صفحو 27



## حضرت مخدوم صاحب مناظرِ اسلام هو

مخدوم محمد هاشم رحہ جي لاءِ غير مسلم جو رايو.

انگريز تاريخ نويس رچرڊ برٽن لکيو آهي ته: مخدوم صاحب هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ فقه جو علم چڱيءَ طرح سکيو. چون ٿا ته مسافريءَ جي وقت ۾ هن عيسائي پادرين سان ڪيترا مناظرا ڪيا ۽ سندن مذهب جي خلاف رسالا پڻ لکيا هئا.•

## روحانيت جي تحصيل

مخدوم صاحب ظاهري علم جي تحصيل کان پوءِ روحانيت ۽ علم طريقت جي حاصل ڪرڻ لاءِ حج تان موٽندي، سورت بندر ۾ رهندڙ هڪ بزرگ **سيد سعدالله قادري**ءَرحہ جي بيعت ڪري ان وٽ رهيو ۽ عبادت ۽ رياضت ڪري، ان بزرگ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. پاڻ قادري مشرب جو هو.o

## مخدوم صاحب جون علمي ۽ تبليغي سرگرميون

مخدوم صاحب علم جي تحصيل کان پوءِ پڙهائڻ سان گڏ دين جي اشاعت ۽ ترويج لاءِ وعظ ۽ تقريرون به ڪندو هو. درس ڏيڻ سان گڏ ڪتابن لکڻ جو سلسلو به شروع ڪري ڇڏيو هئائون. سندس درسگاهه **"مدرسه هاشميه"** ڪري سڏيو ويندو هو. پاڻ هر روز پنهنجي مسجد ۾ ٽپهري نماز کان پوءِ درس ڏيندا هئا ۽ ڪيترا علم جا طالب سندن خدمت ۾ اچي علم حاصل ڪندا هئا.

## مخدوم صاحب جا مشهور ۽ معروف شاگرد

سندن شاگرد تمام گهڻا هئا، پر سندن وجود جي شهرت جي ڪري اهي ايتريءَ مشهوريءَ کي نه پهتا ۽ نه انهن جو ذڪر تفصيل سان ملي ٿو. تنهن هوندي به سندن ڪجهه شاگردن جو ذڪر هتي لکجي ٿو:

---

* مقدمه التحفة المرغوبة عربي ص: 17

• ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 30

o حوالو ساڳيو ص: 32

1_ **مخدوم عبدالرحمان**رحہ: هيءُ بزرگ مخدوم صاحبرحہ جو وڏو فرزند هو حديث شريف ۽ فقه جو وڏو ماهر هو. والد صاحب جي وفات کان پوءِ جهونا ڳڙهه هليو ويو هو ۽ اتي ئي تقريباً سن 1181هه ۾ وفات ڪيائين.

2_ **مخدوم عبداللطيف صاحب**رحہ: هيءُ به مخدوم صاحب جو فرزند هو. صالح، فرمانبردار، علم ۽ فضل جو صاحب ۽ وڏو ڪامل هو. سنڌ جي حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دور ۾ سن 1187هه ۾ قاضي مقرر ٿيو هو.

3_ **مخدوم عبدالخالق ٺٽوي**رحہ: هيءُ بزرگ مخدوم صاحب جو پيارو شاگرد، محبت وارو مريد، سچو صحبتي ۽ سالڪ هو. مخدوم صاحب جي درسگاهه 'مدرسه هاشميه' ۾ نائب معلم طور تعليم به ڏيندو هو. ان هڪ ڪتاب 'مطلوب المومنين' نالي سان سنڌي نظم ۾ تحرير ڪيو هو جنهن کي مخدوم صاحب درست ڪري منظور فرمايو هو. اهو ڪتاب سن 1158هه ۾ لکجي تيار ٿيو هو.

4_ **مخدوم عبدالله نرئي وارو**رحہ: هيءُ ڀلارو بزرگ ذات جو منڊرو بدين تعلقي ۾ مانڊر واري ايراضيءَ ۾ رهندڙ هو. پوءِ اتان لڏي ڪڇ جي پاسي نِرئي نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. اتي ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ اتان به لڏي سري نالي ڳوٺ 'تعلقي ابڙاسي' ۾ وڃي رهيو. ڪڇ جو راجا سندس معتقد هو. هن ڀلاري جو اولاد ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي ۽ سندس ڪتابن جو وڏو ذخيرو سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ رهجي ويو.

5_ **مخدوم ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني**رحہ: هن ڀلاري بزرگ جو نالو غلام حسين بن محمد صادق نقشبندي آهي. مخدوم ابوالحسن "ڪبير" کان جدا سڃاڻپ جي لاءِ هن کي صغير سڏيو ويندو آهي. هيءُ به اصل ٺٽي جو هو ۽ اُتيئي مخدوم صاحب کان علم جي تحصيل ڪيائين. پوءِ وري خوشقسمتيءَ سان مديني منوره ۾ وڃي رهيو ۽ اتي به سنڌ جي نامور عالم مولانا محمد حيات سنڌيءَ مدنيءَرحہ کان علم حاصل ڪيائين ۽ مخدوم محمد حياترحہ جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ تي پڙهائيندو رهيو. ابوالحسن صغير رحہ جا هي ڪتاب يادگار آهن.

(1) شرح نخبۃالفڪر (2) فقه جي مشهور ۽ معروف ڪتاب دِرمختار جو حاشيو (3) مختارالانوار (4) رجال مسند امام احمد بن حنبل وغيره.



6_ سندس وفات رمضان المبارڪ مهيني ۾ سن 1187هه ۾ مديني منوره ۾ ٿي ۽ ڪيس نهايت ئي برڪت واري قبرستان جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.♦

7_ **شاهه فقيرالله شڪارپوري**رحہ: هن بزرگ جا وڏا جلال آباد افغانستان ويجهو حصارڪ ۾ رهندا هئا. سندس ولادت به حصارڪ جي ويجهو روتاس نالي ڳوٺ ۾ سن 1100هه ۾ ٿي. ظاهري علمَ، افغانستان ۽ هندستان جي عالمن کان حاصل ڪيائين. حرمين شريفين ۾ حاضري گهڻي ڏيندو هو. اتي جي محدثن کان به حديث جو علم حاصل ڪيو هئائين طريقت ۾ خواجه محمد مسعود پشاوريءَ ۽ خواجه محمد سعيد لاهوريءَ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائين. جوانيءَ ۾ سير ۽ سفر گهڻو ڪندو هو. آخر سن 1150هه ۾ سنڌ سڳوريءَ جي مشهور ۽ معروف شهر شڪارپور ڪي وطن ڪري ويهي رهيو. حديث پاڪ جي علم جي سند مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان ورتي هئائين. ٻين ديني علمن سان گڏ تصوف ۾ به ڪامل هو. هميشه هدايت ۽ تلقين جو شغل جاري رکندو هو. ان وقت جا وڏا وڏا امير به سندس معتقد هوندا هئا، جهڙوڪ: احمد شاهه ابدالي افغانستان جو والي، نصير خان بروهي قلات جو والي، محبت خان بلوچ مڪران جو والي ۽ ميان سرفراز خان ڪلهوڙو سنڌ جو والي وغيره. پاڻ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ شعر به چوندو هو. بهترين ڪتب خانا هوندا هئس ۽ پاڻ به ڪتاب لکندو هو. جهڙوڪ: (1) **مڪتوبات** (2) **فتح الجميل** (3) **براهين نجات** (4) **فيوضات الاهيه** (5) **طريق الارشاد** (6) **منتخب الاصول** (7) **وثيقه الاڪابر** (8) **قطب الارشاد** (9) **فتوحات غيبيه** (10) **قصيده مبروره** (11) **ڪتاب الازهار** (12) **فوائد فقيرالله (طب ۽ اوراد)** (13) **شرح قصيده بانت سعاد** (14) **ملفوظات** (15) **مجموعه ملفوظات ۽ عمليات** (16) **مثنويءَ جي بعض بيتن جو شرح.**

هن بزرگ ۽ ڀلاري ٻانهي جي وفات صفر مهيني جي 3 تاريخ سن 1195هه تي شڪارپور شهر ۾ ٿي ۽ اتيئي دفن ڪيل آهي. سندس مزار تي ڪيترائي ماڻهو زيارت ڪرڻ لاءِ ايندا رهن ٿا.

♦ ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص 39

8_ **سيد شهمير شاهه متياري**رحہ: هيءُ الله تعاليٰ جو پيارو سيد سچورو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي عزيزن مان هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جو شاگرد هو. سيد شهمير شاهه سنت جي زنده رکڻ ۽ اسلامي مقدمن جي حمايت ۾ تمام گهڻو مبالغو ڪندو هو. هو دين جي ڪم لاءِ طالب علمن جي جماعت وٽي، دين پاڪ جي تقويت لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش ڪندو هو. هن سيد سچوري سن 1177هه ۾ وفات ڪئي.*

9_ **مخدوم نور محمد نصرپوري**رحہ: هيءُ الله تعاليٰ جو پيارو ٻانهو سنئون سڌو مخدوم محمد هاشم رحہ جو شاگرد هو ان جي ڪري اسلامي علمن ۾ وڏي مرتبي جو صاحب هو. هن جو شاگرد مخدوم محمد عثمان متياروي رحہ به وڏو محدث ٿي گذريو آهي، جيڪو مخدوم عبدالواحد سيوهاڻيءَ ۽ مخدوم محمد هاشم جي پوٽي مخدوم ابراهيم رحہ جو همعصر ٿي گذريو آهي.•

10_ **شيخ الاسلام محمد مراد انصاري سيوهاڻي**رحہ: هيءُ صالح ٻانهو سيوهڻ شريف جو رهاڪو هو ان جو لقب شيخ الاسلام هو. پاڻ پنهنجي اهل ۽ اولاد سميت سنڌ مان هجرت ڪري عربستان ۾ وڃي رهيو هو. هن بزرگ قصيدي برده شريف جي پڙهڻ جي اجازت به پنهنجي استاد مخدوم محمد هاشم کان ورتي هئي. وفائي صاحب جو قول آهي ته، شيخ الاسلام مراد انصاري رحہ جي حضرت خضرؑ سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي ۽ ان کان ئي تصوف جو خرقو حاصل ڪيو هئائين. وفات وقت پنهنجي پٽ حسين سنڌيءَ کي چيائين ته اجهو خضرؑ مون کان موڪلائڻ آيو آهي ۽ ان کي تنهنجي پارت ڪئي اٿم، ته ڏکئي وقت ۾ تنهنجي مدد ڪندو رهي. مولانا محمد مراد سيوهاڻيءَ جو پٽ شيخ حسين سنڌي ۽ پوٽو شيخ محمد عابد سنڌي وڏا بزرگ ۽ محدث ٿي گذريا آهن.*

* تحفة الڪرام ص: 442
• ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 41
* تذڪره مشاهير سنڌ ج 2 ص: 248 کان 252



## مخدوم محمد هاشم رحہ جي حق گوئي

دين جي عالمن جي ذميواري آهي ته اهي حق جو پيغام پهچائين، برائين کان منع ڪن ۽ ڀلائيءَ جو امر ڪن. ان معاملي ۾ مخدوم صاحب رحہ وڏي محنت ڪئي ۽ ڪامياب رهيو. مير علي شير قانع ٺٽوي رحہ لکيو آهي ته مخدوم محمد هاشم رحہ سنت جماعت جي مذهب جي تقويت ۽ دين متين جي رسمن کي زنده ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي ڏينهن ۾ سندس ڪوشش سان اهڙا وڏا وڏا ڪم سرانجام ٿيندا هئا، جيڪي سچي دين جي تائيد جو ڪارڻ هوندا هئا. مشرڪن ۽ دين جي دشمنن تي سندس عمل چڱيءَ طرح جاري رهيو. سندس وقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ سوين ذمي ايمان سان مشرف ٿيا. نادر شاهه ۽ احمد شاهه ابداليءَ جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو ڪليل رکندو هو ۽ سندن استدعائن تي دين جي تقويت متعلق دل گهريا حُڪمَ جاري ٿيندا هئا ۽ چڱيءَ طرح عمل ۾ ايندا هئا مطلب ته سندس وجود غنيمت هو.• پاڻ ديني ڪمن لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ۾ رهندو هو. دين جي ترويج ۽ تائيد ڪرڻ سندس نصب العين هو. سندس همت ۽ جرئت کي سلام آهي، جو شريعت پاڪ جي حڪمن جي پابنديءَ ۾ ڪنهن به ننڍي يا وڏي پنهنجي يا پرائي جي پاسخاطري ۽ رک رکاءُ نه ڪندو هو.

## مخدوم صاحب تي محبوب نبي ﷺ جي خصوصي مهرباني

جيڪو به شخص الله تعاليٰ جي دين جي خدمت ڪندو اهو الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول مقبول ﷺ جن جو تمام گهڻو پيارو هوندو آهي. مولانا مخدوم محمد هاشم رحہ به زاهد، عابد، ذڪر ڪندڙ سالڪ، شريعت جو صاحب ۽ حبيب ڪريم، رؤف رحيم ﷺ جو سچو عاشق هو. اُن جي ڪري مٿس محبوب عليه الصلواة جي خاص نگاهه ۽ مهرباني هوندي هئي، جيئن هيٺ لکيل واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو:

• تحفة الڪرام ص: 566

1_ مخدوم محمد هاشم صاحب رحہ پنهنجي استاد مخدوم ضياءَ الدين ٺٽويءَ رحہ جي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ سان گهڻي عقيدت ۽ محبت رکندو هو. ايتري قدر جو سندس ويهڻ واريءَ کٽ کي چنبيندو ۽ صاف ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت ابوالقاسم نقشبنديءَ رحہ وضو پئي ڪيو ۽ ٻانهن ڌوئڻ مهل پاڻي ٺونٺ کان ٿي نايائين، جيڪو هيٺ ڪارائيءَ ۽ هٿ ڏي ٿي وهيو. مخدوم محمد هاشم رحہ کيس عرض ڪيو ته فقه جي ڪتابن موجب پاڻي هٿ ۽ ڪارائيءَ کان مٿي ٺونٺ ڏانهن نائڻ گهرجي. مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ رحہ فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي اهڙيءَ طرح وُضو ڪندي ڏٺو آهي. (ڪنهن وقت غائبانہ ديدار ٿيو هوندو) مخدوم صاحب وري عرض ڪيو ته فقه جي روايت اها آهي، جيڪا مون عرض ڪئي، وڌيڪ اوهان جي مرضي. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي حضوري بزرگ هو ان وقت حضور ﷺ ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ پوءِ فرمايائين ته حضور ﷺ جن فرمائين ٿا ته: جيئن محمد هاشم چوي ائين معمول بڻاءِ. هاڻي جيئن مخدوم صاحب چيو اهڙي نموني ٿو وضو ڪريان'.

**'مقالات الشعراءِ'** جي تڪملي جي صاحب لکيو آهي ته: سبحان الله! مخدوم صاحب جي حق چوڻ جو مرتبو هن مان ڏسڻ گهرجي، جو اهو امر نہ فرض هو نہ واجب بلڪ محض احتياط هو ۽ حضرت مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي تصرف جو بہ ڪمال هو جو اک ڇنڀ ۾ حضور ﷺ جن کان جواب وٺي آيو.•

اهڙن ٻانهن جو ديدار بہ وڏي دولت آهي. ڀٽائي صاحب رحہ فرمايو آهي:

اکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻي ڏانهن **ڪيم** نهار، گهڻو ريسارا سپرين.

2_ هڪ شخص مخدوم محمد هاشم رحہ کان ڪو مسئلو لکايو ۽ تصديق ڪرائڻ لاءِ مخدوم ضياءَ الدين ٺٽويءَ رحہ وٽ کڻي ويو. جيڪو مخدوم

• تڪملہ مقالات الشعراءِ فارسي ص: 44



محمد هاشم رحہ جو استاد ۽ ابوالقاسم نقشبنديءَ رحہ جو مريد هو. اُن اها تحرير ڏسي تصحيح ۽ تصديق نہ ڪئي، چيو ته ان مسئلي ۾ ان جي راءِ ٻي هئي. رات جو خواب ۾ مخدوم ضياءُ الدين رحہ کي حضرت رسول مقبول ﷺ جن جو ديدار ٿيو ۽ پاڻ حڪم فرمايائون ته جيئن محمد هاشم لکيو آهي، اوهان انهيءَ تي فتويٰ ڏيو. مخدوم ضياءُالدين صبح جو انهيءَ ماڻهوءَ کي گهرايو ۽ ان تحرير تي تصديق ڪيائين. ان کان پوءِ جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ان وٽ ڪنهن مسئلي جي لاءِ ايندو هو ته ان کي مخدوم محمد هاشم رحہ وٽ موڪليندو هو ۽ چوندو هو ته حضور ﷺ جن فتويٰ ان جي هٿ ۾ ڏني آهي.

3_ حرمين شريفين جي سفر دوران مخدوم صاحب جڏهن مديني منوره ۾ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني ۽ سلام پڙهيو ته روضي مبارڪ مان حضور ﷺ جن جي طرفان ڪيس سلام جو جواب مليو ۽ ائين ڪيڪاريو ويو ته "ڀلي آئين محمد هاشم ٺٽي وارا!" چو ته محمد هاشم نالي سان ٻيا ماڻهو بہ رسول الله ﷺ جي حرم ۾ حاضر ۽ موجود هئا.•

**سوال:** ائين ڇا جواب ملڻ ممڪن آهي؟
**جواب:** بالڪل ممڪن بلڪ واقع ۽ ثابت آهي. حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحہ جو ڪتاب 'فيوض الحرمين' پڙهو ته اهڙيون عجيب ڪيفيتون معلوم ٿينديون، جو انڪار جي جاءِ نہ رهندي.

### وفات ۽ مدفن

مخدوم محمد هاشم رحہ سڄي عمر دين جي خدمت ڪندي گذاري. جڏهن سندس عمر ستر (70) سالن جي قريب ٿي ته ڪين 16 تاريخ ربيع الاول سن 1174هہ ۾ سخت بخار ٿيو ۽ ان سان گڏ ڪين پيچش جو عارضو بہ رهيو. تان جو رجب شريف جي ڇهين تاريخ خميس جي ڏينهن سن 1174هہ مطابق 1617ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪري دارالبقاء ڏانهن روانا ٿيا.

• ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 28

## مخدوم صاحب جي ڪرامت

سندن خاص ڪرامت هيءَ آهي تہ جنهن حويليءَ ۾ پاڻ بيمار ٿيا، اتيئي وصال ڪيائون ۽ ڪين غسل بہ اتيئي ڏنو ويو هو ان جاءِ تان پنج ڇهہ مهينا خوشبوءِ ايندي رهندي هئي.[*]

## اولاد

مخدوم صاحب رح کي ٻہ پٽ هئا، هڪ **مخدوم عبدالرحمان** جنهن والد جي وفات کان پوءِ جهونا ڳڙهہ ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اتيئي تقريباً 1181هہ ۾ وفات ڪيائين. ٻيو **مخدوم عبداللطيف** رح هن پلاري والد صاحب جي ڪم کي سنڀاليو ۽ سندس وفات بہ ٺٽي شهر ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جي پيرانديءَ کان مڪليءَ ۾ دفن ٿيل آهن.

**مخدوم عبداللطيف** کي هڪ پٽ هو، ان جو نالو مخدوم محمد ابراهيم هو. جنهن جي ولادت سندس ڏاڏي **محمد هاشم** رح جي حياتيءَ ۾ سن 1162هہ ۾ ٿي هئي. هيءُ پلارو ٻانهو ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هو. ٻہ لک ماڻهو سندس مريد هئا. طريقت ۾ **خواجہ صفي الله** ڪابل واري بزرگ جو مريد هو. حضرت خواجہ صاحب کيس خلافت بہ عطا ڪئي هئي. هن جي وفات مڏئي بندر ۾ ڪڇ جي پاسي سن 1225هہ ۾ ٿي. هن جو هڪ پٽ هو، جنهن جو نالو **عبداللطيف** هو. اهو **عبداللطيف ثاني** سڏيو ويندو هو. هن پنهنجي والد کان تعليم ورتي ۽ طريقت ۾ **خواجہ صفي الله** جي بيعت ڪئي هئائين. پنهنجي والد کان خلافت حاصل ڪئي هئائين. سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. **مخدوم عبداللطيف ثانيءَ** کي ٻہ پٽ هئا. هڪ جو نالو **عبدالغفور**، ٻئي جو نالو عبدالله هو. **عبدالله** جو تخلص **’اميد‘** هو. اهي ٻئي بہ سنڌ ۾ جيد عالم هئا. انهن کان پوءِ **مخدوم محمد هاشم** رح جي اولاد مان ٻيو ڪو معلوم نہ آهي.

## مخدوم صاحب رح جي تصنيف ۽ تاليف

مخدوم محمد هاشم رح جي ذات پڙهائڻ سان گڏ تصنيف بہ تمام گهڻي ڪئي آهي. سندس لکيل ڪتاب ڪيترا آهن. انهن ۾

[*] ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ص: 56



اختلاف آهي. سنڌ جي مشهور اسڪالر ۽ اديب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هڪ سؤ پنجن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. مولانا ابراهيم خليل ’مقالات الشعراءِ‘ جي تڪملہ ۾ هڪ سؤ چوڏهن ڪتاب لکيا آهن. مولانا مخدوم امير احمد صاحب رح، مخدوم محمد هاشم رح جي تصنيف جي تعداد جي باري ۾ لکيو آهي تہ ٽن سون کان بہ وڌيڪ آهي. غلام رسول مهر، تاريخ ڪلهوڙا ۾ مخدوم صاحب جي ڪتابن جو تعداد ساڍا ٽي سؤ لکيو آهي، جيڪو بہ انگ مڃيو وڃي تہ ٿورو نہ آهي. الله تعاليٰ هن سنڌ جي سونهاري سرزمين کي اهڙن بزرگن جي صدقي نوازيو آهي. رب پاڪ هميشہ هميشہ سنڌ جي هن سرسبز علائقي کي هر مصيبت کان محفوظ رکي.

آمين، يارب العالمين!

# مدح نامہ سنڌ

## (ترجمو)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سڀ ساراهہ ثابت آهي الله جي لاءِ ۽ آسمان ۽ زمين ۾ شڪرانو ۽ ثنا بہ خاص الله عزوجل جي لاءِ آهي، جو سارو جهان اُن جي قدرت جو ذرو آهي. حمد ۽ تعريف خاص رب العالمين جي لائق آهي، جو هر شيءِ تي قادر هجڻ اُن جو شان آهي ۽ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين ظاهر ۽ لڪل، ان جي جمال واري جهان کي روشن ڪندڙ سج جي جهلڪ آهي ۽ هستيءَ ۽ موجودات هيٺاهينءَ ۽ مٿاهينءَ جي سيني ذرن جي زبان اُن جي جلال جو ذڪر ڪندڙ آهي:

*خداوندِ زمين و آسمانها*

*بود روزی رسان جمله جهانها۔*

’زمين ۽ آسمانن جو مالڪ سيني ساهہ وارين شين کي روزي پهچائيندڙ آهي.‘

*خلائق را بود از لطف اوکام*

*همه عالم ازو دارد سرانجام۔*

’ساري مخلوق، کي اُن جي مهربانيءَ سان مراد حاصل ٿيندي آهي، سڄو جهان ان کان ئي ڪاميابي حاصل ڪندڙ آهي.‘

ساري مخلوق شريف آهي يا ڪميڻي، سڀ ان جا فرمانبردار آهن ۽ الله تعاليٰ غني، ساراهيل ۽ هر شيءِ تي حاضر آهي ۽ الله پاڪ خالق، پيدا ڪندڙ صورت بخشيندڙ قوت ۽ بخش ڪرڻ جو مالڪ آهي ۽ ان جي ذات جون صفتون بي انتها آهن، جو جيڪڏهن درياهہ ۽ ڪڪرن جو سمورو پاڻي مس بڻائجي ۽ ننڍا ۽ وڏا وڻ قلم ڪجن ۽ مڙئي مٿيءَ مان پيدا ڪيل انسان ۽ ملائڪ لکندڙ هجن ۽ ازل کان ابد تائين

ويهي لکن، تہ بہ ان جي بي انتها درياهہ مان هڪ ڦڙو بہ لکيل نہ ٿئي ۽ ان جي صفتن مان هڪ ذرو بہ ڳڻيل نہ ٿئي. ”چہ گويم سخن برزبان آفرين“ يعني ’مان زبان پيدا ڪندڙ (مالڪ) جي ڪهڙي تعريف ڪريان‘. ان آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪندڙ جي ثنا کان پوءِ ڪائنات جي سردار، موجودات جي خلاصي پسند ڪيل هدايت جي نور، اونداهيءَ کي چمڪائيندڙ چنڊ، روشنيءَ جي سج، وڏي پرهيزگار، وڏيڪ صفائيءَ واري، الله تعاليٰ جي چونڊيل، حضرت محمد مصطفيٰ عليه وعليٰ آلهٖ واصحابهٖ وازواجهٖ وذُريٰتهٖ واهل بيتهٖ واحبابهٖ افضل الصلوٰة واکمل التحيات، تي درود آهي.

اشعار

محمدّ گوهرِ درج رِسالت

محمدّ اخترِ برجِ جلالت۔

’محمد (ﷺ) رسالت جي درج (بند ٿيل دبي) جو گوهر آهي. محمد (ﷺ) جلال جي برج جو ستارو آهي.‘

محمدّ سرورِ سالارِ دين است

محمدّ رحمت للعالمين است۔

’ محمد (ﷺ) دين جو سردار ۽ سالار آهي. محمد (ﷺ) جهانن جي لاءِ رحمت آهي.‘

محمدّ پيشوائے دوجهان است

محمدّ رهنمائے انس وجان است۔

’محمد (ﷺ) ٻنهي جهانن جو اڳواڻ ۽ انسانن ۽ جنن جو رهنما آهي.‘

محمدّ صدرِ ديوانِ قيامت

محمدّ دُرِ دريائِ کرامت۔

’ محمد (ﷺ) قيامت جي دفتر جو صدر ۽ ڪرامت جي درياهہ جو موتي آهي.‘





دليلِ شرع برهانِ طريقت

امينِ دينِ سُلطانِ حقيقت۔

’شريعت جو دليل، طريقت جو برهان، دين جو امين، حقيقت جو سلطان آهي.‘

خدايش بر خلائق برگزيده

همہ عالم زبهرش آفريده۔

’الله تعاليٰ ان کي مخلوقات ۾ چونڊيو آهي ۽ سڄو جهان اُن لاءِ پيدا ڪيو اٿس.‘

رسولِ حضرتِ رب الجليل است

بخلق وخلقت از نسلِ خليل است۔

’الله جليل جو رسول آهي. اخلاق ۽ پيدا ٿيڻ ۾ خليل (عليہ الصلواة والسلام) جي نسل مان آهي.‘

بقومِ مرسلاں سالار و سرور

شفيعِ روزِ محشر نزد داور۔

’مرسلن جي جماعت جو سالار ۽ سردار آهي. قيامت جي ڏينهن الله وٽ شفاعت ڪندڙ آهي.‘

خداوندش کہ باشد خاص وعامش

نهاده احمدِ مختار نامش۔

’عام ۽ خاص (خُلق) ۾ جيڪي بہ آهي، الله تعاليٰ ان جو نالو احمد مختار رکيو آهي.‘

بجان و دل مطيع چار يارم

بوصف ونامِ شاں هريک شارم۔

’دل ۽ ساهہ سان چئن يارن جي تابعداري ڪندڙ آهيان، هر هڪ کي نالي ۽ وصف سان بيان ٿو ڪريان.‘

اميرالمؤمنين ابّوبکر صديق

کہ علمِ دين ودانش کرد تحقيق۔

’مومنن جو امير ابوبڪر صديقؓ آهي، جنهن دين جي علم ۽ ڄاڻ جي تحقيق ڪيائين.‘

*عمرآن بادشاهِ عدل و انصاف*
*که از عدلش غبارِ ظلم شد صاف۔*

’عمرؓ عدل ۽ انصاف وارو بادشاهه آهي، ان جي عدل سان ظلم جوغبار صاف ٿيو.‘

*بود عثمان حياء و حلم راکان*
*نهاده حق حيا در شانِ عثمان۔*

’عثمانؓ حياءَ ۽ بردباريءَ جي کاڻ هو الله تعاليٰ حياءَ عثمان ﷺ جي شان ۾ رکيو آهي.‘

*شهِ مرداں که تيغ ذوالفقارش*
*علي المرتضيٰ دلدل سوارش۔*

’مردن جو بادشاهه جنهن جي تلوار ذوالفقار هئي، علي مرتضيٰؓ آهي، جيڪو دلدل تي سوار هوندو هو.‘

صلي الله تعاليٰ عليٰ خير خلقهٖ سيّدنا محمد وآلهٖ واصحابہ اجمعين.

**اما بعد**

الله جي ٻانهن ۾ گهڻو ضعيف، الله جي رحمت ۾ اميد رکندڙ جنهن جا صالح عمل ٿورا ۽ گناهه گهڻا آهن. جيڪو سڄي جهان کان گهٽ آهي يعني محمد هاشم ٺٽوي چوان ٿو ته **”مان جڏهن حج شريف کان موٽي آيس ته سنڌ جي گهٽتائيءَ ۽ توهين جي موضوع تي هڪڙو ڪتاب لکيل ڏٺم. جڏهن مطالعو ڪيم ته هڪ افغانيءَ جو لکيل هو. ان لکندڙ جو نالو عبدالرؤف خان هو جنهن سنڌ جي توهين ۽ مذمت ڪئي هئي ۽ بنا فائدي جي مغز هنيو ۽ اجايو وقت وڃايو هو. مون جڏهن پڙهي ڏٺو ته حيران ٿيس. حيرت ۾ رهندي دل ۾ خيال ڪيم ته، جيڪڏهن ماٺ ڪري رهندس (۽ اُن جو جواب نه ڏيندس) ته سنڌ جي گهٽتائي ثابت ٿيندي ۽ جڏهن ثابت ٿي ته مان بہ ان ۾ داخل آهيان. جنهن سنڌ جي برائي بيان ڪئي، تنهن ڄڻ ته منهنجي برائي ۽ توهين ڪئي.** هيءُ مون ان جو جواب لکيو آهي، جيڪو هر داناءَ جي دل کي پسند ايندو ۽ بزرگن جي نظر ۾ مقبول ٿيندو.“





”اي افغاني! ٻار، بيوقوف، اچ! ڇا چيو اٿئي ۽ پنهنجو وقت سنڌ جي گلا ڪرڻ ۾ وڃايو اٿئي، هينئر جواب ٻڌ! تون پڻ عقل ۽ فصاحت جي ميدان ۾ علم جي گوءِ ظاهر ڪر ۽ دانائيءَ جي ميدان ۾ علم، عقل ۽ سمجهه جو تنبو ظاهر ڪري هڻ ۽ هن مسڪين سان جهيڙو نہ پر (علمي) مقابلو ڪر، ته تنهنجي علم جي ڄاڻ ۽ عقل جي خبر پوي. ۽ هيءُ ڪهڙو ڪتاب لکيو اٿئي ۽ بنا فائدي جي عمر وڃائي اٿئي. (هاڻي) هر هڪ اعتراض جو جواب ٻڌ.

**اعتراض:1**

**سوال** ڪيو اٿئي ته سنڌ ۾ عقل نہ آهي، مڙئي بيوقوف آهن.

**جواب:1**

هيءَ خالص خطا آهي. سنڌ ۾ عقل، سمجهه، سياڻپ، تمام گهڻي آهي، پر دشمن کي ڪجهه نظر نہ ٿو اچي. ڀلا جيڪڏهن فرضي طور چئون ته سنڌ ۾ عقل نہ آهي ته اعتراض ڪنهن تي ٿو ڪرين، جنهن پاڪ ذات سنڌ کي پيدا ڪيو آهي؟ سنڌ ملڪ کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن (تنهنجي چوڻ مطابق) هن ملڪ ۾ عقل گهٽ رکيو آهي، ته بہ الله تعاليٰ رکيو آهي ۽ مخلوق مان عيب ڪيڻ، خاص الله مان عيب ڪيڻ (جي برابر) آهي، ڇو ته جيڪي ڪري ٿو اُهو ٿو ڪري. (جيئن هن آيت سڳوريءَ ۾ آيل آهي)

قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِکَ الْمُلْکِ تُؤْتِي الْمُلْکَ مَنْ تَشآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْکَ مِمَّنْ تَشَآءُ وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ بِيَدِکَ الْخَيْرُ اِنَّکَ عَلٰى کُلِّ شَيءٍ قَدِيْرٌ

فرمايو (اي حبيبؐ) ته اي الله! اي ملڪ جا مالڪ، جنهن کي گهرين، تنهن کي بادشاهي ڏين ۽ جنهن کان گهرين، تنهن کان بادشاهي کسين ۽ جنهن کي گهُرين عزت ڏين ۽ جنهن کي گهُرين ذليل ڪرين. تنهنجي (قدرتي) هٿ ۾ ڀلائي آهي، بيشڪ تون سڀ شيءِ تي قادر آهين. *

گلا ڪرڻ داناءَ جي لائق نہ آهي، گلا عظيم گناهه ۽ وڏي غلطي آهي. شايد ڀلارن جو قول تنهنجي دل تان وسريل آهي، جو فرمايو اٿن:

* سورة آل عمران آيت نمبر 25

’(ڪنهن جي) برائي (بيان) نہ ڪر، جو تون پاڻ برائيءَ ۾ پوندين ۽ (ٻئي لاءِ) کڏ نہ کڻ، جو پاڻ اُن ۾ ڪرندين ۽ گلا ڪرڻ وڏي اونهي کڏ آهي، جا گلا ڪندڙ پنهنجي لاءِ کٽي ٿو.‘

**’مطالع الانوار‘** ۾ امير خسرو آندو آهي تہ، هڪ شخص بدشڪل ۽ خراب منهن وارو هو. (ٻئي) ڪنهن شخص ان ڏانهن ناپسنديءَ جي نظر سان نهاريو ۽ ان کي بڇڙي صورت وارو سڏيو. تہ ان شخص کيس جواب ڏنو تہ مون پنهنجي صورت پاڻ پنهنجي هٿ سان تہ نہ ٺاهي آهي (جو مون کي خراب شڪل وارو ٿو سڏين). جيڪڏهن تون ٺاهي ٿو سگهين تہ منهنجي صورت کي سهڻو ڪري ٺاهہ. اُهو (عيب ڪيندڙ) شخص (اهو جواب ٻڌي) ڏاڍو شرمسار ٿيو.

**’رشيد المجالس‘** ۾ آندو اٿس تہ گلا ڪندڙن تي بهشت حرام آهي. هڪ ڪتاب ۾ مون ڏنو آهي تہ، هڪ شخص جي شڪل بڇڙي هئي. ڪو ماڻهو ان کي ڏسي کليو تہ اُن شخص کيس چيو: مون تي ٿو کلين يا منهنجي پيدا ڪندڙ تي؟ اهو (کلندڙ شخص) ڏاڍو شرمسار ٿيو.

**جواب:2**

هن ملڪ ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄندڙ ۽ نماز ۽ روزي جا صاحب گهڻا آهن (۽ اهي ئي عقلمند آهن) ۽ جيڪو عقلمند ۽ داناءُ (سڏائيندڙ تہ) آهي، پر الله تعاليٰ کان نہ ٿو ڊڄي ۽ ان جو فرمان پورو نہ ٿو ڪري تہ ان کي داناءُ چئي نہ سگهبو. حضرت رسول الله ﷺ فرمايو آهي! **اهل الجنه بلـه.** ’(گهڻا) جنتي (دنيا جي لحاظ سان) ٿوري عقل وارا آهن‘، ۽ اهي الله تعاليٰ جي فرمان کي پورو ڪرڻ ۾ داناءَ هوندا. ۽ هي (سنڌي) ماڻهو جيڪڏهن (تنهنجي چوڻ مطابق) کٽي ٿوري عقل وارا آهن، تہ بہ نماز پڙهڻ ۽ روزي رکڻ ۾ داناءَ آهن، جيڪي ماڻهو نماز نہ ٿا پڙهن، اسان کي انهن جي عقل سان ڪهڙو ڪم ۽ انهن جي داناءَ هجڻ تي ڪهڙو اعتبار؟ ۽ هيءُ جو چيو اٿن تہ ’العقل نصف الڪرامة‘. (عقل اڌ ڪرامت آهي)، ان مان مراد ديني ڪمن ۾ عقل جو هجڻ آهي، (صرف) دنياوي عقل نہ آهي، ڇو تہ جڏهن ڪوبہ ماڻهو عقل وارو هوندو تہ الله تعاليٰ کان ڊڄندو ۽ آخرت جو ڊپ رکندو ۽ هن ملڪ (سنڌ) ۾ غريب ماڻهو





۽ الله تعاليٰ کان ڊڄندڙ گهڻا آهن ۽ دانائي حق جي واٽ ۾ هجي، نہ اها، جو رڳي دنيا ۾ ڪم اچي.

**اعتراض:2**

سنڌ ۾ علم گهٽ آهي.

**جواب**

اهو چوڻ بہ اجايو آهي، ڇو تہ علم عمل ڪرڻ لاءِ گهرجي، نہ زياده ـ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ هتي علم گهڻو آهي. صرف هن شهر (ٺٽي) ۾ جتي اسين آهيون، علم جا بہ (وڏا) درسگاهہ آهن ۽ سنڌ ۾ ٻين جاين تي بہ علم گهڻو آهي. علم اهو ڀلو جنهن تي عمل ڪجي. عمل کان سواءِ علم پڙهڻ مٽيءَ جي برابر آهي. علم پڙهڻ مان هدايت حاصل ڪرڻ گهرجي، نہ گمراهي. ڪيترن هندن/ ڪافرن هندستان ۾ علم پڙهي تحصيل ڪئي آهي، پر اُنهن هدايت قبول نہ ڪئي تہ انهن جي علم کي علم ئي چوڻ نہ گهرجي. اُتي (هندستان ۾) عمل جي مقابلي ۾ علم گهڻو آهي. ڇوڙي آهي تہ بنا عمل جي عالم ڄڻ تہ بنا ماکيءَ جي مک آهي ۽ هن ملڪ (سنڌ ۾) جيڪڏهن ڪو ماڻهو صرف قرآن ڪريم پڙهيل آهي، تہ بہ نماز پڙهي ۽ روزو رکي ٿو ۽ بدعت (سيئہ) جي واٽ کان پري ٿو رهي ۽ حق جي واٽ تي هلي ٿو. پر جيڪو پڙهي ۽ (حق) نٿو ڄاڻي تہ ان کي عالم نٿو چئي سگهجي. هندستان ۾ علم معقول، منطق گهڻو ٿا پڙهن ۽ معقول گهڻي پڙهڻ جي ڪري گمراهيءَ جي واٽ ٿا وٺن ۽ گمراهہ ٿا ٿين. الحمدلله، جو اهو علم سنڌ ۾ نہ آهي ۽ نہ ڪي ڄڃائي. علم اهو ڀلو جو محمدي شريعت تي مستقيم رکي، سڌي واٽ وٺائي ـ ۽ اهو علم هن ملڪ (سنڌ) ۾ گهڻو آهي. هن (ٺٽي جي) شهر ۾ جتي اسين رهندا آهيون، فيضي، فاضل ۽ فضل مشهور شاعر آهن ۽ سيد رشيدالدين بہ آهي، جنهن عربيءَ ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ لغت جو ڪتاب ٺاهيو آهي ۽ سعيدالدين حسينيءَ، قرآن ڪريم جو تفسير لکي موتي پويا آهن. اهو تفسير پنجويهہ (25) جلد آهي، (ان جو نالو) ’دارالبحر‘ آهي ۽ محمد معين ’قاضي القضاة‘ دارالمسئله ۽ هدايت المومنين (ڪتابن جو) مصنف آهي، ان ۾ اڪثر مجتهدن جا قول ڪم ۾ آندا اٿس. اهو مشهور ۽ معروف آهي. شيخ محمد صالح (پنهنجي) وقت جي عالمن مان هڪ وڏو عالم ۽ وعظ ڪندڙن جو رئيس آهي. ان هڪ ڪتاب تصنيف

ڪيو آهي. جيڪو نصيحت ۽ وعظ جي احوال ۾ گهڻو سهڻو ۽ دانشمندن جي نظر فيض اثر جو مقبول آهي. ان جو نالو ’انوارالوعظ‘ آهي. ستيتاليهہ (47) جلد آهن- ۽ ٻيا ڀلارا بزرگ ۽ عالم بہ مشهور آهن. جيڪي هن شهر ۾ هئا ۽ هاڻي ساهہ الله تعاليٰ جي حوالي ڪيو اٿن (وفات ڪري ويا آهن) ۽ ڪيترا ڪتاب يادگار ڇڏي ويا آهن. انهن جي پوياں يقين جي صاحبن کان فيض حاصل ڪندڙ هيءُ ٻانهو (محمد هاشم) حاضر آهي. جيڪو ڏينهن ۽ رات، الله تعاليٰ کان هدايت ٿو گهري، نہ گمراهي.

*شعر*

*علم هماں بہ کہ هدايت کند،*

*علم هماں کہ ضلالت کند-*

’علم اهو ڀلو آهي جو هدايت ڪري، اهو علم نہ جو گمراهہ ڪري.‘

’وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحۡسِنِيۡنَ.‘

’وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيۡنَ٥‘

’الله احسان ڪندڙن ۽ پاڪائي ڪندڙن سان محبت ٿو رکي.‘*

۽ جيڪڏهن هيءَ آيت آڻيو:

وَالَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ دَرَجٰتٍ

’يعني جن کي علم ڏنو ويو انهن جي درجن کي الله تعاليٰ بلند ٿو ڪري.‘•

تہ ان جو صحيح مفهوم مون کان ٻڌو. الله تعاليٰ جي ان فرمان مان مراد آهي تہ جن کي هدايت جو علم ڏنو اٿئون. انهن جا درجا بلند ڪيا آهن- ۽ جيڪڏهن (مطلق) علم مراد وٺندؤ تہ مون کان ان جي باري ۾ مثال ٻڌو. مثلاً: جيڪڏهن ڪو ڪافر صرف، نحو منطق ۽ تفسير پڙهي تہ ان جا درجا بلند ٿيئي نہ سگهبا ۽ اها آيت سڳوري ان جي شان ۾ نہ آهي، ڇو تہ ان جي جاءِ جهنم آهي. شيطان کي بہ علم گهڻو هو ۽ ٻين کان علم ۾ اڳرائي ڪري ويو هو بلڪ ملائڪن کي بہ علم ٿي پڙهايائين ۽ انهن جو استاد هو.

* سورة آل عمران آيت 222 – 134

• سورة المجادلہ آيت 11





پر جڏهن هدايت جي واٽ کان ٿڙي، ٻي فرماني ڪيائين تہ ان تي لعنت جو طوق اچي ويو. گهڻيون دانهون ڪيائين. پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. جهڙيءَ طرح شيطان جو حال برو آهي ۽ علم ان کي ڪوبہ فائدو نہ ڏنو ان جي عبادت، علم سڀ اجايو ويو (اهڙيءَ طرح بي عمل عالم جو علم بہ بيڪار آهي) اي الله! اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. اي جهانن جا رب هيءَ دعا قبول ڪر!

**اعتراض: 3**

سنڌ ۾ دنيا ناهي، مڙئي محتاج آهن.

**جواب**

هيءَ بہ تنهنجي بيوقوفي آهي، ڇو تہ دنيا جو گهڻو هجڻ برو آهي، چڱو نہ آهي ۽ قناعت سيني شين کان ڀلي آهي، نہ حرص ڪرڻ، کائڻ ۽ پائڻ جي لاءِ. دولت هن ملڪ (سنڌ) ۾ گهڻي آهي ۽ دنيا، کائڻ، پائڻ ۽ الله تعاليٰ جي نالي تي ڏيڻ لاءِ آهي، رکڻ لاءِ ناهي- ۽ اها ئي ڳالهہ آهي، جنهن جي شيخ مصلح الدين سعدي شيرازيؒ* خبر ڏني آهي: ”رکڻ لاءِ جهڙو پٿر اهڙو سون.“ دنيا جي معني ئي آهي هڪ هٿ مان نڪري ٻئي هٿ ۾ اچڻ ۽ (گهڻي) دنيا ڪميڻي آهي، ڪڏهن هٿ ۾ اچي ٿي، ڪڏهن وڃي ٿي.

وحدت الاهيءَ جي بازار ۾ عطر وڪڻندڙ شيخ فريدالدين عطارؒ • فرمايو آهي:

* الله تعاليٰ جي هن پياري ٻانهي جو نالو شرف الدين، لقب مصلح ۽ تخلص سعدي آهي. شيراز سندس اصلي وطن آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو عبدالله آهي، جيڪو وڏو پرهيزگار ۽ متقي ٿي گذريو آهي. حضرت شيخ سعدي رحہ جي ولادت تقريباً 589 هہ مطابق 1192ع ۾ ٿي. پاڻ بغداد شريف جي مدرسہ نظاميہ ۾ پڙهيا. ان وقت هن مدرسي کي هڪ عظيم يونيورسٽيءَ جي حيثيت حاصل هئي. پاڻ حضرت شيخ محدث عبدالرحمن بن الجوزيءَ جا شاگرد آهن. شيخ سعدي علم جي تحصيل کان پوءِ سير ۽ سياحت سان گهڻي دلچسپي رکي. سندس ٽي ڪتاب ڪريما، گلستان ۽ بوستان ديني مدرسن ۾ گهڻو پڙهايا ويندا آهن ۽ بي انتها مقبول آهن. حضرت سعديرحہ هڪ سؤ سالن کان مٿي عمر گذاري سن 691هہ مطابق 1292ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي تاريخ ”خاص“ لفظ مان نڪري ٿي:

ز خاصان بود زان تاريخ شد خاص 691هہ

(ماخوذ از شعرالعجم، جلد 2، ص 40، اسلامي انسائيڪلوپيڊيا ص 939)

• هيءُ الله تعالي جو پيارو ٻانهو ۽ مشهور صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس ڪتاب ’پند نامہ‘ ديني مدرسن ۾ پڙهايو ويندو آهي. هي ڀلارو ٻانهو نيشاپور جي ويجهو ڪدڪن نالي ڳوٺ اندر

*زال دنيا چوں عروسِ آراستہ*
*ہر دو روزے شوئے ديگر خواستہ۔*

’يعني دنيا نئين سينگاريل ڪنوار وانگر آهي، جيڪا ٻن ڏينهن ڪان پوءِ ٻيو مڙس گهرندي آهي.‘

پلا جيڪڏهن هن ملڪ (سنڌ) ۾ (تنهنجي چوڻ مطابق) دنيا (بلڪل) نہ آهي تہ اوهان هتي (سنڌ ۾) واپار ڪرڻ لاءِ ڇو ٿا اچو؟ ۽ هتان ئي اوهان ڪي بچت ٿئي ٿي، نہ ٻئي ملڪ مان. هن ملڪ ۾ مسڪينيءَ هوندي بہ هن ملڪ جا ماڻهو دنيا ڪمائڻ لاءِ ٻئي ولايت ۾ نہ ٿا وڃن ۽ افغان هتي (سنڌ ۾) گهڻو پريشان، دربدر، مٽي ۾ مٽي پيل، ڦرندا ۽ مزدوري ڪندا وتندا آهن ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو بہ سنڌ ۾ گهڻا آهن. دنيا گهڻي هجڻ چڱي بہ نہ آهي، ڇو تہ جيڪڏهن گهڻي ٿئي ٿي تہ برائي بہ گهڻي شروع ٿيندي آهي ۽ الله تعاليٰ کان منهن موڙڻ جو سبب بڻجندي آهي، جيئن شيراز جي مٺي گفتار واريءَ بلبل، حافظ شيرازيءَ فرمايو آهي:•

*اگر دنيا نہ باشد درد مندم*
*وگر باشد بمہرش پابندم۔*

’جيڪڏهن دنيا نہ هوندي آهي تہ درد وارو هوندو آهيان ۽ جيڪڏهن آهي تہ اُن جي محبت ۾ قيد هوندو آهيان.‘

---

شعبان مهيني ۾ سن 513هہ مطابق 1119ع ۾ ڄائو هو. سندس اصل نالو محمد بن ابراهيم هو. فريدالدين هڪ تعظيمي لقب هوس. پنهنجي ساري ڄمار عبادت، غور ۽ فڪر ۾ صرف ڪيائين. هڪ مڪمل صوفي بزرگ هو ۽ صوفين جون نصيحتون شعرَ ۽ اخلاقي گفتا گڏ ڪيا هئائين. انهيءَ ڪم ۾ سندس عمر جا اوڻيتاليهہ سال گذريا. پاڻ مصر، شام، هندستان ۽ ترڪستان جا سفر بہ ڪيائين. آخر سن 627هہ مطابق 1230ع ۾ 114 سالن جي عمر ۾ شادياخ نالي هڪ ڳوٺ ۾ تاتارين جي هٿان شهيد ٿيو. (از: مقدمہ منطق الطير)

• هن صوفي ۽ سالڪ بزرگ جو نالو بهاءُالدين اصفهاني آهي. هي اصل ۾ اصفهان جو هو. اتابڪن جي حڪومت ۾ اصفهان کان نڪري شيراز ۾ پهتو. حافظ صاحب جي والده گاذرون جي هئي. حافظ صاحب جي ولادت 726هہ ۾ ۽ وفات 791هہ ۾ ٿي هئي. سندس عمر 65 سال هئي.
پاڻ پنهنجي پائرن ۾ ننڍو هو. محنت ڪري قرآن ڪريم ياد ڪري فارسي ۽ عربي علم ۾ عبور حاصل ڪيائين. ويهن سالن جي عمر ۾ شعر گوئيءَ ۾ بہ ڪمال حاصل ڪيائين. سندس شعرن جو مجموعو ’ديوان حافظ‘ جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي. (مقدمہ ديوان حافظ: مترجم)





*بلائے زين جہاں آشوب تر نيست*
*کہ رنجِ خاطر است از ہست و نيست۔*

’هن جهان ۾ هن کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڪابہ مصيبت نہ آهي، ڇو تہ دل جو ڏک آهي، جيڪڏهن آهي ۽ جيڪڏهن ناهي.‘

ٻئي شاعر (هن طرح) فرمايو آهي:

*حالِ دنيا سربسر پُرسيدم از فرزانہء*
*گفت يا خاک است يا باد است يا افسانہء۔*

’دنيا جو حال هڪ داناءَ کان پڇيم تہ فرمايائين يا مٽي آهي يا واءُ آهي يا افسانو آهي.‘

حضرت علي رضي الله عنہ فرمايو آهي:

رَضِيۡنَا قِسۡمَةَ الۡجَبَّارِ فِيۡنَا
لَنَا عِلۡمٌ وَّلِلۡجُهَّالِ مَالٌ

’جيڪا تقسيم اسان جي حق ۾ الله تعاليٰ ڪئي آهي، اسين ان تي راضي آهيون، جو اسان جي لاءِ علم آهي ۽ جاهلن جي لاءِ مال آهي.‘

فَاِنَّ الۡمَالَ يَفۡنِيۡ عَنۡ قَرِيۡبٍ
وَاِنَّ الۡعِلۡمَ لَيۡسَ لَهٗ زَوَالٌ

’بيشڪ مال جلد فنا ٿي ويندو ۽ علم لاءِ فنائيت نہ آهي.‘

حضرت سيد المرسلين، خاتم النبين، محبوب رب العالمين ﷺ فرمايو آهي:

مَنۡ اَرَادَ الدُّنۡيَا فَلَهُ الدُّنۡيَا وَمَنۡ اَرَادَ الۡعُقۡبٰى فَلَهُ الۡعُقۡبٰى
وَمَنۡ اَرَادَ الۡمَوۡلٰى فَلَهُ الۡمَوۡلٰى

’جنهن دنيا جو ارادو ڪيو، ان لاءِ دنيا آهي ۽ جنهن آخرت جو ارادو ڪيو ان لاءِ آخرت آهي ۽ جنهن الله جو ارادو ڪيو ان لاءِ الله آهي.‘

دنيا جو طالب عورت، آخرت جو طالب ڪدڙو ۽ الله تعاليٰ جو طالب مرد آهي. حديث ۾ آيو آهي تہ دنيا ڍوڻ آهي ۽ اُن جي طلب ڪندڙ ڪتا آهن. ڪنهن شاعر بہ هن روايت جي معنيٰ هن طرح بيان ڪئي آهي:

*کہ دنیا است مردار طالب سگ است*

’دنيا ڍونڍ آهي، ان جي طلب ڪندڙ ڪتو آهي.‘

مسڪيني ڀلي آهي (ان ۾ جيتوڻيڪ سوال ڪرڻو ٿو پوي)، پر اهو سوال ڪرڻ ضرورت جي وقت حلال آهي، حرام نہ آهي ۽ حلال شيءِ ۾ عيب نہ آهي. سوال ڪرڻ جي باري ۾ شيخ سعديؒ هن طرح فرمايو آهي ۽ حقيقت جا موتي پويا آهن:

*چو رخت از مملکت بربستہ خواہی،*

*گدائی بہتر است از بادشاہی۔*

’يعني جڏهن بادشاهيءَ تان بہ سامان ٻڌي هلندين (مرندين) تہ بادشاهيءَ ڪرڻ کان گدائي ڀلي آهي.‘

ٻيءَ جاءِ تي هن طرح فرمايو اٿس:

*گدا بادشاہست نامش گدا*

’پينو بادشاهہ آهي، ان جو نالو پينو (گدا) آهي.‘

الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ سڀني کي فقير ڪري سڏيو آهي.

وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ وَاَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ

’الله غني آهي ۽ اوهان محتاج آهيو.‘+

– ۽ جيڪڏهن سوال ڪرڻ برو هجي ها تہ حضرت (حبيب ڪريم ﷺ) کان ڪوبہ سوال نہ ڪري ها ۽ حضور ﷺ (ضرورت ۾ بہ) سوال ڪرڻ جي مذمت بيان ڪن ها. پر الله تعاليٰ سائلن جي باري ۾ هن طرح ارشاد فرمايو آهي:

”وَاَمَّاالسَّائِلِ فَلَاتَنْهَرْo“

’۽ سائل کي نہ جهڻڪ‘*

علامہ جلال الدين روميؒ◆ ’مثنوي مولانا روم‘ ۾ ان جو بيان هن طرح آندو آهي:

+ سورة محمد، آيت 38

* سورة الضحيٰ، آيت 9





*روئے خوباں ز آئینہ زیبا شود،*

*روئے احساں از گدا پیدا شود۔*

’حسينن جو منهن آئيني ڏسڻ سان سهڻو ٿيندو آهي. احسان جو منهن وري سوال ڪرڻ واري جي صدقي سهڻو ٿيندو آهي.‘ (جيڪڏهن سوال ڪندڙ نہ اچي تہ سخاوت جو اظهار ڪيئن ٿئي)

*زیں سبب فرمود حق در والضحیٰ*

*اے محمدؐ بانگ کم زن بر گدا۔*

’ان ڪري الله تعاليٰ (سورة) والضحيٰ ۾ فرمايو آهي، تہ اي محمد (ﷺ) سوال ڪندڙ تي آواز ڏاڍيان نہ هڻ، يعني ان کي ڇڙٻ نہ ڏي.‘

*چوں گدا آئینۂ جود است ہاں*

*دم بود برروئے آئینہ زیاں۔*

’جڏهن سوال ڪندڙ سخاوت جو آئينو آهي تہ آئيني جي منهن تي اُف هڻڻ نقصان آهي.‘

دنيا ايتري قدر هجي، جو قوت ۽ گذران ٿئي. دنيا (سنڌ ۾) ايتريقدر گهٽي آهي، جو ماڻهو جوئر جي ماني ۽ مڇي کائي سنو گذر ٿا ڪن. ڪنهن جي محتاجي نہ اٿن ۽ جيڪي هي چوندا آهن، تہ مڇيءَ جي کائڻ سان عقل گهٽجي ٿو، اهو بہ ڪوڙ آهي، ڇو تہ جيتري مڇي بنگال ۾ ٿا کائين، ڪٿي بہ ڪونہ ٿا کائين ۽ انهن کي ايترو عقل آهي، جو (هرو ڀرو) جتي ڪٿي نہ هوندو ۽ اهي قناعت ڪن ٿا. (جيئن هن شعر ۾ آهي)

*قناعت تونگر کند مرد را*

*خبر دہ حریصِ جہاں گرد را۔*

◆ هي مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي سندس نالو محمد لقب جلال الدين آهي. سندس والد صاحب جو نالو شيخ بهاءُالدين الولد محمد بن حسين بن احمد البلفي هو، جيڪو شيخ نجم الدين ڪبريٰ جو خاص مريد هو. علامہ روميءَ جي ولادت 6 ربيع الاول جمعي جي ڏينهن سن 602هہ مطابق 1207 عيسوي تي ٿي هئي. پاڻ حضرت شمس الدين تبريزيءَ ؒ کان فيض ورتائون، سندن مثنوي شريف مشهور ۽ مقبول ڪتاب آهي. سندس وفات جي تاريخ ۾ اختلاف آهي تاريخدانن 666هہ مطابق 1267 لکيو آهي تہ ڪن مؤرخن 672هہ مطابق 1273 لکيو آهي. والله اعلم. (از مقدمہ مثنوي فارسي)

(دنيا جي محبت ۾) جهان گهمندڙ کي پڌاءِ ته مڙس کي قناعت شاهوڪار ڪندي آهي، ۽ اهي صبر ٿا ڪن (جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي)

"وَاللّٰهُ يُحِبُّ الصَّابِرِيْنَ"

'۽ الله تعاليٰ صبر ڪندڙن سان محبت ٿو رکي'•

۽ اهي (سنڌ جا ماڻهو) ڪوشش ڪري ڪمائين ٿا ۽ گهڻا نوڪري ٿا ڪن، صبر ٿا ڪن ۽ جيڪي الله تعاليٰ انهن کي ڏئي ٿو، انهيءَ تي راضي آهن. چاڻ ته جيڪڏهن دنيا جو (گهڻو) هجڻ ڀلو هجي ها ته اسان جي پيغمبر (صلي الله عليہ وسلم) کي جڏهن دنيا ڏني ٿي وئي ته پاڻ قبول ڪن ها. الله تعاليٰ جي پيارن ته دنيا کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي. حضرت (حبيب ڪريم ﷺ) جن مسڪينيءَ جي حق ۾ فرمايو آهي، **'الفقر فخري'** (مسڪيني منهنجو فخر آهي.)* هي سخن (سوچيو ته) حد ئي نه ٿو رکي. وڌيڪ مان ڇا چوان؟ الله توفيق ڏيندڙ ۽ مدد ڪندڙ آهي.

**اعتراض: 4**

سنڌ ۾ ولي گهٽ آهن.

**جواب (1)**

اهو چوڻ به بي عقلي آهي، ڇو ته (سنڌ ۾) خواجہ (الله تعاليٰ جو ولي) ملڪ جو شهباز اشهب•، جبروت جو واقف، ملڪوت جو شهنشاهہ، ناسوت ۽ لاهوت جو رهبر، شيخ، سيد، عثمان لعل شهباز قلندر رحہ ولين (مان) يگانو موتي ۽ زماني ۾ چونڊ ٿيل مشهور ۽ معروف آهي. ڪجهہ ان جي ولايت جي باري ۾ بيان ٿو ڪريان، ته جيئن توکي معلوم ٿئي. پهرين ڳالهہ ته اهو قلندر آهي، ٻيو ته سيد آهي، ٽيون ته بعض (بزرگن) ان کي قطب سڏيو آهي. چوٿون ته غوث بهاءُالدين ملتاني رحہ جو گهاٽو يار ۽ رفيق آهي ۽ غوث العالم ولي هجڻ ۾ مشهور، معروف ۽ رب رئوف جو پيارو آهي. پنجون ته عالم آهي، جيئن سندس تصنيف ٿيل ڪتاب مشهور ۽ ظاهر آهن ۽ سيني ۾ وحدت

• سورة آل عمران آيت 146

* البحر المديد: ج 2، ص 151.

• هر شيءِ ڪاري رنگ جي، جنهن ۾ اڇاڻ غالب هجي. (غياث اللغات ص: 28)





الاهيءَ جا موتي پوئيل ۽ معنائن جا اسرار موجود آهن. پاڻ ماٺ ۾ رهڻ جي باري ۾ هيءُ غزل چيو اٿن:

*گر خدا را دوست داری خامشی باید گزید*
*باہزاراں سوز و زاری خامشی باید گزید۔*

'جيڪڏهن الله تعاليٰ سان دوستي ٿو رکين ته ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي، هزارين سوز ۽ زاريءَ سان به ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.'

*چوں زباں بندی دلت خندہ بصد فرخندہ کے*
*ھم چو گلہائے بہاری خامشی باید گزید۔*

'جڏهن زبان بند رکندين ته تنهنجي دل سؤ خوشين سان کلندي ۽ بهار جي گلن وانگر ٽڙندي، ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.'

*دار دائم در حضورے دوست خود را دم بدم*
*جملگی باحق سپاری خامشی باید گزید۔*

'پاڻ کي هميشہ ۽ هر وقت دوست جي حضور ۾ رک، سڀئي ڪم الله تعاليٰ جي حوالي ڪر، ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.'

*خامشی مس وجودت را کند زر را خلاف*
*و از دو عالم سربرآری خامشی باید گزید۔*

'ماٺ تنهنجي وجود جي ٽامي کي سون بنائيندي ۽ ٻنهي جهانن کان مٿو مٿي ڪندين. ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي!'

*در زمینِ دل ہمیں تخمِ محبت را بکار*
*زآب دیدہ کشتکاری خامشی باید گزید۔*

'دل جي زمين ۾ محبت جو ٻج اکين جي پاڻيءَ سان پوک، ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.'

*گفتگو بادِ خزاں است بہارِ قلب را*
*نیست دردِ رُستگاری خامشی باید گزید۔*

'(گهڻو ۽ غير ضروري) ڳالهائڻ دل جي بهار لاءِ خزان جو واءُ آهي، ان ۾ ڇوٽڪارو نه آهي، ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.'

*دم بدم اے باش باجاں پاسبانِ باغِ دل*
*یک زماں غفلت نیاری خامشی باید گزید۔*

’هر وقت دل جي باغ جي ساهه سان نگهباني ڪندو رهه. هڪ گهڙي به غفلت نه ڪر. ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.‘

*در طلب کاری وصلش بندہء عثمان ھمے*
*مے کند شب و روز زاری خامشی باید گزید۔*

’ان جي وصال جي طلب ۾ پانهو ’عثمان‘ (مروندي) رات ڏينهن زاري ٿو ڪري. ماٺ قبول ڪرڻ جڳائي.‘

*نہالِ حیدری و بلند پرواز*
*سخن سرور قلندر لعل شہباز۔*

’ (حضرت علي) حيدرؓ جو اولاد ۽ مٿاهين پرواز وارو سخن جو سردار قلندر لعل شهباز آهي.‘

**جواب: 2**

روهڙي شريف ۾ سرورِ ڪائنات خلاصه موجودات ﷺ جن جو وار مبارڪ آهي. جيڪو سيني ولين، قطبن ۽ غوثن کان وڏيڪ آهي. اُن جي زيارت سان هر گنهگار جو ڇوٽڪارو آهي. حضرت قطب الاقطاب محبوب الوهاب ولي پلاري جناب قطب رباني حضرت سيد شاهه شيخ عبدالقادر جيلاني قدس الله سره العزيز جي پڳ (مبارڪ) موجود آهي ۽ شاهه معصوم جنهن جو (پنهنجي) وقت جي ولين ۾ آسمان سان مٿو ٿي لڳو ۽ وحدت الاهيءَ جي باغ جو گل آهي ۽ شاهه خيرالدين بخاري، جو وڏي طاقت وارو الله جو مقرب ۽ رب العالمين جي حضور جو پسند ڪيل آهي ۽ مولوي محمد اسماعيل طريقت جي جهان جو بهار ۽ حقيقت جي گلزار جو گل آهي. ايترا اولياءَ (جيترا سنڌ ۾ آهن) اوهان جي ملڪ ۾ نه آهن. بلڪ ملتان کان سواءِ ٻين علائقن ۾ به نه آهن. جو اتي (ملتان ۾) هڪ لک پنجويهه هزار (1,25000) ولي آهن ۽ اهو (ملتان) به (ان وقت) سنڌ ۾ داخل هو ڇو ته هي سڀ ملڪ دهليءَ جي بادشاهه جي هٿ ۾ آهن ۽ پنجاب ۽ سنڌ سڀ هندستان سان تعلق رکن ٿا ۽ نواب جي بادشاهي به ملتان ۾ دارالامان ۽ سنڌ ۾ آهي ۽ سنڌ دهليءَ





سان آهي. جڏهن ته هڪ ولايت آهن ۽ اوهان جي ملڪ (افغانستان ۾) هڪ ملا بابا جِي آهي. جيڪو قنڌار کان ٻاهر آهي ۽ اهو به (اصل ۾) فرخ آباد هندستان جو رهاڪو آهي ۽ باقي خيرءِ عافيت. سنڌ ۾ ولي گهڻا آهن ۽ اهو عيب سنڌ سان نٿو لڳي. جيڪي اسين چئون ٿا، ان جو الله وڪيل آهي ۽ اهو ئي سڌي واٽ ڏي رهنمائي ڪري ٿو. اي داناءَ! گلا سيني شين کان بري آهي؛ گلا ڪندڙ تي لعنت آهي. اول زبان گلا کان روڪ، ڪنهن به مسلمان جي گلا ڪرڻ پسند نه ڪر. ماڻهن ڪي گلا خراب ڪندي آهي ۽ سينو ساڙي دل کي ڪباب ڪندي آهي. جيڪڏهن مڙس آهين ته گِلا ڪرڻ لائق نه آهي. گلا ڪرڻ مڙسي نه آهي، پنهنجو ڪم ڪر، ڪنهن جي گلا نه ڪر. داناءَ جي اها ئي نصيحت ڪافي اٿئي ۽ بس! باقي رهيل اعتراضن جا جواب به ڏيون ٿا.

**اعتراض: 5**

سنڌ ۾ رافضي ۽ شيعا گهڻا آهن.

**جواب: 1**

اها ڳالهه به گنجائش نٿي رکي، ڇو ته هر هڪ ملڪ ۾ گهڻا ئي نيڪ ۽ برا آهن. خالق مطلق سڄو جهان هڪ جهڙو نه ڪيو آهي.

*نہ ہر زن زن است و نہ ہر مرد مرد*
*خدا پنج انگشت یکساں نہ کرد۔*

’نه مڙئي عورتون (صحيح معنيٰ ۾) عورتون آهن. نه سڀئي مڙس (حقيقت ۾) مڙس آهن. الله تعاليٰ پنج ئي آڱريون برابر نه ڪيون آهن.‘

**جواب: 2**

بيشڪ سنڌ ۾ رافضي آهن، پر تفضيلي آهن. گارين ڏيڻ وارا نه آهن. حضرت علي رضي الله عنه سان محبت (جي دعويٰ ٿا) رکن ۽ (ان کي) ٻين کان ڀلو ٿا ڄاڻن ۽ سُنين سان زيادتي نٿا ڪن. ............ ۽ اوهان جي ملڪ (افغانستان) جي پاسي ايران ۾ رافضي گارين ڏيڻ وارا آهن.............•

”اِنَّکَ لَاتَهۡدِيۡ مَنۡ اَحۡبَبۡتَ وَلٰکِنَّ اللّٰهَ يَهۡدِيۡ مَنۡ يَّشَآءُ“

• نوٽ: هتان ڪجهه جملا تڪراري سمجهندي حذف ڪيا ويا آهن. (ادارو)

'بيشڪ تون نٿو هدايت ڪرين، جنهن کي محبت رکين ٿو پر الله هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري'[o]

"لا" نهيءَ جي آهي، "تهدي" فعل مخاطب آهي. "احببت" فعل فاعل آهي. هي سڀ حضرت رسول مقبول ﷺ سان خطاب آهي. توريت ۾ به اهڙيءَ طرح لکيل آهي ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. رافضي، خارجي ۽ بيڪي• ٽئي ملامت ڪيل ٿولا آهن ۽ ٽنهي جي جاءِ جهنم جي هيٺئين طبقي ۾ آهي. يا الله! اسان کي چئني خليفن (رضي الله عنهم) جي محبت تي (هميشه مضبوط ۽) سلامت رک........................•

**اعتراض:6**

سنڌ ۾ مڙئي ماڻهو سادا ۽ بي عزت آهن.

**جواب:1**

هيءَ به زبان درازي آهي، چو ته سنڌ جا ماڻهو نياز ۽ نوڙت ڪندڙ آهن، هٺ ڪندڙ نه آهن ۽ اهڙا به نه آهن، جو زبان سان تڪبر نه ڪن ۽ دل ۾ تڪبر رکن يا جيڪو نياز ۽ نوڙت ڪري، اُن سان تڪبر ڪن.

*تواضع کند هر که هست آدمی*

*نه زيبد ز مردم بجز مردمی.*

'جيڪو انسان آهي، اهو نوڙت ڪندو، چو ته انسان کي ماڻهپي وارن ڪمن کان سواءِ ڪجهه به نٿو سُونهي.'

*تواضع مدار از خلائق دريغ*

*که گردن ازاں برکشی همچو تيغ.*

'ماڻهن کان نوڙت لِڪل نه رک، چو ته اُن جي ڪري تلوار وانگر ڪنڌ ڪڙو رکندين.'

*تواضع کند هوشمند گزيں*

*نهد شاخ پُر ميوه سر بر زميں.*

---

[o] اصل ۾ به اهو لفظ آهي. ان مان مراد ڪير آهي الله تعاليٰ ٿو ڄاڻي.

• سورة القصص آيت 56

• هتان به ڪجهه جملا تڪراري سمجهندي حذف ڪيا ويا آهن. (ادارو)





'داناءُ نوڙت قبول ڪندو (چو ته) ڀريل ٽاري زمين تي مٿو رکندي (نوڙندي) آهي.'

تڪبر جي خرابي بيان ڪندي، مولانا سعدي رحه فرمايو آهي:

*تکبّر ز دانا بود ناپسند*

*غريب آيد ايں معنیٰ از هوشمند.*

'داناء کان تڪبر جو هجڻ پسند ڪيل نه آهي، داناء کان اهڙو ڪم ٿيڻ حيرت ۾ وجهندڙ آهي.'

*تکبّر عزازيل را خوار کرد*

*بزندانِ لعنت گرفتار کرد.*

'تڪبر شيطان کي خوار ڪيو، لعنت جي قيد ۾ گرفتار ڪيو.'

*تکبّر بود مايهء مدبری*

*تکبّر بود اصل بدگوهری.*

'تڪبر بد بختيءَ جي مُوڙي آهي، تڪبر بڇڙي موتيءَ جو اصل آهي.'

ٻئي شاعر فرمايو آهي:

*به تکبّر مباش يک ساعت*

*و از تواضع بروں مشو يکدم.*

'هڪ گهڙي به تڪبر سان نه هج ۽ نوڙت کان هڪ پساهه به ٻاهر نه ٿيءُ؟'

*از تکبّر ذليل گشت ابليس*

*و از تواضع عزيز شد آدم.*

'تڪبر سان شيطان ذليل ٿيو ۽ نوڙت جي ڪري آدمؑ عزت وارو ٿيو.'

شيطان چيو هو ته:

"اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ"

'مان ان (انسان) کان ڀلو آهيان، مون کي باهه مان پيدا ڪيو اٿئي ۽ ان کي مٽيءَ مان.'*

---

* سوره ص آيت 77

"وَقَالَ ءَاَسۡجُدُ لِمَنۡ خَلَقۡتَ طِيۡنًا"

'۽ چيائين تہ ڇا مان ان کي سجدو ڪريان، جنھن کي تو مٽيءَ مان پيدا ڪيو آھي؟'[•]

۽ حضرت آدم ؑ چاليھہ (40) سالُ رنو پوءِ ان جي دعا قبول ٿي ۽ نوڙت اختيار ڪيائين تہ الله تعاليٰ جو پيارو بڻيو.

مولانا رومي رحہ بہ اھا ئي معنيٰ بيان ڪئي آھي:

نرد بانِ آدمی ماؤمنی است

عاقبت زیں نرد بان افتادنی است۔

'انسان جي ڏاڪڻ پاڻي ۽ مني آھي، نيٺ انھيءَ ڏاڪڻ تان ڪرڻو آھي.'

ہر کہ بالاتر رود ابلہ تراست

استخوانش چوں بتر خواہد شکست۔

'جيڪو گھڻو مٿي ويندو، وڏو بيوقوف آھي، انھيءَ جا ھڏا ڀڄندا.'

در بہاراں چوں شود سر سبز سنگ

خاک شو تا گل بروید رنگ رنگ۔

'بھار جي مند ۾ جيئن پٿر سرسبز ٿيندو (آھي، تيئن).'

مٽي ٿيءُ تہ تو مان رنگارنگي گل ڇمن.

حضرت شيخ شمس تبريزرحہ[+] فرمايو آھي، جيڪڏھن پنھنجي نفس فرعون کي گھنڊين تہ زماني ۾ موسيٰ بن عمران ع (وانگر ٿينديِن)

'ڪيميائي سعادت'[*] ۾ لکيل آھي تہ حضرت حذيفہ رضہ ھڪ ڀيري نماز ۾ امامت ڪئي، پوءِ فرمايائين تہ امامت لاءِ ٻئي ڪنھن کي ھٿ ڪريو ڇو تہ منھنجي دل ۾ ھي خيال آيو آھي تہ مان اوھان کان ڀلو آھيان (تڏھن مون کي امام بنايو اٿو)

[•] سوره بني اسرائيل آيت 61

[+] تبريز آذربائيجان جي پاسي ھڪ شھر آھي، جنھن ۾ اھو بزرگ شمس تبريزي رھندو ھو، ھيءُ بزرگ علامہ روميءَ جو مرشد ھو.

[*] ڪيميائي سعادت: حضرت امام غزاليءَ جو فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب آھي، جيڪو تمام ڀلو ۽ نصيحت سان ڀرپور آھي.





جڏھن اھڙا ڀلارا بہ تڪبر جي خيال کان ڊڄندا ھئا تہ ٻيا ڪيئن ٿا بچي سگھن. ٻيو فرمايو اٿن تہ تڪبر شيطان جو ڪم آھي ۽ نوڙت انسان جو ڪم آھي. ھا، تڪبر ڪندڙ سان تڪبر ڪرڻ ڀلو آھي، جيئن حديث شريف ۾ آيو آھي تہ،

اَلتَّکَبُّرُ مَعَ الۡمُتَکَبِّرِ صَدَقَةٌ وَالتَّوَاضُعُ مَعَ الۡمُتَوَاضِعِ صَدَقَتَةٌ

'ھٺيلي سان ھٺ ڪرڻ صدقو آھي ۽ نوڙت ڪندڙ سان نوڙت ڪرڻ صدقو آھي.' (جيئن حضرت ڀٽائي عليہ الرحمة فرمايو آھي)

چڱا ڪن چڱائيون، مَٺايون مٺن

جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن-

(شاھہ)

تڪبر کان وڏيڪ بري عادت ڪابہ نہ آھي، ڇو تہ تڪبر وارو ماڻھو ڪنھن کي بہ پنھنجي برابر نہ سمجھندو آھي ۽ جيڪو اُن سان ڳالھائيندو، ان کي سختيءَ سان جواب ڏيندو. 'ڪيميائي سعادت' ۾ لکيل آھي تہ (اصحابن سڳورن) سيدنا رسول الله ﷺ کان پڇيو تہ فلاڻي عورت ڏينھن جو روزا ٿي رکي ۽ رات جو نمازون ٿي پڙھي، پر ھيءَ بري عادت اٿس، جو ماڻھن کي زبان سان ڏکوئي ٿي. پاڻ فرمايائون تہ ان جي جاءِ جھنم آھي[•].

نوڙت، خوشي ۽ خوش خلقي ٿي پيدا ڪري، ڇو تہ جڏھن نوڙت ڪندڙ ھوندو تہ سڀ ڪنھن سان نرمي ڪندو ۽ ڪنھن کي بہ برو نہ چوندو ۽ بداخلاقي نہ ڪندو ۽ اھو ئي سڀني نبين ۽ رسولن جو رستو ۽ دستور ھو. خاص ڪري حضرت (حبيب ڪريم) ﷺ جن سڀني پيغمبرن کان وڏي اخلاق وارا ۽ مرڪندڙ ھئا. الله تعاليٰ (سندن ئي شان ۾) فرمايو آھي.

"اِنَّکَ لَعَلیٰ خُلُقٍ عَظِيۡمٍ ۝"

بيشڪ اوھان وڏي اخلاق وارا آھيو.[o]

'منھج الصادقين' ۾ آيل آھي تہ سرور عالم ﷺ جن ھڪ يتيم جي سنڀال ڪندا ھئا ۽ ان تي شفقت ۽ مھرباني ڪندا ھئا. قضا سان ان

[•] تفسير الرازي: ج 5، ص 200.

[o] سورة القلم، آيت 4

يتيم جي وفات ٿي تہ (حضرت) رسول (مقبول) ﷺ جن ان رات طعام نہ کاڌو ۽ گھڻو افسوس ڪيائون. اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله (ﷺ) اوهان پنهنجي دل کي ڇو ٿا غمگين ڪريو. حڪم فرمايو تہ خدمت ۾ ٻيو يتيم حاضر ڪريون. پاڻ فرمايائون تہ اهو يتيم عادت جي لحاظ سان سخت هو ۽ مون ان جي سختيءَ جي باوجود اُن سان نرمي ۽ موافقت ٿي ڪئي ۽ مون کي اُن جي ڪري گھڻو اجر ۽ وڏو ثواب ٿي مليو ۽ اهو مقصد ٻين مان حاصل نہ ٿيندو. برڪت وارو آهي الله (جل شانہ). هن ماڻهپي ۽ سهڻين عادتن سان نيڪ شخص نيڪيءَ کي پهتا.

سنڌ ۾ ايترو تڪبر نہ آهي. تڪبر هندستان ۽ خراسان ۾ گھڻو آهي. سنڌ ۾ اهو آهي، جو تڪبر ڪندڙ سان تڪبر ڪن ٿا ۽ نوڙت ڪندڙ سان تڪبر نٿا ڪن. ۽ (سنڌ ۾) شريف ماڻهن ۽ عالي خاندانن جي عزت گھڻي آهي، سنڌي مرڻ کان سواءِ ان جي دعويٰ نٿا ڇڏين (جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي)

*سرنوشتہ واژگوں راست می ساز و نیاز*

*نقش معکوسِ نگین از سجدہء گردد درست۔*

’يعني جنهن جي مٿي تي بدبختي لکيل آهي، ان کي بہ نياز سڌو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ مُنڍيءَ جو ابتو نقش سجدي ڪرڻ سان درست ٿيندو آهي.‘

الله تعاليٰ مسڪينن سان محبت رکندو آهي.

شعر

*فروتنی است دلیل رسیدہ کاں کمال*

*کہ چوں سوار بمنزل رسد پیادہ شود۔*

'هيٺانهين ڪرڻ ڪمال جو دليل آهي. جڏهن سوار منزل تي پهچندو آهي پيادو ٿي هلندو آهي، ۽ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ توفيق آهي.'

هاڻي تنهنجن سوالن جا جواب پورا ٿيا. ٻيو ڪو اعتراض نہ رهيو. هاڻي مان تو سنڌ جي تعريف ۽ خراسان جا عيب بيان ڪريان. عقلمنديءَ جي ڳالھ ڪندس. چڱيءَ طرح سمجهائيندس. جيئن توکي معلوم ٿئي ۽ سمجھ ۾ اچي.





اوهان عقل ۾ گھٽ ۽ سمجھ ۾ ڪوتاهہ آهيو جيئن شيخ سعديؒ فرمايو آهي:

*سعدیا! روزِ ازل حسن بہ ترکاں دادند*

*عشق با تاجک سرگشتہ و حیراں دادند۔*

’اي سعدي! ازل جي ڏينهن کان حسن تُرڪن کي ۽ عشق پريشان ۽ حيران ٿيندڙ تاجڪن (عربن جو اولاد جيڪو عجم ۾ رهيو) کي ڏنائون.‘

*خوبی و نازکرشمہ ہمہ باعالمِ ہند*

*دانش و بینش بامردمِ ایراں دادند۔*

’سونهن ۽ ناز سمورو هندستان وارن کي ۽ سمجھ ۽ دانائي ايران جي ماڻهن کي ڏني اٿن.‘

*فتنہ و شور و شغب جملہ بخطِ کشمیر*

*خری و بے خردی جملہ بافغاں دادند۔*

’فتنو ۽ شور ڪشمير وارن کي، بي عقلي ۽ بيوقوفي افغان وارن کي ڏنائون.‘

ٻئي شاعر هن طرح چيو آهي.

*اگر قحط رجال افتد زسہ کس انس کم گیری*

*یکے افغان دویم کنبوہ سویم بدذات کشمیری۔*

’جيڪڏهن مڙسن جو ڏڪار پوي تہ بہ ٽن ماڻهن سان گھٽ وندر رک: هڪ افغان. ٻيو ڪمبوہ. ٽيون نسل ڪشميري.‘

عرب ۾ ’سليماني پٺاڻ‘ چوريءَ ۾ مشهور آهن ۽ سنڌيءَ کي گڏهن جو چور ٿا چون. گار نٿا ڏين. افغاني اڪثر بي وفا آهن. پنهنجي سردار سان بہ وفا نٿا ڪن.

هڪ شاعر فرمايو آهي:

*در قزا گند مرد باید بود*

*بر مخنث سلاحِ جنگ چہ سود۔*

’(جنگ جي ميدان ۾) ريشمي ڪپڙن ۾ مڙس جو هجڻ نہ ٿو جڳائي، ڪدڙي کي جنگ جي هٿيارن سان ڍڪڻ مان ڪهڙو فائدو.‘

ٻئي شاعر فرمايو آهي ته:

چون حيا نه بود بر افتد رسم عصمت از جهان

گر حجاب درمياں است از تقاضائے حيا است۔

’جيڪڏهن حياءُ نه هجي ته پاڪدامنيءَ جو طريقو جهان مان نڪري وڃي ها. ڇو ته وچ ۾ رڪاوٽ جيڪڏهن آهي ته حياء جي تقاضا آهي.‘

حديث شريف ۾ آهي ته:

اَلۡحَيَاءُ شُعۡبَةٌ مِّنَ الۡاِيۡمَانِ

’حياءُ ايمان جي ٽاري آهي.‘

ٻيو ته ’افغان‘ مان الف ڪڍي ڇڏ ته ’فغان‘ رهندو يعني دانهن ڪرڻ ۽ ’سنڌيءَ‘ مان ’س‘ ڪڍي ڇڏ ته ’ندي‘ رهندو معنيٰ مجلس ۽ گڏ ٿيڻ. سنڌ جو پاڻي منو آهي ۽ سڃي خراسان کان سنڌ ۾ نيڪي گهڻي آهي ۽ سنڌ ۾ سخاوت به خراسان کان وڌيڪ آهي.

وَاَقۡرِضُوا اللّٰهَ قَرۡضًا حَسَنًا

’۽ الله تعاليٰ کي سهڻو قرض ڏيو.‘•

- ۽ اڪثر افغان بخيل آهن.

حضرت شيخ سعديءَ فرمايو آهي:

بخيل از بود زاهد بحر و بر

بهشتي نباشد بحكم خبر۔

’بخيل جيڪڏهن پٽ ۽ سمنڊ جو زاهد هجي، ته به حديث جي حڪم سان بهشتي نه ٿيندو!‘

حضرت عطارؒ فرمايو آهي:

بخل شاخے از درختِ دوزخ است

وآں بخيلک از سگان مسلخ است۔

• سورة مزمل، آيت 20





’يعني بخيل هجڻ دوزخ جي وڻ مان ٽاري آهي ۽ اهو بخيلڙو جانورن جي کهڻ ۽ کل لاهڻ واري جاءِ جي ڪُتن مان آهي.‘

[هن کان پوءِ مصنف پنهنجو شعر آندو آهي]

سخاوت پيشه کن اے مرد دانا

سخاوت عادتِ پيغمبراں است۔

’اي داناء ماڻس! سخاوت جو ڌنڌو ڪر، سخاوت نبين سڳورن جي عادت آهي.‘

بخيلي مي کشد سوئے جهنم

همين مشهور و ظاهر در جهان است۔

’بخيلي جهنم ڏانهن ڇڪي ٿي، اها ئي ڳالهه جهان ۾ ظاهر ۽ مشهور آهي.‘

مشعلم چوں حباب اے خدا ترس

ز ترش ميهماں اندر نهاں است۔

’(تو وٽ) ڪڙڪڻيتي واري روشني مس آهي، خدا کان ڊڄ! تنهنجي اندر ترشي (ڪاوڙ) لڪل آهي! (سا درست نه آهي).‘•

خداوند اُميناں رُوئے او را

كه او را لقمۂ بهتر ز جان است۔

’اي الله! ان جومنهن نه ڏيکار، جنهن کي هڪ گرهه ساهه کان وڌيڪ پيارو آهي.‘

بکن خاموش اے هاشم كه گفتی

نکاری نيک مرداں جهاں است۔

’ماٺ ڪر اي هاشم! ڇو ته جيڪو تو چيو آهي، جهان جي نيڪ مردن جو ڪم نه آهي.‘

(ٻئي بزرگ فرمايو آهي)

چشم اهل كرم از لطف بخيلاں برتر

تشنه را آتش ياقوت به از آب بقا است۔

• مترجم هن شعر جي معنيٰ نه لکي هئي، جيڪا ڏني وئي آهي. (ادارو)

’ڪرم وارن جي اک بخيلن جي لطف کان مٿي آهي، اڃايل جي لاءِ ياقوت جي باهہ، بقا واري پاڻيءَ کان ڀلي آهي.‘

– ۽ اهڙا هزارين نُڪتا ٻيا بہ آهن، مان ڇا چوان وقت ضايع ٿو ٿئي. ٻيو تہ دوستي ۽ محبت افغان ۾ ناهي. جيڪڏهن (ظاهر ۾) آهي تہ بہ وفا نہ ٿا ڪن ۽ سنڌ ۾ (رهندڙ سنڌي) جيستائين جيئرا آهن، الفت ۽ محبت جو واسطو نٿا ڇنن ۽ (بہ محبت وارا) هڪ ٻئي تي سر فدا ٿا ڪن. تڪبر بہ افغانين ۾ گهڻو آهي ۽ بي ادبي بہ بي حساب آهي، جيئن تہ انهن مان گهڻا ماڻهو ڏنا اٿم، جو الله تعاليٰ جي پاڪ گهر ڪعبي معظمہ ڏانهن پير ڊگها ڪري ٿا سمهن ۽ سنڌين ۾ بي ادبي نہ آهي.

ادب جي باري ۾ حضرت جلال الدين روميؒ هيئن فرمايو آهي:

از خدا خواهيم توفيقِ ادب
بےادب محروم گشت از فضلِ رب۔

’الله تعاليٰ کان ادب جي توفيق ٿا گهرون (ڇو تہ) بي ادب رب جي فضل کان بي نصيب آهي.‘

بےادب تنها نہ خودرا داشت بد
بلکہ آتش در ہمہ آفاق زد۔

’بي ادب رڳي پاڻ کي بڇڙو نہ ڪيو آهي، پر سڄي جهان ۾ باهہ ٻاري ڇڏي.‘

– ۽ خاص ڪري الله تعاليٰ جي حق ۾ بي ادبي ڪرڻ ناداني‌ءَ جو ڪمال آهي.

– ۽ گهڻا مرد ۽ عورتون اوهان مان نماز ادا نہ ٿا ڪن، اها بہ الله تعاليٰ جي نعمت جي بي شڪري آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ست سؤ (700) جاين تي نماز جو ذڪر آندو آهي. ۽ (ڪتاب) ’اصول العلم‘ جي صاحب (جيڪو حافظ عماد الدين بخاريؒ جو پاڙيچو ۽ آخري مجتهدن مان هو ٻن سؤ جاين تي لکيو آهي تہ ’جنهن کي الله تعاليٰ جو شرم نہ آهي‘ ان جي نيڪي کهڙي ڪم جي آهي.•

• هتان مخدوم صاحب وري فارسي شعر ڪم آندا آهن.





گرچہ مردن نکو نباشد لیک
مردم بے نماز مردہ نکوً۔

’جيتوڻيڪ مرڻ ڪنهن لاءِ چڱو نہ آهي، پر بي نمازي ماڻهو مئل چڱو آهي.‘

بے علم و عمل بہشت و حوراں م طلب
بے روزہ و نماز ایماں م طلب۔

’علم ۽ عمل کانسواءِ بهشت ۽ حورن جي طلب نہ ڪر، روزي ۽ نماز کان سواءِ ايمان (جي بچڻ) جي طلب نہ ڪر.‘

خواہی کہ از پُلصراط آساں گذری
آزارِ دل ہیچ مسلماں م طلب۔

’جيڪڏهن تون گهرين ٿو تہ پلصراط تان آسانيءَ سان لنگهي وڃين تہ ڪنهن بہ مسلمان جي دل جو ايذاء طلب نہ ڪر.‘

۽ افغاني الف ب ت ث (با تا ثا) قاعدو پڙهن ٿا ۽ جيڪڏهن اُن قاعدي جي معنيٰ ڪنهن کان پڇان ٿو تہ معنيٰ نہ ٿا ڄاڻن. هي فقير* هيٺ هر هڪ حرف جي معنيٰ بيان ٿو ڪري:

’الف‘ مان مراد آهي ’الله‘ سڃاڻڻ. ’با‘ مان مراد آهي ’باأو‘ يعني اُن سان گڏ هجڻ. ’تا‘ مان مراد آهي ’توبهہ‘ ڪرڻ ۽ تواضع يعني هيٺاهين قبول ڪرڻ. ’ثا‘ مان مراد آهي ’ثواب‘ جو ڪم ڪرڻ، ’جيم‘ مان مراد آهي غريبن تي جبر يعني سختي نہ ڪرڻ، جيئن حافظ شيرازيءَ هن معنيٰ جي خبر ڏني آهي:

مباش در پےِ آزار ہرچہ خواہی کن
کہ در طریقت ما غیر زیں گناہے نیست۔

’ڪنهن جي ايذائڻ جي پٺيان نہ هج، باقي جيڪي وڻئي ڀلي ڪر، جو اسان جي طريقي ۾ اُن کان سواءِ ڪو گناهہ نہ آهي.‘

* مخدوم محمد هاشم ٺٽوي

’حا‘ مان مراد آهي، حق جي حمايت ڪرڻ. ’خا‘ مان مراد آهي، خاموشيءَ جو اخلاق رکڻ. ’د‘ مان مراد آهي دين قبول ڪرڻ ۽ دين تي رهڻ. ’ذ‘ مان مراد آهي نفس ۽ شيطان جي پنيان ذليل نہ ٿيڻ، بلڪ انهن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۽ ’ذنوب‘ يعني گناهہ نہ ڪرڻ، ’ر‘ مان مراد آهي روزا رکڻ ۽ رات ۽ ڏينهن حق جي ياد ۾ رهڻ. ’ز‘ مان مراد آهي زُهد ڪرڻ، ’س‘ مان مراد آهي سخاوت ڪرڻ ۽ سبحان الله چوڻ. ’ش‘ مان مراد آهي شقاوت يعني پاڻ کان بد بختي دور ڪرڻ ۽ وحدت الاهيءَ جو شراب پيئڻ، ’ص‘ مان مراد آهي صلاحيت پيدا ڪرڻ ۽ صبر ڪرڻ. ’ض‘ مان مراد آهي تہ ايمان مضبوط ڪرڻ ۽ دل ۽ ساهہ سان اُن جي سنڀال ڪرڻ، ’ظ‘ مان مراد آهي ظل الاهي يعني قدرتي ڇانوَ ۾ رهڻ ۽ الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ. ’ع‘ مان مراد آهي حق جي عبادت ڪرڻ ۽ عهد (وعدو) ڪرڻ. ’غ‘ مان مراد آهي غيرت رکڻ. (خصوصاً ديني) ڪمن ۾ ۽ غم رکڻ. ’ف‘ مان مراد آهي حق جا فرض ادا ڪرڻ ۽ حق سڃاڻڻ. ’ق‘ مان مراد آهي حق جو فرمان قبول ڪرڻ ۽ سڌيءَ واٽ تي قائم رهڻ ۽ قرآن ڪريم دل سان پڙهڻ. ’ڪ‘ مان مراد آهي گناهن کان ڪنارو ڪرڻ، حق جو ڪلام چوڻ ۽ ڪاظم (ڪاوڙ ڪائيندڙ) هجڻ. ’ل‘ مان مراد آهي ديني لذت وٺڻ، لائق هجڻ ۽ شيطان تي لعنت ڪرڻ ۽ دين جي چمڪ ڪرڻ ۽ زبان کي گناهن جي (لوث) پرجڻ کان روڪڻ. ’م‘ مان مراد آهي حضرت محمد ﷺ جي دل ۽ جان سان تصديق ڪرڻ ۽ مسجد ۾ وڃڻ ۽ صالحن سان ملاقات ڪرڻ ۽ مراعات (رعايت) ڪرڻ ۽ مواعيد (وعدا) وفا ڪرڻ. ’ن‘ مان مراد آهي نماز پڙهڻ ۽ نياز ڪرڻ، نيڪ هجڻ، حق جي نعمت جو شڪر ڪرڻ ۽ حق جي طرف نظر ڪرڻ. ’و‘ مان مراد آهي معنائن جي اسرار جو واقف هجڻ. هہ مان مراد آهي هدايت طلب ڪرڻ. ’ي‘ مان مراد آهي يقين رکڻ ۽ الله تعاليٰ کان (ياري) مدد گهرڻ ۽ الله تعاليٰ سڌي واٽ ٿو ڏيکاري، مون قاعدي جو بيان ڪيو آهي ۽ سهڻي نموني جواب ڏنو اٿم. شال الله تعاليٰ قبول فرمائي. آمين! يا رب العالمين!

ڄاڻ تہ سنڌ ۾ عجيب ۽ غريب شيون تمام گهڻيون آهن. اول تہ سنڌ جا ماڻهو مرشد ۾ اعتقاد گهڻو ٿا رکن ۽ افغان جا ٻار (جيڪي) هندستان





۾ (رهن ٿا) پيرن ۽ ولين جي شان جو انڪار ڪن ٿا، ۽ چون ٿا تہ پيرن ُ ولين جي مزارن تي وڃڻ گناهہ ۽ غلطي آهي.........• جڏهن تہ اولياء سڳورا الله جَلّ وَعَلا جو حڪم مڃين ٿا (جيئن هي شعر آهي:)

*تو ہم گردن از حکم دا ورم پیچ*
*کہ گردن نہ پیچد ز حکم تو ہیچ۔*

’تون بہ الله تعاليٰ جي حڪم کان ڪنڌ نہ ڦيراءِ تہ تنهنجي حڪم کان بہ ڪو ڪنڌ نہ ڦيرائي.‘

الله جا ولي مرن نہ ٿا (هڪ جاءِ کان منتقل ٿي ٻي جاءِ ۾ وڃن ٿا) ۽ شيخ فريد الدين عطار رحہ فرمايو آهي:

*گر ترا عقل است با دانش قرین*
*باش درویش و بدرویشان نشین۔*

’جيڪڏهن توکي عقل ۽ سمجهہ آهي تہ درويش ٿي ۽ درويشن سان ويهہ.‘

*همنشینی جز بہ درویشان مکن*
*تاتوانی غیبت ایشاں مکن۔*

’درويشن کان سواءِ ٻئي سان صحبت نہ ڪر، جيترو ٿي سگهي سندن گلا نہ ڪر.‘

*حبِّ درویشاں کلید جنّت است*
*دشمن ایشاں سزائے لعنت است۔*

’درويشن جي محبت جنت جي ڪنجي آهي، انهن جو دشمن لعنت جي لائق آهي.‘

شيخ ضياء الدين نخشبي رحہ فرمايو آهي،

*بخشی از خدا مشونا امید*
*حق کریم است اک کرم بکند۔*

’اي نخشبي! الله کان نااميد نہ ٿي، اهو ڪريم آهي، ڪرم ڪندو.‘

*گر تو گفتہ خدائے خود بکنی*
*ہر چہ گوئی خدائے ہم بکند۔*

• نوٽ: هتان مترجم جا ڏنگين ۾ ڏنل لفظ حذف ڪيا ويا آهن ۽ فوٽ نوٽ بہ ڪاٽيو ويو آهي. (ادارو)

’جيڪڏهن تون پنهنجي الله جو چوڻ ڪندين تہ جيڪي تون چوندين، الله تعاليٰ بہ اهو ڪندو.‘

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ

بيشڪ الله احسان ڪندڙن سان محبت ٿو رکي.

فقير پلو آهي ۽ ان جي چوڻ کي الله تعاليٰ ٻڌي ٿو ۽ فقير جي معنيٰ هيءَ آهي: ’ف‘ مان مراد فاقو يعني بک ڪيڻ، ’ق‘ مان مراد قناعت ڪرڻ، ’ي‘ مان مراد آهي تہ ان ڪان ياري (مدد) طلب ڪرڻ، ’ر‘ مان مراد روز و شب (ڏينهن ۽ رات) اُن جي فرمانبرداريءَ ۾ هجڻ. (اهو فقير) نہ آهي، جو گودڙي ڍڪي ۽ ڪُندري ۽ لٺ ڪلهي تي رکي ۽ در در تي (پنڻ لاءِ) ڦرندو رهي. اهڙي کي حقير چوڻ گهرجي، اهو فقير نہ آهي. فقر مان مراد مڙني شين ۾ طمع نہ رکڻ آهي.

(جيئن هڪ شاعر جو شعر آهي)

*طمع را سہ حرف است ہرسہ تہی*

*ازاں نیست مر مطمعاں را بہی۔*

’طمع جي لفظ جا ٽي حرف آهن (ط. م. ع) ٽئي (نقطن ڪان) خالي آهن، ان جي ڪري طمع ڪندڙن لاءِ ڀلائي نہ هوندي آهي.‘

۽ اهڙي معنيٰ هن شعر ۾ بہ آهي:

*خانہءدیں آباد گردد از ورع*

*لیک می گردد خرابی از طمع۔*

’دين جو گهر پرهيزگاريءَ سان آباد ٿيندو آهي ۽ طمع سان ويران ٿيندو آهي.‘

*ہرکہ از حق دوستی دارد طمع*

*در محبت کاذبش داں بے ورع۔*

’جيڪو الله تعاليٰ جي طرف دوستيءَ جي اميد ٿو رکي، اُن کي پرهيز ڪان سواءِ محبت ۾ ڪوڙو ڄاڻ.‘

اي داناءَ مڙس ڄاڻ تہ ويراني طمع مان ايندي آهي:

جيئن ٻئي شاعر چيو آهي:





*دستِ طمع بہ پیش کساں کردہء دراز*

*پُل بستہء کہ بگذری از آبروئے خویش۔*

’ماڻهن جي اڳيان طمع جو هٿ ڊگهو ڪيو اٿئي، اِها هڪ پل ٻڌي اٿئي، متان پنهنجي عزت وڃائي ويهي رهين.‘

*طمع سازد خراب اے مرد عاقل*

*تومی دانی و من با توچہ گویم۔*

’اي داناء مڙس! طمع خراب ڪندي آهي، تون پاڻ ڄاڻين ٿو مان توکي ڇا چوان.‘

*طمع نا کردن کاری است احسن*

*طمع کارِ بد است داں از سروبن۔*

’طمع نہ ڪرڻ سهڻو ڪم آهي. طمع رکڻ منڍ ڪان ئي بڇڙو ڪم آهي طمع ڪندڙ دل جو خراب ۽ هر زماني ۾ ڦتيل آهي.‘

اي دانائن جا بادشاهہ هي نُڪتو آهي، سو قبول ڪر. طمع ڪرڻ الله ڪان ڊڄندڙ ٻانهن جو ڪم نہ آهي. هي ڪنهن گمان ڪان سواءِ بڇڙيءَ ذات ۽ ڪميڻي جو ڪم آهي. آخرت ۾ افسوس ۽ ڏک جا هٿ مليندين تہ ڇا ڪيم.

(الله تعاليٰ فرمايو آهي)

أُجِيۡبُ دَعۡوَةَ الدَّاعِ اِذَادَعَانِ فَلۡيَسۡتَجِيۡبُوۡالِيۡ
وَلۡيُؤۡمِنُوۡابِيۡ لَعَلَّهُمۡ يَرۡشُدُوۡنَ

’مان دعا گهرندڙ جي دعا قبول ٿو ڪريان، جنهن وقت بہ مون کي سڏي ٿو. پوءِ منهنجي حڪم کي بہ قبول ڪن ۽ مون تي ايمان آڻين، تہ جيئن اُهي هدايت وارا ٿين.‘•

اي منهنجا ڀاءُ! اي منهنجا دوست! هاڻي مقابلو ڇڏي هڪ ٻئي کي نصيحت ڪريون، جو چيو اٿن تہ نصيحت ڪرڻ نصيحت ڪندڙ لاءِ چڱي آهي. جڏهن اهو (جنهن کي نصيحت ڪجي ٿي) ڪم ڪندو تہ هن (نصيحت ڪندڙ) کي ثواب ۽ اجر ٿيندو. شال الله تعاليٰ سڀني مومنن کي

• سوره بقره آيت نمبر 186

ديينداري بخشي ۽ سڌي واٽ تي رکي. ڄاڻ رهي تہ جهان فاني آهي ۽ سراسر واءَ وانگر آهي، جو صبح جي وقت لڳي ٿو ۽ متي آهي، جا فنا ٿيندي آهي.

**شعر**

*ندارد کارِ دنیا اعتبارے*

*و گر دارد دو روزے یا چہارے۔*

’دنيا جو ڪم ڪوبہ ڀروسو نہ ٿو رکي ۽ جيڪڏهن رکي ٿو تہ ٻہ يا چار ڏينهن.‘

*اگر دنیا بہ کس پایندہ بودے*

*ابوالقاسم محمدؐ زندہ بودے۔*

’جيڪڏهن دنيا ڪنهن سان هميشہ رهڻ واري هجي ها تہ ابوالقاسم محمد (ﷺ ظاهري طرح بہ دنيا تي) زنده هجي ها!‘[o]

**فائدو**

دنيا فاني آهي ۽ اُن مان فائدي ڪان سواءِ صرف غم حاصل آهي ۽ دنيا جو غم کائڻ ڪا شيءِ نہ آهي.

الله تعاليٰ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايو آهي:

اِعۡلَمُوۡا اَنَّمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا لَعِبٌ وَّلَهۡوٌ وَّزِيۡنَةٌ وَتَفَاخُرٌ بَيۡنَكُمۡ وَتَكَاثُرٌ فِي الۡاَمۡوَالِ وَالۡاَوۡلَادِ“

يقين ڄاڻو تہ دنيا جي حياتي راند ۽ بيفائدي ۽ سينگار ۽ اوهان جي وچ ۾ فخر ڪرڻ (لاءِ) ۽ مال ۽ اولاد ۾ گهڻائي آهي.[+]

۽ ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي:

وَمَا الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا اِلَّا مَتَاعُ الۡغُرُوۡرِ

۽ دنيا جي حياتي صرف ٺڳيءَ جو سامان آهي.[*]

(ٻي جاءِ تي آهي):

---

[o] ابو القاسم: حضور پُر نُور صہ جي ڪُنيت آهي.

[+] سورة حديد آيت 20

[*] سورة حديد آيت 20





”كُلُّ نَفۡسٍ ذَائِقَةُ الۡمَوۡتِ“

’۽ هر نفس موت (جو مزو) چکندڙ آهي‘[•]

ان جي باري ۾ شيخ سعدي رحہ فرمايو آهي:

*ترا بکوئی اجل ہم گذار خواہد بود*

*قرارِ گاہ تو دار القرار خواہد بود۔*

’تنهنجو بہ موت جي گهٽيءَ مان لنگهڻ ٿيندو ۽ تنهنجي جاءِ دارالقرار ۾ ٿيندي.‘

*ترا بہ تختہء تابوت شستہ شو سازند*

*تنِ تو لقمہ ہر مور و مار خواہد بود۔*

’توکي تابوت جي تختي تي ڌوئيندا، تنهنجو جسم ڪيڙين ۽ نانگن جو لقمو ٿيندو.‘

*طمع ز یار برادر ز خویش ہم بردار*

*مگر عمل کہ ترا یار غار خواہد بود۔*

’پنهنجي دوست، ڀاءُ، مٽ مائٽ کان طمع ڪٽي ڇڏ، پر عمل تنهنجو گهاٽو دوست هوندو.‘

*گناہ میکنی و از خدا نمی ترسی*

*مکن گنہ کہ گنہگار خواہد بود۔*

’گناهہ ڪرين ٿو ۽ الله تعاليٰ کان نٿو ڊڄين. گناهہ نہ ڪر، جو گنهگار ٿيندين.‘

*بدیں عمل کہ تو داری بہشت می طلبی*

*بہت منزل پرہیزگار خواہد بود۔*

’هيءُ عمل جيڪو تون رکين ٿو، اُن سان بهشت جي طلب ٿو ڪرين، بهشت تہ پرهيزگار جي منزل هوندو.‘

*بسے سوار کہ آن جا پیادہ خواہد شد*

*بسے پیادہ کہ آن جا سوار خواہد بود۔*

---

[•] سورة الانبيا آيت 35

'گهڻا سوار اُتي پيادا ٿيندا ۽ گهڻا پيادا اُتي سوار ٿيندا.'

*بساز توشہء رفتن کہ همرہاں رفتند*

*کہ سعدی از تو سخن یادگار خواہد بود۔*

'وڃڻ جو ثمر ٺاهہ جو ساٿي ويا. سعديءَ ٿُنهنجا سخن (به) يادگار رهندا!'

بهشت نيڪ بختن جو نصيب آهي، نہ بدعتيءَ ڀنگ کائيندڙ جو. ڀچندا تہ تنهنجو عمل کهڙو آهي، نہ ڀچندا تہ تنهنجو ڀيءُ ڪير آهي؟ دنيا جي حياتيءَ جو هميشہ هجڻ. هي ڪچو خيال آهي ۽ بي لذت طمع آهي. جيڪو بہ ڄائو آهي، اهو نيٺ مرندو بلڪ حق هيءُ آهي، تہ نہ ڄمڻ واريون شيون (جيئن پٿر وغيره) بہ فنا ٿينديون. هيءُ جهان آئينو آهي ۽ اسان جو وجود چٽن جي مثال آهي. چٽ آئيني ۾ نظر ايندو گهڻو وقت نہ رهندو. آخرت جو ثمر هن جهان مان ڪڻ، جو هي ثمر جا اسباب پوءِ نہ رهندا. جيڪڏهن ڏينهن جو عمل نہ ڪندين، رات جو مري وڃڻ جو خطرو آهي. جيڪو هڪ الله، جبار کان ڊڄندو ان کي ڪو خوف، ڊپ ۽ خطرو نہ رهندو. حافظ شيرازي رحہ فرمايو آهي:

*گر تا قیامت زندہء آخر فنا فنا*

*ور ہچو مہ تا بندہء آخر فنا، آخر فنا۔*

'جيڪڏهن قيامت تائين جيئرو رهين، تہ بہ نيٺ فنا نيٺ فنا ۽ جيڪڏهن چنڊ وانگر چمڪندڙ آهين تہ بہ نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*عشق زلیخائی کجا، تخت سلیمانی کجا*

*و آں ماہ کنعانی کجا آخر فنا، آخر فنا۔*

'يعني زليخا جي محبت ڪٿي آهي سليمان رحہ جو تخت ڪٿي ۽ اُهو ڪنعان جو چنڊ ڪٿي؟ نيٺ فنا، نيٺ فنا.'*

*حوا کجا، آدم کجا، آں دانہء گندم کجا*

*ایں دم کجا، آں دم کجا، آخر فنا، آخر فنا۔*

* ڪنعان جو چنڊ= حضرت يوسف؏





'(بيبي) حوا ڪٿي، آدم ڪٿي آهي؟ اهو ڪڻڪ جو داڻو ڪٿي آهي. نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*او حشمتِ سکندری، برفرق عالم سروری*

*واں شاہ والا برتری، آخر فنا، آخر فنا۔*

'اهو سڪندرجو دٻدٻو سڄي جهان تي سرداري ۽ اهو بادشاهہ مٿاهينءَ جو صاحب، نيٺ فنا نيٺ فنا.'

*دریا کجا، کشتی کجا، و آں نوح کشتیباں کجا*

*وآں موج طوفانی کجا، آخر فنا، آخر فنا۔*

'ڪٿي اهو درياهہ آهي، ڪٿي ٻيڙي ۽ ڪٿي اهو ٻيڙي هلائيندڙ نوح رحہ ۽ اها طوفان جي موج ڪٿي آهي؟ نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*نے شاہ مانند درجہاں نے آسماں یابد اماں*

*نے ماہ اندر آسماں، آخر فنا، آخر فنا۔*

'نہ جهان ۾ بادشاهہ رهندو، نہ آسمان ۾ امن لهندو نہ آسمان ۾ چنڊ رهندو، نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*احوالِ عالم را ببیں یکساں نماند برزمین*

*گاہے چُنیں، گاہے چناں، آخر فنا، آخر فنا۔*

'جهان جي حالات کي ڏس تہ زمين تي ڪي بہ برابر نہ ٿا رهن، ڪڏهن هيئن تہ ڪڏهن هونئن، نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*اے صوفیء فرخندہ دل خود را بساز آب وگِل*

*دنیائے دیگر را بجل، آخر فنا، آخر فنا۔*

'اي چمڪندڙ دل وارا صوفي! پاڻ کي پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کان (پاڪ ڪري) ٻيءَ دنيا ۾ رهہ. نيٺ فنا، نيٺ فنا.'

*گر سعدیء شیریں زباں، گر خُسروی طوطی بیاں*

*گر حافظِ غیب اللساں، آخر فنا، آخر فنا۔*

'جيڪڏهن سعدي مٺيءَ زبان وارو هو. جيڪڏهن خسرو مٺي ٻولي ٻولڻ وارو هو. جيڪڏهن حافظ غيبي زبان وارو هو. نيٺ فنا، نيٺ فنا!'

شيخ سعديءَ بہ بوستان ۾ اهڙو اشارو ڪيو آهي:

*بيا اے کہ عمرت بہ هفتاد رفت*

*مگر خفتہ بودی کہ برباد رفت۔*

’اي فلاڻا! اڄ، جو تنهنجي عمر ستر سالن کي پهتي آهي، شايد تون سُتل هئين، جو عمر اجائي وئي!‘

*همہ برگ بودن همے ساختی*

*بتدبیر رفتن، نہ پرداختی۔*

’مڙئي رهڻ جو سامان ٺاهيو اٿئي (آخرت ڏانهن) وڃڻ جي تدبير نہ سوچي اٿئي.‘

*چوں پنجاہ سالت بروں شد زدست*

*غنمیت شمر پنج روزے کہ هست۔*

’جڏهن تنهنجي عمر جا پنجاهہ سال هٿ مان ويا تہ باقي پنجن ڏينهن جو ثمر، غنيمت سمجهہ.‘

*اگر مردہ مسکیں زباں داشتے*

*بہ فریاد زاری، فغاں داشتے۔*

’جيڪڏهن مري ويل مسڪين (ڳالهائڻ جي طاقت واري) زبان رکي ها تہ فرياد ۽ زاريءَ سان دانهون ڪري ها.‘

*کہ اے زندہ تا هست امکان گفت*

*لب از ذکر چوں مردہ برهم مخفت۔*

’اي جيئرا، جيستائين چوڻ جو امڪان آهي، مئل وانگر چَپ ذڪر کان بند نہ رک!‘

*کہ اے زندہ از حال من پند گیر*

*بقولِ نبی تانہ مردی بمیر۔*

’اي جيئرا، منهنجي حال کان نصيحت وٺ. نبي ڪريم جو فرمان آهي تہ جي مُئو نہ آهين تہ مر.‘*

* هن جاءِ تي قلمي نسخي ۾ حاشيو نمبر (1) ڏئي لکيو ويو آهي تہ ان مان مراد حضور عليہ السلام جو هي فرمان آهي، موتوا قبل ان تموتوا. ’مرڻ کان اڳي مرو.‘





*چوں مارا بغفلت بشد روزگار*

*تو بارے دمے چند فرصت شمار۔*

’جڏهن اسان جو غفلت ۾ زمانو گذري ويو آهي، تہ تون بہ ٿي پساهہ غنيمت سمجهہ.‘

- ۽ شيخ ضياء الدين نخشبي فرمايو آهي:

*هیچ کس را ز مرگ نیست گریز*

*گور کن هم شے بگور شود۔*

’يعني ڪنهن کي بہ موت کان بچڻ جي (واهہ) نہ آهي، ٻين جون قبرون پاڻ بہ هڪ رات قبر جي حوالي ٿيندو.‘

- ۽ جيڪڏهن تنهنجو خيال آهي تہ هميشہ باقي هوندس ۽ هيءَ دنيا باقي رهڻ جو ميدان آهي تہ ماءُ، پيءُ، ڏاڏي ۽ ٻين جي قبرن کي ياد ڪر، جو اهي اڳي اسان سان ڳالهائيندا هئا ۽ هاڻي تہ نهارين ئي نہ ٿا ۽ ڪڏهن اسان سان گڏ ويهي کِليا ۽ ڳالهيون ٿي ڪيائون، هاڻي مٽيءَ ۾ ملي برابر ٿي ويا:

(جيئن هڪ بزرگ فرمايو آهي)

*شاهانِ شہ سوار و عروسانِ مہ جبیں*

*بسیار مردہ اند کزوشاں نشان نماند۔*

’ٻلي بادشاهہ شهسوار هجن ۽ چنڊ چهري واريون ڪنواريون هجن. ڪيترائي مري ويا، جن جو نشان ئي نہ رهيو آهي.‘

هيءَ دنيا فاني ۽ شيطاني آهي ۽ هتان ڪابہ دنيا جي شيءِ گڏ نہ هلندي، مگر نيڪ عمل ۽ علم وڃي رهندو. جيڪو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ويندو (گڏ هلندو) آهي.

شعر

*آنکہ او با تو فرو ناید بخاک*

*آں همہ دنیا بود نے دین پاک۔*

’جيڪا شيءِ توسان مٽيءَ جي هيٺان گڏ نہ هوندي، اها مڙئي دنيا آهي. پاڪ دين نہ آهي.‘

دنيا بيوفا آهي، زماني جو مڪر آهي ۽ آخرت دارالقرار ۽ ڇوٽڪاري جي جاءِ آهي. دنيا پاڻيءَ تي هلندڙ ٻيڙي آهي، جو اسين ان جهان ۾ هلندڙ آهيون. ٻہ ٽي گهڙيون گڏ هلڻ کان پوءِ جڏهن ڪشتي ڪناري تي پهچندي تہ هرهڪ جدا ٿي ويندو. سفر جا ٻہ قسم آهن: هڪ دنيا جو ٻيو آخرت جو. دنيا جي سفر ۾ ثمر پاڻ سان گڏ کڻبو آهي ۽ آخرت جي سفر لاءِ ثمر اڳ ۾ موڪلڻو پوندو آهي. جڏهن ٻانهو عجز زاري ۽ نياز ٿو ڪري تہ الله تعاليٰ قبول ٿو فرمائي، جو اهو غفور، رحيم، قادر ۽ ستار آهي.

شعر

محال است گر سر برایں در نہی
کہ باز آردت دست حاجت تہی۔

’محال آهي جو هن دروازي تي مٿو رکين ۽ تنهنجي حاجت جو هٿ خالي وري.‘

گناہِ من ازنامدی در شمار
ترا نام کے بود آمرزگار۔

’جيڪڏهن منهنجا گناهہ ڳڻڻ ۾ نہ اچن ها تہ تنهنجو بخشڻهار نالو ڪيئن ٿئي ها.‘

(تنهنجو ئي فرمان آهي):

اِنَّ رَبِّيۡ قَرِيۡبٌ مُّجِيۡبٌ

’بيشڪ منهنجو رب ويجهو دعا قبول ڪندڙ آهي.‘[1]

(ٻيو فرمان آهي):

لَاتَقۡنَطُوۡا مِن رَّحۡمَةِاللّٰهِ اَنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُالذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا"

’رب جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو. بيشڪ الله سڀئي گناهہ بخشيندو آهي.‘*

خداوند! گناہم را بیامرز
گناہم شد بلند از کوہ البرز۔

---

[1] سورة هود آيت 61
* سورة زمر آيت 54





’اي الله! منهنجي گناهن کي بخش ڪر. منهنجا گناهہ البرز جي جبل کان وڏا ٿي ويا آهن.‘

غفوریؔ و شکوریؔ و رحیمی
فا غفرلی ذُنُوبِی یا کریمی۔

’بخشيندڙ، قدردان ۽ مهربان آهين، اي منهنجا ڪريم! مون کي منهنجا گناهہ بخش ڪر.‘

ندارم ہیچ کس جز تو وسیلہ
بہ بخشی از عطاہائے جمیلہ۔

’توکان سواءِ ڪا واهہ نٿو رکان. پنهنجي، سهڻين عطائن مان مون کي بخش فرماءِ.‘

توئی داناء ہر رازِ نہانی
توئی خلاق رزّاقِ جہانی۔

’هر ڳُجهي راز جو ڄاڻندڙ تون آهين، تون ئي پيدا ڪندڙ جهان کي رزق ڏيندڙ آهين.‘

تو بر ایں حال مسکیں رحم فرما
نصیب بندہ کن فردوس اعلیٰ۔

’تون هن مسڪين جي حال تي رحم فرماءِ، ٻانهي کي فردوس اعليٰ نصيب ڪر.‘

دلم بگرفت از عصیاں سیاہی
سفید از لطف گرداں یاالٰہی۔

’منهنجي دل گناهن جي ڪري ڪاري ٿي آهي، اها پنهنجي مهربانيءَ سان روشن ڪرڻ فرماءِ.‘

شدہ ستم غرق در دریائے عصیاں
تو دستم گیر اے سبحان و رحماں۔

’مان گناهن جي درياهہ ۾ غرق ٿيل آهيان، اي پاڪ ۽ مهربان! تون منهنجو هٿ وٺي (مون کي ٻاهر ڪر).‘

*منم تشنه تو آبِ رحمت خویش*
*به من بخشی که تا نوشم ز حد بیش۔*

’مان اڃايل آهيان، تون پنهنجي رحمت جو پاڻي مون کي ڏي ته مان تمام گهڻو پيان.‘

*روائے حاجتِ 'هاشم' گدا کن*
*روا بهر محمد مصطفیٰؐ کن۔*

’هاشم‘ مسڪين جي حاجت پوري ڪر، محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي حاجت پوري ڪر.‘

اي (حقيقي) بادشاهه اسين مڙئي پينو آهيون، اسان کي (پنهنجي) دروازي تان خالي نه موٽاءِ پنهنجي رحمت جي بي انتها درياهه مان اسان کي به ڪجهه عطا فرماءِ!

(شيخ فريدالدين عطار ؒ جا شعر)

*بادشاها جرم مارا درگذار*
*ما گنهگاریم تو آمرزگار۔*

اي بادشاهه! اسان جي گناهن کي معاف ڪر، اسين گنهگار آهيون، تون بخشيندڙ آهين.

*تو نکوکاری و ما بدکرده ایم*
*جرم بے انداز بیحد کرده ایم۔*

’تون ڀلائي ڪندڙ آهين ۽ اسان برائي ڪئي آهي، اسان بي انداز گناهه ڪيا آهن.‘

اسين بي فرمان ٻانها آهيون، پنهنجي عام لطف سان ڪو رحم ڪر ۽ اسين پير پڳل مٽيءَ ۾ ڦاٿل آهيون، جيئن پٿر مان گوهر ڪڍندو آهين (تيئن اسان کي به گناهن جي گپ مان ٻاهر ڪڍ). اي پيدا ڪندڙ رب! اسين مڙئي اڃايل ۽ بکايل آهيون. اسان تي رحمت ۽ مهربانيءَ جو مينهن وساءِ. اسين دوزخ جا لائق آهيون، پر پنهنجي رحمت سان اسان جي باهه کي بهشتي نارَ سان متاءِ! اي بخشيندڙ! اسين گناهن جي ڪري اگهاڙا آهيون،





پنهنجي مهربانيءَ سان اسان کي ڍڪ ۽ بهشتي وڳا نصيب ڪر! اي ڍڪيندڙ! اسين ويچارا آهيون، تون پنهنجي لطف ۽ مهربانيءَ سان اسان لاءِ چارو پيدا ڪر. اي جبار! اسين پنهنجي گناهن جي شرم کان روئيندڙ آهيون، اسان کي معافيءَ وارو ڪلڻ عطا ڪر. اي دياوان! اسين گناهن جي کوهه ۾ ٻڏل آهيون، اسان جو هٿ وٺي ٻاهر ڪڍ. اي مغفرت وارا! اسان کي پنهنجي رحمت جي ويجهو ڪر، ايمان جي سلامتي ڏي ۽ آخرت جو ڇوٽڪارو نصيب ڪر ۽ قلب ۾ قبر جي روشني ۽ گناهن جي معافي نصيب ڪر. آمين يا رب العالمين!

جاڻ ته حضرت بايزيد بسطامي ؒ کان پڇيو ويو ته، سنت ڪهڙي آهي ۽ فرض ڪهڙو آهي؟ فرمايائين دنيا جو ڇڏڻ سنت ۽ مولا جي محبت فرض آهي.

(الله تعاليٰ جو فرمان آهي):

’مون جنن ۽ انسانن کي پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي.‘*

روايت ۾ آهي ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ٻانهي کي فرمائيندو ته، فلاڻو عارف ۽ داناءُ ٻانهو جيڪو فلاڻي محلي ۾ رهندو آهي، سڃاڻين ٿو؟ چوندو هائو! فرمان ٿيندو ته توکي انهيءَ جي ڪري بخش ڪيم.

*شنیدم که در روز امید و بیم*
*بداں رابہ نیکاں بہ بخشد کریم۔(سعدی)*

’مون ٻڌو آهي ته اميد ۽ ڊپ واري ڏينهن الله تعاليٰ نيڪن جي صدقي بڇڙن کي بخش ڪرڻ فرمائيندو.‘

دنيا جو ملڪ عدل سان آباد ٿيندو آهي ۽ دين ۽ دل جو ملڪ تابعداريءَ ۽ عبادت سان آباد ٿيندو آهي. دل جي ولايت عبادت جي نور سان روشن ٿيندي آهي ۽ سٺا اخلاق رکڻ، توبهه ۽ استغفار ڪرڻ، بردبار ٿيڻ، گناهه معاف ڪرڻ، بري کي برو ۽ نيڪ کي نيڪ سڃاڻڻ، همت وارن جوڪم آهي.

* سورة الذاريت آيت 56

هڪ واقعو: هڪ بيڪار ماڻهوءَ کي ان وقت جي خليفي جي اڳيان آندائون. خليفي ان کي سزا ڏيڻ جو حڪم فرمايو. ان عرض ڪيو تہ اي اميرالمؤمنين! گناهہ جي سزا ڏيڻ عدل آهي ۽ معاف ڪرڻ فضل آهي اميرالمؤمنين جو شان مٿي آهي ۽ جيڪو مٿي هوندو آهي، هيٺئين کي معاف ڪندو آهي. خليفي کي سندس ڳالهہ وڻي ۽ مٿانئس گناهہ جي سزا معاف ڪري ڇڏيائين.

هڪ ڪاسائي، هڪ ٻانهيءَ تي عاشق ٿيو هڪ ڏينهن ان ٻانهيءَ سان ملاقات ٿيس. جڏهن ان ۾ هٿ وڌائين تہ ان ٻانهيءَ چيس تہ اي جوان مڙس! مان تنهنجي محبت ۾ توکان وڌيڪ قاتل آهيان، پر الله تعاليٰ کان ڊڄان ٿي، اُن مڙس جواب ڏنو تہ جيڪڏهن تون ڊڄين ٿي، مان ڇا لاءِ نہ ڊڄان (ائين چئي) توبهہ ڪري موٽي آيو. رستي ۾ اڃ گهڻي لڳيس ۽ هلاڪ ٿيڻ جو ڊپ ٿيس. ڪيس هڪ شخص ويجهو هو. جنهن کي ان وقت جي ڪنهن نبي سڳوري پنهنجو قاصد ڪري موڪليو هو. اُن ڪانئس پڇيو تہ توکي ڪهڙي تڪليف پهتي آهي؟ هن چيو تہ اڃ لڳي اٿم. اُن چيو تہ اچ تہ گڏجي دعا گهرون تہ الله تعاليٰ مينهن وسائي، جيڪو تيستائين بيهي، جيستائين پاڻ شهر ۾ پهچون. ان جواب ڏنو تہ مون ڪا اهڙي عبادت ڪانہ ڪئي آهي، جنهن جي وسيلي سان دعا گهران، تون دعا گهر تہ مان آمين چوان. ائين ڪيائون ۽ دعا گهريائون تہ مينهن وسي پيو. جڏهن اهو جوان موڪلائي روانو ٿيو تہ مينهن بہ ويندو رهيو. اهو نبي سڳوري جو قاصد اجا بيٺو هو تہ سچ ظاهر ٿيو ۽ ويندڙ نوجوان کي سڏي فرمايائين تہ تو چيو هو، مون ڪا عبادت نہ ڪئي آهي. ڪيئن دعا گهران، پر هينئر خبر پئي تہ مينهن تہ تنهنجي ڪري آيل هو. تون پنهنجو حال تہ مون کي ٻڌاءِ! ان نوجوان عرض ڪيو تہ ٻي ڪا خبر نہ اٿم، مگر هيءَ ڳالهہ آهي، جو ان ٻانهيءَ جي نصيحت جي ڪري توبهہ ڪئي هيم. ان قاصد فرمايو تہ ڳالهہ بہ اها آهي. الله تعاليٰ وٽ جيڪا مقبوليت توبهہ ڪندڙ کي هوندي آهي، اها سڀ ڪنهن کي نہ هوندي آهي. الله تعاليٰ جو خوف رکڻ ۽ زهد قبول ڪرڻ ظاهر ۾ ڳرو آهي ۽ حاتم اصمؒ فرمايو آهي تہ. رهڻ جي ڀليءَ جاءِ تي مغرور نہ ٿيو جو ڪابہ جاءِ بهشت کان ڀلي نہ آهي ۽ خبر اٿو تہ حضرت آدمؑ ڇا ڏٺو. بلعم (بن) باعور





وڏي علم وارو هو (الله تعاليٰ جي پاڪ نالي) مبين جو ڄاڻو هو. جڏهن مٿي نگاه ڪندو هو تہ عرش جي ٿنڀن کي ڏسندو هو ۽ هيٺ نظر ڪندو هو تہ تحت الثريٰ ڏسندو هو. پر ان جي باري ۾ هيءَ آيت آئي.

فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْتَتْرُكْهُ يَلْهَثْ

’ان جو مثال ڪتي وانگر آهي، جيڪڏهن ان تي بار ڪڻندين تہ زبان ڪڍي سهڪندو ۽ جيڪڏهن اُن کي ڇڏيندين تہ زبان ڪڍي سَهڪندو.‘*

نيڪن ۽ صالحن جي صرف زيارت ڪرڻ تي غرور نہ ڪريو، جو سندن مائٽ حضور ﷺ جن کي گهڻو (ظاهري طرح) ڏٺو هو ۽ ساڻن مليا هئا، پر ان جي باوجود بہ مسلمان نہ ٿيا.

’فَيُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِي مَنْ يَّشَآءُ‘

پوءِ جنهن کي (الله) گهُري گمراهہ ڪري ۽ جنهن کي گهري هدايت ڪري+ ۽ الله سڀ شيءِ تي قادر آهي.

هڪڙي بزرگ فرمايو آهي تہ ٽيهہ سال نماز جي جماعت قضا نہ ڪيم، هميشہ پهرينءَ صف ۾ هوندو هوس. هڪ ڏينهن دير سان اچڻ ڪري پوئينءَ صف ۾ اچي وينس ۽ اندر ۾ پشيمان ٿيس تہ ماڻهو چوندا تہ دير سان آيو آهي. پر اُتي جو اتي سمجهيم تہ منهنجي پشيماني ماڻهن جي ڪري آهي (الله تعاليٰ جي خوف ڪان ناهي) جو پوئينءَ صف ۾ ڏٺو اٿن (۽ اهو رياء آهي) پوءِ اخلاص اهو آهي، جنهن جو ڄاڻڻ بہ ڏکيو ۽ ڪرڻ بہ ڏکيو آهي، جنهن عمل ۾ شِرڪ آهي ۽ اخلاص نہ آهي، اهو قبول نہ آهي.

حَاسِبُوْا اَنْفُسَكُمْ قَبْلَ اَنْ تُحَاسَبُوْا

الله تعاليٰ وٽ حساب ڏيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي نفسن جو پاڻ حساب ڪريو.

* سورة الاعراف آيت 176

+ سورة ابراهيم آيت 4

امير المؤمنين عمر رضي الله عنه جن جو قول آهي تہ انسان کي ڪي ڳالهيون عذاب ۾ وجهنديون آهن تہ ڪي ڳالهيون عذاب کان ڇڏائي ثواب ۾ آڻينديون آهن (عذاب ۾ وجهڻ واريون ڳالهيون هي آهن:) بخيل هجڻ، بي حيائي ڪرڻ، سستي ڪرڻ، جاهل هجڻ، شوم هجڻ، بداخلاق هجڻ، زنا ۽ خيانت ڪرڻ، تڪڙ ڪرڻ، ظلم ڪرڻ، اگهاڙو سمهڻ ۽ اگهاڙو ٿي پيشاب ڪرڻ، هٺ ڪرڻ، بي انصافي ڪرڻ، بي دين هجڻ، بددعا ڪرڻ، بي اعتقاد هجڻ، نماز ۽ روزو ڇڏڻ، ڪوڙ هڻڻ ۽ بدن تي ڊڪيل ڪپڙي کي اُتي سبڻ ۽ مٿل تي نگاهہ وجهڻ.

اهي شيون جيڪي پليون ۽ ثواب آهن (هي آهن:) عدل ڪرڻ، سخاوت ڪرڻ، شريعت ڏي توجهہ ڪرڻ، خير جي دعا گهرڻ، نماز پڙهڻ، ماءُ ۽ پيءُ کي پاڻ کان خوش رکڻ، حضور صلي الله عليه وسلم تي صلوات شريف گهڻي پڙهڻ، دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت گهڻي رکڻ، بردباري ڪرڻ، رحم ڪرڻ، هرڪنهن کي پاڻ کان راضي رکڻ، ڪنهن جي غلطي معاف ڪرڻ، بري کي برو ۽ چڱي کي چڱو سمجهڻ، عمل جو ڏِيئو روشن ڪرڻ، رستا صاف ڪرڻ، ۽ ٻهارڻ، حلال کائڻ، صالح هجڻ، الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ، سچ جو ڪلمو پڙهڻ ۽ حيا ۽ وفا رکڻ. والله اعلم بالصواب! سمجهڻ گهرجي تہ قيامت ۾ ڏڪار جهڙي حالت هوندي ۽ جيڪو ثمر نہ رکندو، غمناڪ هوندو. اهڙيءَ طرح قيامت ۾ بہ تابعداريءَ جو ثمر رکندو تہ خوش هوندو ۽ جيڪو نہ رکندو تہ غمگين هوندو. جيڪو خوشحاليءَ جي وقت ڏڪار لاءِ سوچيندو، اهوئي آئيندي جو اونو رکندو.

*از ينجا چراغِ عمل برفروز*

’هتي ئي عمل جو ڏِيئو روشن ڪر!‘

هڪ پيغمبر سڳوري عليہ الصلواة والسلام پنهنجي دشمن ڏانهن ماڻهو موڪليو، جنهن ساڻس (سندس خاندان سميت) چار سؤ سال دشمني ڪئي هئي، پر نياپو ڏيندڙ ماڻهوءَ کي فرمايائين:

’ان کي دڙڪو نہ ڏجان ۽ اُن سان سخت نہ ڳالهائجان.‘





تون اُن مومن جي حق ۾ ڇا چوندين، جنهن ستر سال توحيد (جي عقيدي) ۾ گذاريا هجن، جڏهن الله تعاليٰ ملڪ الموت کي ڏانهنس موڪلي ٿو تہ ان کي فرمائي ٿو، هن ٻانهي سان نرمي ڪجان ۽ صلح رکجانءِ.

اَنۡ لَّاتَخَافُوۡا وَلَاتَحۡزَنُوۡا

’نہ ڪو خوف ڪريو ۽ نہ ڪو ڏک ڪريو.‘•

ان کي اعلان ٻڌاءِ. الله تعاليٰ جي رحمت ۾ عجب نہ ڪر ۽ ان جي ڪرم کان نااميد نہ ٿيءُ.

هڪڙيءَ قوم وارا ماڻهو گهوڙن تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ۾ رهيا ۽ سڄي عمر سپاهي ٿي گذاريائون ۽ وڏيءَ عمر تائين ڪفر تي ثابت قدم رهيا. مگر جڏهن الله تعاليٰ جي بي انتها ڪرم جي نوازش ٿي تہ اُن ئي جنگ جي ميدان ۾ انهن مڙني کي نوازيائين، گناهہ بخشي، توحيد جو عقيدو ۽ شهادت ڏئي، کين بهشت نصيب ڪيائين ۽ اهي ايمان سان جان ڏئي هميشہ وارين نعمتن کي پهتا.

الله تعاليٰ جي عدل کان اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جو هڪڙو (شخص پاڻ کي) عبادت جي جاءِ ۾ رکي ۽ ساهہ ۽ دل (وصال جي) شوق ۾ ڳاري، پڇاڙيءَ ۾ هڪ گناهہ جي ڪري، ان کي پنهنجي درگاهہ کان پري رکي، جيڪو بہ هڪ پيرو الله تعاليٰ جي بي عيب هجڻ جي شاهدي ڏئي ٿو، الله تعاليٰ ان کي پنهنجي رحمت کان هرگز جدا نہ ٿو ڪري. بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان آهي.

هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ عليہ السلام، الله جي بارگاهہ ۾ مناجات ڪرڻ ٿي ويو. هڪ شخص کيس مليو ۽ چيائين تہ: ’اي موسيٰ! ڪيڏانهن ٿو وڃين. پاڻ فرمايائون تہ (الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾) مناجات ڪرڻ ٿو وڃان. ان ماڻهوءَ چيو تہ منهنجو پيغام بہ الله تعاليٰ کي پهچائجان ۽ چئجان تہ مون کي تنهنجي خدائيءَ کان شرم ٿو اچي، جيڪڏهن تون مون کي رزق ٿو ڏين تہ ٻيهر نہ ڏي، جو مون کي تنهنجي روزي نہ گهرجي. حضرت موسيٰ عليہ السلام هن سُخن کان ڏڪي ويو. ۽ (طور جبل ڏي) ويندو رهيو. جڏهن مناجات کان

---

• سورة حم سجده آيت 30

فارغ ٿيو ۽ واپس ٿيڻ جو ارادو ڪيائين تہ حڪم آيو: ”اي موسيٰ! ان ٻانهي جي امانت پهچاءِ. عرض ڪيائين تہ ”ياالله! مون کي شرم ٿو اچي، جو مان (اهي) لفظ چوان ۽ تون پاڻ ڄاڻين ٿو تہ ڇا چيو هئائين.“ فرمان ٿيو تہ: پيغام ضرور پهچاءِ. موسيٰ عليہ السلام جيڪي ٻڌو هو اهو عرض ڪيائين. (الله تعاليٰ جو) حڪم ٿيو تہ ان ٻانهي کي چئجان تہ جيڪڏهن توکي منهنجي خدائي مان شرم ٿو اچي تہ مون کي ان ڳالهہ کان شرم نہ آهي تہ تون منهنجو ٻانهو آهين. مان توکي رزق ڏيندو رهندس، تون گهرين يا نہ گهرين ۽ جيڪڏهن انهن لفظن کان رجوع ڪري توبهہ ڪندين تہ مان توتي رحم ڪندس ۽ تنهنجي براين کي نيڪين سان بدلائي ڇڏيندس. جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام واپس موٽيو تہ ان شخص کانئس پڇيو تہ، منهنجو پيغام پهچايئي؟ حضرت موسيٰ عليہ السلام فرمايو تہ مون پاڻ ڪونہ پهچايو. پر رب العزة (جل شانہ) پاڻ هيءُ جواب ڏنو. اهو شخص سخت پريشان ٿيو ۽ کيس عرض ڪيائين تہ، مون کي ايمان جي تلقين ڪريو ۽ پوءِ ايمان آڻي مسلمان ٿيو ۽ سجدي ۾ پئجي رهيو. جبرائيل ۽ عزرائيل عليهم السلام گڏ پهتا. ان جو ساهہ ڪڍيائون ۽ ان جي براين کي چڱاين سان مٽايائون.

جڏهن الله تعاليٰ جي ڪرم ۾ جائز آهي، جو ٽن سؤ سالن جي ڪفر کي هڪ گهڙيءَ جي توبهہ سان معاف ڪري تہ پوءِ جيڪڏهن پنجاهہ سالن جي گناهن کي پنجاهہ سالن جي توحيد سان بخشي تہ عجب نہ آهي. بيشڪ اهو ويجهو قبول ڪندڙ آهي.

حضرت سفيان ثوري رحہ فرمايو آهي تہ، هڪ ڀيري سفر ۾ اهڙيءَ جاءِ تي پهتس، جتي گهڻا ماڻهو گڏ ٿيل هئا ۽ هڪڙو تخت رکي ان تي ڪپڙا رکيا هئائون. مون انهن کان پڇيو تہ: هتي ڇو گڏ ٿيا آهيو ۽ هيءُ تخت ڪنهن جو آهي؟ چيائون تہ اسان جو هڪ زاهد آهي، جيڪو هن جبل ۾ رهندو آهي. سال ۾ هڪ ڀيرو هن جبل مان هيٺ اچي تخت تي ويهي بہ نصيحتون ڪري واپس هليو ويندو آهي ۽ اسان لاءِ اهي بہ نصيحتون سڄي سال لاءِ ڪافي هونديون آهن. حضرت سفيان ثوري رحہ فرمايو تہ مان بہ اتي ويهي رهيس. هڪ پوڙهو وڏن وارن وارو نيڪ ۽ صالح آيو ۽ ان تخت تي





ويهي ماڻهن ڏانهن منهن ڪري فرمايائين تہ، اي انسانؤ! اوهان مان ڪو بہ اهڙو ناهي، جنهن ۾ بيماري ناهي. هڪ مِهر جي بيماري، ٻي مُهر جي. مِهر جي بيماري دنيا جي محبت آهي ۽ مُهر جي بيماري ڪيسي تي مِهر رکڻ آهي. دنيا تان محبت ڪٽو ۽ دين سان محبت رکو ۽ ڪيسي تان مِهر ڪٽو ۽ زبان تي مُهر رکو تہ ٻنهي بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. اهي ٻہ نصيحتون ڪري بزرگ هيٺ لهي هليو ويو.

هاڻي اسان ۾ اهڙا ماڻهو آهن، جو جيڪڏهن انهن کان 100 نمازون ضايع ٿي وڃن تہ کين انهن جو افسوس نہ ٿيندو پر کانئن جيڪڏهن هڪ دينار انهن کان گم ٿي ويندو تہ هزارين قسمن جو ماتم ڪندا. ضياءُ الدين نخشبي رحہ فرمايو آهي تہ، هن کان اڳ ۾ اهڙا ماڻهو هوندا هئا، جو ٻين جي گناهن جي ڪري کين تڪليف محسوس ٿيندي هئي (هاڻي پاڻ ٿا گناهہ ڪن تہ بہ فڪر نہ اٿن).

پراڻي رسم آهي تہ بهار جي موسم ۾ ماڻهو رانديون ۽ خوشين ۾ مشغول ٿيندا آهن. جڏهن موسم ايندي هئي تہ حضرت معروف ڪرخي رحہ، (جيڪو طريقت جي جهان جو بهار هو) بيمار ٿي پوندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ وري بهار جي موسم آئي آهي ۽ ماڻهو رانديون ۽ خوشين ۾ مشغول ٿيندا.

روايتن ۾ آيل آهي تہ مومن ٻانهو جڏهن دنيا کان ٻاهر ويندو ۽ بہ ٽي ماڻهو ويهي ان جي تعريف ڪندا تہ حڪم ايندو تہ هيءُ ٻانهو ايترو نيڪ نہ هو ۽ گهڻا ڀيرا مون کي ايذايو هئائين ۽ گناهہ ۽ بي فرمانيون بہ ڪيون هئائين، پر جيئن تہ ٻن ٽن مؤمنن سندس تعريف ڪئي آهي ۽ مون مؤمنن کي پنهنجو شاهد سڏيو آهي تہ منهنجي ڪرم جي لائق نہ آهي، جو پنهنجي شاهدن جي شاهدي رد ڪريان. اي ملائڪو! شاهد ٿجو تہ مون ان کي بخشي ڇڏيو.

اِنَّ اَللهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا-اِنَّهٗ هُوَالۡغَفُوۡرُالرَّحِيۡمُ (قرآن)

’بيشڪ الله سيئي گناهہ بخشيندو آهي، بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان آهي.‘•

• سورة الزمر آيت 54

ارشادالسالڪين ۾ لکيل آهي ته، جڏهن ملڪ الموت مومن جي روح کي قبض ڪرڻ لاءِ ايندو آهي ته الله تعاليٰ جي بارگاهه مان ستر (70) پيرا فرمان ايندو آهي ته، منهنجي ٻانهي جو ساهه آسانيءَ سان ڪڍجان.

چار شيون چئن شين سان گڏ نه هونديون آهن: (1) دنيا سان گڏ دين نه هوندو، (2) نفس جي خواهشن سان گڏ خدا نه ملندو، (3) خلق جي (ناجائز طريقي واري) ديدار سان گڏ حق جو ديدار نه ٿيندو، (4) خلق جي (ناجائز راضي ڪرڻ سان) الله تعاليٰ راضي نه ٿيندو.

جڏهن سڪندر کي تابوت ۾ رکيائون ته ان جي چوڌاري ڪيترا (حڪيم) گڏ ٿيا. هڪڙي حڪيم چيو ته اي بادشاهه! اڄ ڏينهن تائين سڄي جهان تو ۾ اميدون رکيون هيون ته تون انهن تي (مهربانيءَ جي) نگاهه ڪرين. اڄ تون مؤمنن جي دعا ۾ اميد رکيو پيو آهين. ٻئي حڪيم چيو اي بادشاهه! (اڄوڪي ڏينهن تائين) ملڪ جا ڪاريگر درزي تنهنجا ڪپڙا (سهڻي نموني) نٿي سبي سگهيا، اڄ هڪ پيرڙيءَ عورت تنهنجي ڪفن کي سبيو آهي ۽ تون ان جي روڪڻ کان عاجز آهين. ٽئين حڪيم چيو اي بادشاهه! اڄ تنهنجو نالو خطبي مان ڪيڍي ڇڏيائون ۽ تنهنجي خزانن کي لٽيو ويو آهي ۽ تنهنجي حڪومت ٻين ورتي آهي، پر توکي ڪين دفع ڪرڻ ۽ ڪائنڻ حڪومت کسڻ جي طاقت نه آهي. چوٿين حڪيم چيو اي بادشاهه! اڄ ڏينهن تائين ننڍين ملڪن جا بادشاهه به تنهنجا وزير لڳا پيا هئا، هينئر زمين جي هيٺان تو وٽ ڪيڙا هوندا. پنجين حڪيم چيو اي بادشاهه! (اڄ ڏينهن تائين) تون گهڻي روشنائي رکندو هئين، قناعت نه ڪندو هئين، هاڻي قبر جي اونداهيءَ ۾ خوش ٿيندين. ڇهين حڪيم چيو اي بادشاهه! (اڄ ڏينهن تائين) جنگ ڪرڻ لاءِ ساري زمين تي گهمندو هئين، هاڻي زمين جي هيٺان توسان جنگ ٿيندي. ستين حڪيم چيو اي بادشاهه! (اڄوڪي ڏينهن تائين) تو لاءِ سڄي زمين جي بادشاهي به ڪافي نه هئي، هاڻي زمين جي چئن گزن جي بادشاهيءَ تي ڪفايت ڪئي اٿئي.

هن ڪتاب جو مصنف (محمد هاشم) چوي ٿو ته: جيڪڏهن مان اتي حاضر هجان ها ته چوان ها. مال اُن لاءِ هوندو آهي ته عاجزيءَ وقت





ڪم اچي، هاڻي تون پاڻ عاجز آهين، مال ڇا ڪري؟ لشڪر بلائن ۽ دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، هاڻي اهو ڇا ڪري؟ امير ۽ وزير ملڪ جي نظام کي صحيح هلائڻ لاءِ هوندا آهن، هاڻي اهي ڇا ڪن؟ دوست ڏڀ ۽ مصيبت وقت ڪم ايندا آهن، هاڻي اهي ڇا ٿا ڪري سگهن؟

شعر

*امیرے را کہ بر قصرش ہزاراں پاسباں بنی*

*کنوں بر قبرء گورش کلاغاں پاسباں بنی۔*

'جنهن امير جي محلات تي هزارين چوڪيدار ڏسندو هئين، هاڻي ان جي قبر جي قبي تي ڪانوَ چوڪيدار ڏسندين.'

(هڪ روايت) ۾ روايت جو ذمو راويءَ تي آهي ته اي درويش! قيامت ۾ هيءُ سچ اٿين نه هوندو جيئن هن جهان ۾ آهي. هن وقت پٺي اسان ڏي اٿس ۽ قيامت ۾ منهن اسان ڏي ڪندو. رب ڪريم جي رحم تي اميد رکڻ فرض آهي، جو اهو مومنن کي بهشت نصيب ڪندو ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ وجهندو.

"اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ" (قرآن)

'بيشڪ الله تعاليٰ داخل ڪندو انهن کي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون. بهشتن ۾، جن جي هيٺان نهرون ٿيون وهن.'[+]

جنهن کي باهه ۾ ٻارڻ لاءِ ٻيون ڪاٺيون هونديون، اهو عود (خوشبوءِ دار ڪاٺي) کي نه ساڙيندو. الله تعاليٰ کي جهنم ۾ ساڙڻ لاءِ ايترا ڪافر آهن، اهو مؤمنن کي دوزخ ۾ نه ساڙيندو.

"وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَافِرِيْنَ حَصِيْراً" (قرآن)

'۽ اسان جهنم کي ڪافرن جي لاءِ جيل خانو بنايو آهي.'[*]

[+] سورة محمد آيت 12

[*] سورة بني اسرائيل آيت 8

اي مؤمنو! ڄاڻو ۽ سمجهو تہ بهشت ۽ دوزخ برحق آهن ۽ انهن جو اقرار ڪرڻو آهي، ان جي ڪري ڪجهہ دوزخ جو عذاب ۽ ان جي هيئت بيان ٿا ڪريون تہ جيئن ڪوبہ ماڻهو الله تعاليٰ جي فضل کان سواءِ عبادت تي مغرور نہ ٿئي.

"اِنَّ جَهَنَّمَ لَمَوۡعِدُهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ" (قرآن)

'۽ بيشڪ جهنم انهن سڀني جي وعدي واري جاءِ آهي.'•

جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ (حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ) روئندي، حضرت فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر ۾ آيا. حضرت بيبي فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها عرض ڪيو تہ (اي سڀني جا) سردار! ڇا ٿيو آهي؟ فرمايائون اي (پياري) فاطمہ (رضي الله تعاليٰ عنها) الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ دوزخ کي ست دروازا آهن، انهن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ دروازي ۾ باهہ جا ستر هزار ميدان هوندا. هڪ هڪ ميدان ۾ باهہ جا ستر هزار جبل هوندا. هڪ هڪ جبل ۾ باهہ جون ستر هزار واديون هونديون، هڪ هڪ واديءَ ۾ باهہ جا ستر هزار دڙا، هڪ هڪ دڙي ۾ ستر هزار شهر، هر هڪ شهر ۾ ستر هزار گهٽيون، هر هڪ گهٽيءَ ۾ ستر حويليون، هر هڪ حويليءَ ۾ ستر هزار گهر، هر هڪ گهر۾ ستر هزار صندوقون، هر هڪ صندوق ۾ ستر هزار مختلف نمونا عذاب جا هوندا. اهو ٻڌي حضرت فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها منهن مبارڪ زمين تي رکي بيهوش ٿي وئي.

الله تعاليٰ دوزخ ۾ اهڙا نانگ ۽ بلائون پيدا ڪيا آهن، جو هر هڪ نانگ وڏيءَ ڪجيءَ جيڏو هوندو ۽ هر هڪ وڇون وڏي اٺ جيڏو، ان جي پڇ ۾ ستر ڏنگ هوندا. هر هڪ ڏنگ ۾ ستر مڻ زهر جا هوندا. جو جيڪڏهن ان زهر مان هڪ ڦڙو دنيا جي سڀني سمنڊن ۾ پوي تہ سڀئي سمنڊ زهر ٿي وڃن ۽ جنهن کي بہ اهي نانگ ۽ وڇون ڏنگ هڻندا تہ ستر هزار سالن تائين ان جو درد رهندو. (نعوذ بالله من ذالک) دوزخ ۾ گرم پاڻي ۽ ٿوهر هوندو، جو جيڪڏهن هڪ پيالو ان مان زمين تي هارجي تہ سڄي زمين زهر ٿي وڃي ۽ جڏهن اهو پيالو هٿ ۾ وٺندا ۽ پنهنجي منهن جي سامهون آڻيندا تہ

• سورة الحجر آيت 43





سڄي منهن جو گوشت ۽ کل لهي ويندي ۽ جڏهن پيئندا تہ آنڊا ذرا ذرا ٿي ويندا. جڏهن ٿوهر کائيندا تہ گرم هوندو ۽ جڏهن اندر ۾ ويندو تہ رڳون ۽ آنڊا کائي پيٽ کان ٻاهر ايندو ۽ ان گرم پاڻيءَ جي ڪري انهن جا مٿا ۽ کلون ۽ رڳون سڙي ڪري پونديون ۽ اڇا هڏا وڃي رهندا. پوءِ آواز ايندو تہ انهن جا بدن نوان ٺاهيا ويندا ۽ انهن کي نئون عذاب ڏيندو ۽ دوزخ ۾ ڪِني رت ۽ پونءِ جون نهرون وهنديون. دوزخي انهن جي گندگيءَ جي عذاب کان دانهون ڪندا ۽ انهن نهرن ۾ مڇيءَ جي بجاءِ نانگ ۽ وڇون هوندا، جيڪي دوزخيءَ کي هر هڪ ڏينهن ۾ ستر ڀيرا ڏنگ هڻندا. (نعوذبالله ياالله!) اسان کي باهہ کان ۽ پنهنجي قهر ۽ عذاب کان نيڪين جي سردار (ﷺ) جي صدقي بچاءِ.

## شفاعت جو بيان

رب العزة جل شانہٗ جي محبوب ﷺ جي شفاعت بہ بيان ڪريان، جو سندس شفاعت حد ۽ نهايت کان وڌيڪ آهي. ڪتابن ۾ آندو اٿن تہ هڪ ڏينهن حضرت امام حسين رضي الله عنه حضور جن کي عرض ڪيو تہ ماڻهو اٺن تي سوار ٿين ٿا، مان بہ اٺ تي سوار ٿيان. پاڻ فرمايائون تہ "تون منهنجي پٺيءَ (مبارڪ) تي سوار ٿي، مان تنهنجو اٺ آهيان. امام حسين رضي الله عنه حضور ﷺ جي پٺيءَ تي سوار ٿيو ۽ پاڻ اٺن وانگر هلڻ لڳا. حضرت امام حسين رضي الله عنه چيو تہ اٺن کي مهار هوندي آهي. (اوهان ۾ مهار ڪٿي آهي) حضور ﷺ مهار جي جاءِ تي پنهنجا وار مبارڪ سندس هٿ ۾ ڏنا. وري امام حسين فرمايو تہ اٺ آواز ڪندا آهن. حضور ﷺ آواز ڪرڻ فرمايو (اهو آواز ٻڌي) جبرائيل عليہ السلام نازل ٿيو (۽ عرض ڪيائين تہ) الله تعاليٰ اوهان کي درود ۽ سلام موڪلي فرمايو آهي تہ ٻئي ڀيري آواز نہ ڪر، جو اسان جي رحمت جو درياهہ جوش ۾ ٿو اچي تہ ڪافرن کي بہ بهشت ۾ نہ موڪلي ڇڏيان ۽ دوزخ خالي نہ ٿي وڃي (۽ انهن جو) دوزخ وارو واعدو ڪوڙو نہ ٿي پوي.

روايت آهي تہ احد جي جنگ واري ڏينهن حضور ﷺ جا ڏند (مبارڪ) شهيد ٿي پيا ۽ حضور ﷺ ڏندن کي هٿ ۾ جهليو بيٺا هئا تہ جبرائيل ع نازل ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ اي ڪائنات جا سردار ۽ اي

موجودات جا فخر! (اهي) ڏند مبارڪ مون کي عنايت فرماءِ جيئن انهن جي برڪت سان الله مهربان جي بارگاهہ ۾ بي فرمانيءَ جي شر کان امن ۾ رهان. حضور ﷺ فرمايو تہ توکي نہ ڏيندس. هي پنهنجي امت لاءِ رکيا اٿم. ۽ قيامت ۾ امت جي شفاعت ڪندس. والله اعلم!

ٻيءَ روايت ۾ آهي تہ جڏهن حضور ﷺ جن رحلت فرمائي ۽ سندن جسم مبارڪ جي سندن مزار پر انوار ۾ الله تعاليٰ جي رحمت ۾ منزل ٿي ۽ سيئي اصحابي ٻاهر آيا. هڪ اصحابي شڪران نالي فرمايو تہ مون سوچيو تہ آخري موقعو آهي حضور ﷺ جو منهن مبارڪ ڏسان. منهن پٽي کولي جو ڏٺم تہ سندس چپ مبارڪ چُري رهيا هئا ۽ پاڻ فرمائي رهيا هئا: اُمتي اُمتي. (ياالله) منهنجي امت کي بخش ڪر. منهنجي امت کي بخش ڪر. پوءِ مان ٻاهر نڪري آيس. (روايت جو ذميوار راوي آهي) هڪ روايت ۾ آهي تہ حضور محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي رحلت کان پوءِ هڪ ڏينهن ابوبڪر رضي الله عنه گهر ۾ ستل هو ۽ ننڊ ۾ وڏي آواز سان چئي رهيو هو تہ ما هٰذا البڪاءُ. هيءَ روئڻ ڇا جو آهي؟ حضرت عمر رضي الله عنه سجاڳ ٿي اُن وقت گهرجي دروازي تي پهتو تہ اهو آواز ٻڌائين ۽ ان جي دل اُن ڳالهائڻ ڏي خيال ڪيو (تہ ڇا ٿو چوي) پاڻ دروازو کڙڪايائين. عمر رضي الله عنه فرمايو! اي صديق ڇا ٿي چيئہ؟ ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو! خواب ۾ ڏٺو اٿم تہ قيامت قائم ٿي آهي ۽ ماڻهن کي (قبرن مان) اٿاريو پيو وڃي ۽ اوچتو ٻاهہ ڏٺم. جو ماڻهن کي چوڌاري گهيرو ڪري آئي ۽ انهن کي جهنم ڏانهن تڙي رهي هئي، تان جو (ڏسندي ڏسندي) حساب واري جاءِ تي پهتس تہ اتي خالص نور جون ڪرسيون ڏٺم ۽ انهن تي ماڻهو ويٺل هئا. (اتي موجود) ملائڪن سڳورن کان پڇا ڪيم تہ هي ڪير آهن؟ ملائڪن چيو تہ نبي سڳورا آهن. مون پڇيو تہ ڪنهن ڏي ٿا نهارين؟ فرمايائين: محمد مصطفيٰ ﷺ ڏي ٿا نهارين، جو عرش ڏي ويو آهي ۽ امتين جي شفاعت ٿو ڪري، مون چيو تہ اي ملائڪو! مان محمد مصطفيٰ ﷺ! جو خادم ابوبڪر آهيان، مون کي حضور ﷺ ڏيکاريو. انهن ملائڪن مون کي ڪٽي عرش وٽ پهچايو. حضور ﷺ کي ڏٺم تہ پڳ مٿي تان لاهي، چادر ڇيلهہ سان ٻڌي، هڪ هٿ





عرش جي ڪنگري تي رکي ۽ هڪ هٿ سان دوزخ جي ڪڙي کي وٺيو فرمائڻ پيا. ياالله! منهنجي اُمتين کي بخش ڪر ۽ اُمتي اُمتي فرمائي رهيا هئا. اي الله! منهنجا اُمتي عالم، زاهد، روزا رکندڙ نمازي آهن! فرمان آيو تہ اي (محبوب) محمد! مڙئي ڳالهہ انهن جي فائدي جي ٿا ڪريو. اها ڳالهہ چو نہ ٿا ڪريو تہ (منهنجا امتي) عاصي، فاجر، بدڪار، گنهگار آهن. حضور مصطفيٰ ﷺ عرض ڪيو. ياالله! جيڪڏهن گنهگار آهن، تہ بہ مشرڪ نہ آهن. ياالله! جيڪڏهن گنهگار آهن، تہ بہ تنهنجا سڃاڻندڙ آهن. (ائين عرض ڪري) پوءِ حضور ﷺ روئي ڏنو ۽ مون کين روئندي ڏسي عرض ڪيو تہ ماهذا البڪاءُ؟ (هيءَ روئڻ ڇا لاءِ آهي) پوءِ مون ڏٺو تہ حضور ﷺ دوزخ جي دروازي کي بند ڪري مون ڏي نهاريو ۽ فرمايو تہ اي ابوبڪر! مبارڪ اٿئي جو الله تعاليٰ (منهنجي اُمت کي) بخش فرمايو. ارادو ڪيم تہ حضور ﷺ کي عرض ڪري پڇان تہ اُمت جي اڌ کي بخش فرمايائين يا سموريءَ امت کي تہ (اي عمر فاروق) تو دروازو کڙڪايو ۽ مان سجاڳ ٿي پيس. هاڻي خبر نہ آهي تہ سيني کي بخش ڪيائين يا ٿورن کي. (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه، اها ڳالهہ ڪري بس ڪئي تہ) ان وقت دروازي تان آواز آيو تہ اي ابوبڪر! سيني کي بخش فرمايائين. حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو تہ مان ٻاهر ڊوڙيس تہ ڏسان ڪير ٿو ڳالهائي؟ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو! اي عمر موٽي آ، اهو خضرؑ هو.

دنيا ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪارو حضرت محمد ﷺ جي هڪ لفظ تي موقوف آهي. ڪتاب ۾ آندو اٿن تہ قيامت جي ڏينهن ماڻهو جڏهن حشر جي ميدان کان فارغ ٿي پلصراط تي ايندا تہ ٻيا نبي سڳورا عرض ڪندا تہ ياالله! اسان کي هن پلصراط تان پار پهچاءِ. اسان جي امتن سان جيڪو حساب ڪرڻو اٿئي ڪر. پر اسان جو نبي ﷺ، جيڪو جهانن جو سردار آهي، پنهنجي امت لاءِ قرباني ڏيندو. الله تعاليٰ فرمائيندو تہ مون بخشي ڇڏيو ڇو تہ منهنجو مقصود تون آهين. جيڪڏهن چوين تہ ڪافرن کي بہ بهشت ۾ داخل ڪريان.

جيئن هڪ روايت ۾ آهي.

“لَوۡلَاکَ لَمَا خَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاکَ“

’(اي محبوب) جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ آسمان کي پيدا نہ ڪريان ها.‘•

روايت ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ گهڻو روئندا هئا (اصحابن سڳورن) عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (ﷺ) ايترو ڇو ٿا روئو؟ فرمايائون تہ پنهنجي امت جي گناهن تي روئي رهيو آهيان. ايءُ عجب آهي، جو هڪ هڪ گلاب جي عرق جي ڦڙي جي ايتري قيمت آهي، جو هر هڪ مان ”عرق گلاب“ پيدا ٿو فرمائي ۽ (حضور ﷺ جي اکين مبارڪن مان وهيل) هيترن هزارن ڳوڙهن مان جيڪي گناهگار امت لاءِ وهايائون، جيڪڏهن الله تعاليٰ انهن ڳوڙهن جي مهابي گنهگارن کي بخشي تہ عجب نہ آهي، ۽ رب مهربان جي معافي بہ حد کان گهڻي آهي.

هڪ ڏينهن حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ کي عرض ڪري پڇيو تہ يا رسول الله! (ﷺ) ڪڏهن ملائڪن بہ مومنن لاءِ رنو؟ فرمايائون هائو! ان وقت جو (مومن پنهنجن) پٽن کان موڪلائي ڪري هڪ اک سان پٽن ڏي نهاريندو آهي ۽ ٻيءَ اک سان ملڪ الموت ڏي، ان وقت ملائڪ ان لاءِ روئن ٿا. جڏهن ان جو ساهہ ڇپن تي پهچندو آهي تہ ان جي نگهباني ڪندڙ ملائڪ ان تي روئن ٿا. جڏهن جنازو ٻاهر آڻيندا آهن تہ ان لاءِ ان جون جايون بہ روئنديون آهن. آسمان، عرش ۽ ڪرسي بہ ان تي روئن ٿا. جڏهن ان کي مٽيءَ ۾ دفن ڪري موٽن ٿا تہ رب العالمين اعلان ٿو ڪري تہ اي ملائڪو! هن غريب ويچاري کي ڏسو جو مٽئي موٽي ان کي اڪيلو ڇڏي،منهنجي حوالي ڪري ويا. اوهان شاهد ٿيو تہ مون ان کي بخش فرمايو. الله تعاليٰ جي رحمت جيتوڻيڪ حد ۽ نهايت کان گهڻي آهي، پر (انسان کي سهڻا) عمل ڪرڻ بہ ضروري آهن، جو الله تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي:

“وَاَن لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانَ اِلَّامَاسَعيٰ“

’۽ ناهي انسان جي لاءِ، مگر جيڪي ڪمايائين.‘•

• تفسير آلوسي، جلد 22، ص 115.

• سورة النجم آيت 38





عبدالرحمان جامي رحہ فرمايو آهي:

*اے عُزّہء برحمت خداوند*

*درِ رحمت او کسے چہ گوید۔*

’اي الله تعاليٰ جي رحمت تي غرور ڪندڙ ان جي رحمت جي باري ۾ ڪير ڇا ٿو چئي سگهي؟‘

*ہرچند کہ مؤثر است باراں*

*تا دانہ نے فگنی نروید۔*

’يعني جيتوڻيڪ مينهن اثر ڪندڙ آهي، پر جيستائين ٻج نہ ڇٽيندين تہ ڪجهہ نہ ڄمندو.‘

(ٻئي شاعر جو شعر) هن طرح آهي:

*در زمینِ دل ہمیں تخم محبت را بکار*

*تا ازاں اعمال نیکی ثمرہ یابی اے فتا۔*

’دل جي زمين ۾ محبت جو ٻج پوک، تہ جيئن اي نوجوان انهن عملن مان نيڪيءَ جو ميوو حاصل ڪرين.‘

ٻيو ان جناب، الله تعاليٰ جي محبوب (ﷺ) جي حد کان وڌيڪ سهڻي اخلاق جو ڪجهہ بيان ڪريان. (حضرت) علي ڪرم الله وجهہ کان پڇيائون تہ ڪائنات جي سرور، موجودات جي برگزيدي (ﷺ) جو اخلاق ٻڌاءِ. فرمايائين تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي.

قُلۡ مَتَاعُ الدُّنۡيَا قَلِيۡلُ

’چؤ (اي حبيب (ﷺ) تہ دنيا جو سامان ٿورو آهي.‘[o]

۽ ٻيءَ جاءِ تي فرمايائين:

وَاِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَةَ اللّٰهِ لَاتُحۡصُوۡهَا

’۽ جيڪڏهن الله جي نعمت کي ڳڻيندؤ تہ ڳڻي نہ سگهندؤ.‘[+]

[o] سورة النساء آيت 78

[+] سورة ابراهيم آيت 33

جڏهن (دنيا جي نعمت) ٿوريءَ کي ڳڻي نہ ٿو سگهجي تہ حضور ﷺ جي اخلاق کي تہ الله تعاليٰ وڏو سڏيو آهي.

اِنَّکَ لَعَلیٰ خُلُقٍ عَظِیمٍ

’۽ بيشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيو.‘ *

هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن گهٽيءَ مان لنگهيا ٿي ويا. ٻارن راند ٿي ڪئي ۽ هڪ ٻئي تي مٿي تي اڇلايائون. اصحابن سڀني ٻارن کي ان ڪري منع ڪئي تہ حضور ﷺ تي مٽي نہ پوي. پاڻ ڪريم ﷺ جن اصحابن کي منع ڪئي تہ ٻارن کي نہ روڪيو اها انهن جي خوشي ۽ سُرور آهي. (ائين چئي) پاڻ اتان لنگهي ويا.

اے رحیمے نیک خوئے مہر جوئے باوفا
باحیا و با سخا اے دوستِ ربِ العلیٰ۔ •

’اي مهربان، سهڻي اخلاق وارا، محبت ڳوليندڙ وفادار، حياء ۽ سخاوت وارا، اي مٿاهين رب جا دوست!‘

خُلق نیکوئے ترا خواندہ خدا بے انتہا
رحم از خُلقِ نما برھاشمِ مسکیں گدا۔

’اوهان جي سهڻي اخلاق کي الله تعاليٰ بي انتها بلند سڏيو آهي. پنهنجي سهڻي اخلاق سان هاشم مسڪين تي رحم ڪر.‘

یارسول اللہ فریادم بہ رس
من نے دانم وسیلہ جز تو کس۔

’اي الله تعاليٰ جا رسول! (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌي پهچ. مان توکان سواءِ ڪوبہ وسيلو نہ ٿو ڄاڻان.‘

اے بلبلِ گلزار معانی کہ توئی
وے محرم اسرارِ نہانی کہ توئی۔

* سورة ن والقلم آيت 4

• هي سڄو شعر مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو پنهنجو آهي.





’اي (محبوب ﷺ) معنائن جي گلزار جي بلبل اوهان آهيو. ڳجهن رازن جا رازدار بہ اوهان آهيو.‘

ہر کس کہ نشان دوست می جست نیافت
ہم از تو بیابد آں نشان کہ توئی۔

’جنهن ماڻهوءَ بہ پنهنجي دوست جو نشان ٿي ڳوليو تہ نہ ٿي لڌائين. پڻ اوهان کان ئي اهو نشان ليندو، اوهان ئي آهيو.‘

الله تعاليٰ جو هڪ داناءُ ٻانهو ڪنهن سخي ٻانهي جي دسترخوان تي حاضر ٿيو. جڏهن دستر خوان کوليائين تہ گهڻا طعام ۽ نعمتون ان بزرگوار جي اڳيان آندائين، پر هن انهن طعامن ڏي هٿ ڊگهو نہ ٿي ڪيو. مهماني ڪندڙ عرض ڪيو تہ سائين! هي تہ حلال مان آندل آهي. ڇاجي ڪري، (استعمال نہ ٿا ڪريو) ان داناء فرمايو! ڪئين انسان بنا ڪاڏي جي ڪنڊ ۾ ويٺا آهن ۽ مان هتي نعمتن ۾ مشغول هجان، اهو ماڻهپو نہ آهي سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) حضرت محمد ﷺ کي، جو اڻ کٿ نعمتن جي دسترخوان تي ويهاريندا تہ پاڻ عرض ڪندا اي الله! تنهنجو فرمان آهي-

”وَاَزْوَاجُهٗ اُمَّهَاتُهُمْ“

’۽ ان (نبي ﷺ) جون گهر واريون انهن (مومنن) جون مائرون آهن.‘ •

’مؤمن منهنجي جگر جا ٽڪرا آهن، مان محمد (ﷺ) نعمتن ۾ ۽ مون محمد (ﷺ) جي جگر جا ٽڪرا تڪليف ۾، اهو ڪيئن ٿو جائز ٿي سگهي. يا تہ مون کي بہ انهن سان گڏ دوزخ ۾ موڪل يا انهن کي مون سان گڏ جنت ۾ داخل ڪرڻ فرماءِ. خطاب ايندو تہ اي محمد! (ﷺ) اسين بهشت وارن کي دوزخ ۾ نہ موڪليندا سين، پر (تنهنجي صدقي) دوزخ وارن کي بهشت ۾ ٿا موڪليون، جو اسان جي ڪرم کي ڄاڻندا ۽ اسان جي عزت سڃاڻندا.

• سورة الاحزاب آيت 6

هندستان* ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي روضي مبارڪ• جي مٿن ڪان هڪ وڻ آهي، جيڪو سال ۾ هڪ گل جهليندو آهي ۽ هر هڪ گل ۾ ست پتيون هونديون آهن ۽ هر هڪ پتيءَ تي لاالہ الاالله محمد رسول الله لکيل هوندو آهي. اتي جي بادشاهہ اتي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا آهن، تہ جيئن انهن گلن کي مضبوطيءَ سان سنڀالي رکن ۽ بادشاهي خزاني ۾ آڻين ۽ اهي انهن سان مريضن جو علاج ٿا ڪن. روايت آهي تہ جڏهن انهن گلن مان هڪ پتي ڪتي انڌي جي اکين ۾ وجهندا آهن تہ الله تعاليٰ جي فرمان سان ۽ حضرت رسالت پناهہ عليہ الصلواة والسلام جي نالي جي برڪت سان اهو انڌو سجو تي پوندو آهي. اي عجب! جنهن پن تي ڪلمو شريف لکيل آهي. اهو انڌي کي سجو ٿو ڪري تہ جنهن دل تي قدرتي قلم سان ڪلمو لکيل ۽ ان جو ساهہ الله تعاليٰ جي محبت ۾ سڙيل ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان ڳنڍيل آهي. تہ اها دل بصيرت جي نور سان روشن ٿيل آهي. جيڪڏهن ڀانهو دل جي روشن اک کي ڪفر جي انڌيري سان انڌو نہ ڪري ۽ رب کي سڃاڻندڙ ماڻهو پاڻ سڃاڻ نہ ڪري ۽ الله تعاليٰ جي ڪرم کان پاڻ کي محروم نہ سمجهي. هن کان بہ وڌيڪ عجب اهو آهي تہ ان وڻ مان جيڪو پن هيٺ ڪري ٿو اُن ئي ساعت ۾ زمين اُن کي ڳهي ٿي وڃي يا ڪو ملائڪ اچي ان کي کڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ ۽ حضرت رسالت پناهہ ﷺ جي نالن جي احترام خاطر ڪنهن جانور کي طاقت نہ آهي، جو ان پن کي کائي ۽ باهہ کي بہ طاقت نہ آهي، جو ان کي ساڙي سگهي. جنهن پن تي دوست جو نالو لکيل آهي، دنيا جي باهہ کي ان جي ساڙڻ جي طاقت نہ آهي تہ جيڪا مومن جي دل ايمان واري ۽ عرفان جي نور سان روشن ۽ الله جل جلالہٗ جي عشق سان سينگاريل ۽ حضرت محمد (ﷺ) جي محبت سان ڳنڍيل آهي، اها دوزخ جي باهہ ۾ ڪيئن سڙندي.

شعر

در باغِ دل و زمیں جانہائے
جز مہرِ محمدی نہ کشتیم۔

* اصل سيلان، سيلون (Cylon)، جتان لاءِ روايت آهي تہ حضرت آدم زمين تي پهرين هتان جي سرزمين تي لٿو هو. (ادارو)

• روايت آهي، پر روضي جي موجودگي مشڪوڪ آهي (ادارو)





’دل جي باغ ۽ ساهہ جي زمين ۾ محمد (ﷺ) جي محبت کان سواءِ اسان ڪجهہ نہ پوکيو آهي.‘

اسرارِ محبت محمد
بر صفحہءِ جان و دل نوشتیم۔

'محمد ﷺ جي محبت جا راز اسان جي دل جي صفحي تي لکيل آهن.'

با نورِ محمدّ شکے نیست
کز اہلِ باشندہءِ بہشتیم۔•

'يعني اسان کي حضرت محمد ﷺ جي نور ۾ ڪو شڪ نہ آهي، اسين بهشت جا رهاڪو آهيون.'

اي جهانن جا رب! لکين صلواتون ۽ سلام مهينن ۽ ڏينهن ۾ وهڻ ۽ بيهڻ ۾ حضرت محمد ﷺ ۽ ان جي اولاد، اڳواڻ مڙني تي.

شعر

المنتہ اللہ کہ محمدّ نور است
و از نورِ محمدی دلم مسرور است۔

’الله تعاليٰ جو احسان آهي محمد ﷺ نور آهي ۽ محمدي نور سان منهنجي دل خوش آهي.‘

فردا بہ ہزار سالہ راہِ امتّ
از شعلہ آتشِ جہنم دور است۔

’سڀاڻي (قيامت ڏينهن) امت جهنم جي باهہ کان هزار ورهن جي واٽ تي پري هوندي.‘

## حبيب اڪرم (ﷺ) جي دربار ۾ عرض:

من درد مندم حضرتا، فریاد رس یا مصطفےٰ
پارہ شدہ بہرِ خدا، فریاد رس یا مصطفےٰ۔

• سٽ ٻي ۾ اصل لفظ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، ممڪنہ لفظ (باشندہ) ۾ ڏنو ويو آهي.

'اي حضرت مان درد وارو آهيان. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ. ٽڪرا ٽڪرا ٿيل آهيان. اي مصطفيٰ ﷺ خدا واسطي منهنجي دانهن ٻڌ.'

بیشک توئی محبوبِ حق فرمان برت جمله طبق
در حکم تو ارض و سما، فریاد رس یا مصطفےٰ!

'اوهان بنا شڪ جي الله تعاليٰ جا محبوب آهيو سيئي طبقا اوهان جا فرمانبردار آهن. زمين ۽ آسمان اوهان جي حڪم ۾ آهن. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!'

هستی تو شاهِ دوجهاں، هم شافع ایں اُمتاں
اے دوستِ ربّ العلیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اوهان ٻنهي جهانن جا بادشاهه آهيو هنن اُمتين جي شفاعت ڪندڙ به آهيو. اي مٿاهينءَ جي رب جا دوست! اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

جمله جهاں جنّ وبشر ایں وآں زیروزبر
از بهرِ تو آهو گواه، فریادرس یا مصطفےٰ!

سيئي جهان انسان ۽ جن. هي ۽ اهي، هيٺ ۽ مٿي اوهان لاءِ هرٽيون به شاهد آهن. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!

از عرش تا زیرِ زمین، هر چیز هم روح الامین
بهرِ تو شد اے اصفیا، درس یا مصطفےٰ!

'عرش کان وٺي زمين جي هيٺئين حصي تائين سڀ شيون. روح الامين• به اوهان جي لاءِ اي پيارا (پيدا ٿيون)! اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!'

هم تو شفیع المذنبیں، هم رحمة للعالمیں
اے مرتضیٰ اے مجتبیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اوهان گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ جهانن لاءِ رحمت آهيو. اي برگزيد! ۽ اي پيارا! اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!'

• روح الامين: جبرائيل عليہ السلام





جز تو وسیله نیست کس بهرِ خدا فریادرس
سلطان تخت اجتها، فریاد رس یا مصطفےٰ!

'اوهان کان سواءِ ڪو وسيلو نه آهي. خدا جي واسطي دانهن ٻڌ. اي ڀلائيءَ جي تخت جا بادشاهه. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

اے گوهرِ درجِ حیا وے اخترِ برجِ وفا
برهانِ تختِ اصطفا، فریاد رس یا مصطفےٰ!

'اي حياء جي صندوق جا گوهر ۽ وفاداريءَ جي برج جا ستارا ڀلائيءَ جي تخت جا دليل. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

اے رهنمائے مؤمناں، حاجت روائے مسلماں
مکرم، معظم، مهتدیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اي مومنن کي واٽ ڏيکاريندڙ مسلمانن جي حاجت پوري ڪندڙ عزت وارا، تعظيم وارا، هدايت جا صاحب. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

اے بهتر از بهتراں، و اے مهتر از مهتراں
اے اتقیاء مرتجیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اي ڀلن کان ڀلارا ۽ اي سٺن کان سٺا. اي پرهيزگارن ۾ اميد رکيل. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

اے دستگیر افتادگاں، اے چارهٔ بیچارگاں
بدرالدّجیٰ شمس الضحیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اي ڪريلن جو هٿ وٺندڙ ۽ ويچارن جا سهارا. اونداهيءَ ۾ چمڪندڙ چوڏهينءَ جا چنڊ. ڪچڙيءَ منجهند جا سج. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!'

اے میوهٔ باغِ اماں، اے طوطیٔ سبع مثاں
اے صاحبِ نورالهدیٰ، فریادرس یا مصطفےٰ!

'اي امن جي باغ جا ميوا. اي قرآن ڪريم جا طوطا. اي هدايت جي نُور جا صاحب. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

*نورِ نہال دولتی، نورِ بہارِ ملتی*

*اے حرمتِ باغِ صفا، فریادرس یا مصطفےٰ۔*

’اوھان دولت جي وجود جا ۽ ملت جي بهار جا نور آهيو ۽ اي صفائيءَ جي باغ جي عزت. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*منصور، ممدوحِ بدرِ، صادق خبر نیکو سیرَ*

*خورشیدِ حق احسن لقا، فریادرس یا مصطفےٰ۔*

’بدر (جي جنگ)۾ مدد ڪيل، ساراهيل، ڳالهه جا سچا، سهڻي سيرت وارا، حق جا سج، سهڻي ديدار وارا، اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*اے مقصدِ اقصیٰ ھمم، عالی مقامِ ذی الکرم*

*اے دردمنداں را دوا، فریادرس یا مصطفےٰ۔*

’اي همتن جي نهايت جا مقصد، مٿاهين مقام وارا ڪرم جا صاحب، اي درد وارن جي دردن جي دوا. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*اے شاہ اسرارِ قدم، اے ماہِ انوارِ حکم*

*برعاصیاں لطفِ خدا، فریادرس یا مصطفےٰ۔*

اي قديم اسرارن جا بادشاهه ۽ اي حڪمتن جي نور جا چنڊ، گنهگارن تي الله جا لطف. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!

*اے نور صدق جان و دل، نورِ حدیقہ آب و گل*

*اے صاحبِ جود و سخا، فریادرس یا مصطفےٰ!*

’اي ساهه ۽ دل جي سچائيءَ جا نور، پاڻيءَ ۽ مٽيءَ جي باغ جا نور، ڪرم ۽ سخاوت جا صاحب. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!‘

*اے روشنیءِ عاصیاں، نورِ خدا بر تو عیاں*

*اے نص ختم الانبیاء فریادرس یا مصطفےٰ۔*

’اي گنهگارن جي لاءِ روشني! تنهنجي اڳيان الله جو نور ظاهر آهي، اي دنيا تي نبين جي اچڻ جي ختم ٿيڻ جا دليل (نِص). اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ!‘





*بہرِ ابوبکر تقی، بہرِ عمر شاہِ نقی*

*از بہرِ عثمان ذوالحیا، فریادرس یا مصطفےٰ!*

’(حضرت) ابوبڪر رضي الله عنه پرهيزگار جي واسطي، (حضرت) عمر رضي الله عنه شاهه صفائيءَ واري، (حضرت) عثمان رضي الله عنه حياء واري جي واسطي. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*بہرِ علی المرتضیٰ، بہرِ حسن ذوالمجتبیٰ*

*بہر حسین شہِ کربلا، فریادرس یا مصطفےٰ!•*

(حضرت) ’علي المرتضيٰ رضي الله عنه جي واسطي، (حضرت) امام حسن رضي الله عنه پلاين جي صاحب جي واسطي، ڪربلا جي (حضرت) شاهه حسين رضي الله عنه جي واسطي. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*حرمتِ ھمہ اصحابہا، حرمتِ ھمہ احبابہا*

*لطفے بحال زار ما، فریاد رس یا مصطفےٰ!*

’سيني اصحابن سڳورن (رضہ) ۽ سيني پيارن جي مهابي. اسان جي ڏکويل حال تي ڪو لطف فرماءِ، اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*اے حضرت سیدِ رُسل، و اے مہدی و ہادی سُبل*

*و اے ختم سورہ اصفیا، فریاد رس یا مصطفےٰ!*

’اي رسولن سڳورن جا سردار ۽ اي هدايت وارا. (حق جي) واٽ ڏي هدايت ڪندڙ ۽ اي ڀلارن جي شان ۽ شرف جا نِڌان (پڇاڙي). اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*ملک و فلک از نور او صافین شد مسرور اد*

*و اے آفرینش رازھا، فریاد رس یا مصطفےٰ!*

’ملائڪ ۽ آسمان اوهان جي نور مان آهن سڀئي مسرور آهن ۽ اي پيدا ٿيڻ جا سبب. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.‘

*اے نورِ حق پیدا ز تو، اے دیدہ دل بینا ز تو*

*اے مالکِ ہر دو سرائے، فریاد رس یا مصطفےٰ!*

---

• اصل مسودي ۾ ’*بہرِ حسن ذوالمجتبیٰ*‘ کان پوءِ ڪي لفظ حذف ٿيل آهن، مون ان ۾ مناسبت سان (وزن موجب) ’*بہرِ حسین شہہ کربلا*‘ جو اضافو ڪيو آهي. (مترجم)

'اي (اها ذات جو) حق جو نور اوهان مان ظاهر آهي ۽ دل جي نگاهہ اوهان جي صدقي روشن آهي. اي ٻنهي جهانن جامالڪ. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

*باغِ فصاحت را گلی، اے مرشدِ پیر وولی*

*بہرِ تو شد ارض و سما، فریاد رس یا مصطفیٰ!*

'اي فصاحت جي باغ جا گل ۽ پيرن ۽ ولين جا مرشد، اوهان لاءِ زمين ۽ آسمان پيدا ٿيا. اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

*ایں هاشمِ مسکیں گدا، گفتہ ثنا بے انتہا*

*یا مرحبا یا مرحبا، فریاد رس یا مصطفیٰ!*

'هن 'هاشم' مسڪين گداگر ثنا چوڻ ۾ (پنهنجي طرفان) انتها ڪئي آهي. اي مرحبا، اي مصطفيٰ (ﷺ) منهنجي دانهن ٻڌ.'

عمل چڱا ڀلي گهڻا هجن، پر حضور ﷺ جي شفاعت کان سواءِ ڪو بہ بهشت ۾ نہ ٿو وڃي سگهي ۽ حضور ﷺ جي شفاعت ۽ رحمت ۽ امت تي شفقت حد کان گهڻي آهي. بعضي ماڻهو چون ٿا تہ حضور ﷺ جي شفاعت کان سواءِ عملن جي اميد تي بہ جنت ۾ ويندا ۽ اهي ئي چون ٿا تہ حضور جن وفات ڪرڻ سان (معاذ الله) ٻين مئلن وانگر ٿي ويا ۽ جيئرا ناهن. هيءُ خالص ڪفر آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ شهيدن جي حق ۾ فرمايو آهي:

"وَلَاتَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْافِيْ سَبِيْلِ اللهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَاءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ"

'۽ انهن کي مئل اصل نہ ڀانءِ، جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ٿا وڃن، بلڪ (اهي) پنهنجي رب وٽ جيئرا آهن، کين رزق ڏنا ويندا آهن.'*

شهيد، حضور ﷺ جي قدمن مبارڪن جي مٽي ۽ گهٽين جا چوڪيدار ۽ غلامن جا غلام آهن ۽ جڏهن ان جا غلام ايتري قدر وارا آهن تہ حضور ﷺ جن پاڻ ڪيڏي نہ اعليٰ مقام ۽ زندگيءَ وارا هوندا. صحيح حديث ۾ آيو آهي، حضور ﷺ فرمايو تہ: "مان موسيٰ (عليہ السلام) جي

* سورة آلعمران آيت 169





مزار کان لنگهيس تہ اهو پنهنجي قبر ۾ بيهي نماز پڙهي رهيو هو. تہ اهو جيئرو آهي مئل ناهي، پر جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام کان اسان جو نبي ﷺ ڀلو آهي تہ ان جي زنده هجڻ ۾ ڪهڙو شڪ آهي............•

*آنرا کہ اطاعتِ محمدؐ باشد*

*گنجش ز قناعتِ محمدؐ باشد۔*

'جنهن وٽ محمد (ﷺ) جي تابعداري هوندي، ان وٽ محمد (ﷺ) جي قناعت جو خزانو هوندو.'

*گر هست امید رحمتِ عاصی را*

*آں هم بشفاعتِ محمدؐ باشد۔*

'جيڪڏهن گنهگار کي رحمت جي اميد آهي تہ اها بہ (حضرت حبيب) محمد (ﷺ) جي شفاعت سان هوندي.'

الله تعاليٰ ملڪ جو مالڪ، وحده لاشريڪ لہٗ، پنهنجي رحمت جا دروازا کولي، عاصين ۽ گنهگارن کي حضرت حبيب محمد ﷺ جي برڪت سان بخشيندو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاَصْحَابِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّاتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَعِتْرَتِهٖ وَاَحِبَّائِهٖ وَسَلِّمْ.

(اي الله) ويچاري 'هاشم' گناهن ۾ ڦاٿل، زماني ۾ تباهہ، گهر ۽ مال جي پريشانَ، سڄي جهان کان گهٽ، گناهن جي درياهہ ۾ ٻڏل، شريعت جي حڪمن کي بجا نہ آڻيندڙ کي ٻلاين جي ڪکر مان وصال جي صاف پاڻيءَ جا ڦڙا نڙيءَ (ساهہ) جي تارونءَ ۾ پهچاءِ. جيڪڏهن پنهنجي بي انتها (رحمت جي) درياهہ مان جهرڪيءَ کي پاڻي عطا ڪندين تہ ڇا گهٽ ٿيندو. جيڪڏهن پنهنجي احسان جي دسترخوان مان هڪ لقمو ڪِوِل جي واٽ ۾ وجهندين تہ ڇا ٿيندو!

*اے فضل و کرم تو ز اندازه بیش است*

*اگر رحمت کنی بر جائے خویش است۔*

'اي (اها پاڪ ذات جو) تنهنجو فضل ۽ ڪرم اندازي کان گهڻو آهي. جيڪڏهن رحمت ڪرين تہ پنهنجي جاءِ تي (صحيح) آهي.'

• هتان هڪ سٽ حذف ٿيل آهي (ادارو)

*خداوندا غفوری و کریمی*

*ھمیشہ برگنہگاراں رحیمی۔*

’اي الله! بخشيندڙ ڪريم آهين. هميشہ گنهگارن تي رحم ڪندڙ آهين.‘

ويچاري جدائيءَ جي ڏکويل، گهر ۽ مال کان پري ٿيل کي لڪل وصال ڪليو نصيب ڪر. غيب جي ڏوليءَ ۾ لڪل محبوب جو جمال، جيڪو حقيقت وارن جي دلين جي باغن جي حضور جي زينت سان سينگاريل آهي ۽ سنهين ڳالهين جي کولڻ جي ڏينهن ۾ ان تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي معرفت جي تازگي ڏکين ڳالهين جي کولڻ لاءِ بهار آهي، نصيب فرماءِ.

*یاد توکنم دل بپرواز آید*

*نام تو برم عمر شدہ باز آید۔*

’تنهنجي يادگيري ٿو ڪريان تہ منهنجي دل اڏامڻ ۾ تي اچي ۽ تنهنجو نالو ٿو وٺان تہ گذريل عمر موٽي تي اچي.‘

*روزے کہ حدیثِ عشق آغاز کنم*

*بامن در دیوار... با آواز آید۔*

’جنهن ڏينهن عشق جي ڳالهہ شروع ٿو ڪريان تہ مون سان دروازا ۽ پٿيون بہ آواز ۾ ٿا اچن (ڳالهائين ٿا).‘

اي هڪ، ڪرم ڪندڙ اي حمد جا لائق، جنهن جي تعظيم واجب آهي. اي (اهاپاڪ ذات جو تنهنجو) لطف هر ڦٽيل دل کي شفا بخشيندڙ آهي ۽ تنهنجو ڪرم سڀ ڪنهن ڏکويل دل جو ڏک ميٽيندڙ آهي. تنهنجي عنايت هر فقير مسڪين جو هٿ وٺندڙ آهي ۽ تنهنجي رحمت هر غم ۾ سڙيل دل جو مرهم آهي.

*اے آنکہ نداریم بجز تو دِگرے*

*درحال خرابِ بندگاں کن نظرے۔*

’اي (اها پاڪ ذات) جو اسين تو کان سواءِ ٻيو (خدا) نٿا رکون، اسان ٻانهن جي خراب حال تي (مهربانيءَ جي) نگاهہ فرماءِ!‘

*نے روز بروزہ ایم ونے شب بہ نماز*

*بخشاءِ گناہِ ما بہ آہِ سحرے۔*





’نہ ڏينهن جو روزا ٿا رکون، نہ رات جو نماز ٿا پڙهون، اسان کي پوئينءَ رات واريءَ آهہ جي (صدقي) بخش فرماءِ!‘

اي هر شيءِ جا پيدا ڪندڙ. اي الله (جل جلالہ) حضور ﷺ جي صدقي اسان جي دل جي زمين ۾ پنهنجي محبت جو وڌندڙ وڻ پيدا ڪر ۽ ان کي معرفت جي تازي پاڻيءَ سان تازو رک. اسان جي سيني ڪمن کي پنهنجي عنايت سان ٺاهہ. اي الله! پنهنجي ڪرم سان اسان جي حاجتن کي پورو ڪرڻ جي عنايت فرماءِ. عام حالتن ۾ صبح ۽ شام ۾ اسان قول ڀڳا آهن. آخري پساهن ۾ اسان جي حال تي رحم ڪري، اسان کي بخش فرماءِ.

ياالله! جيڪڏهن سڀاڻي مون کان منهنجي گناهن جي باري ۾ پڇندين تہ مان عرض ڪندس ياالله! تنهنجي رحمت جا خزانا ڪٿي آهن، جو مون کي انهن مان ڀاڱو ملي ۽ جيڪڏهن مون کي ڏارين سان گڏ دوزخ ۾ موڪليندين تہ دوزخ وارن کي تنهنجي محبت جي ڳالهہ ٻڌائيندس.

*بدآں کرم کہ تو داری امیدواری ہست۔*

’جيڪو ڪرم تون رکين ٿو اُن ۾ اميد آهي.‘

اي (اها پاڪ ذات) جو هڪ بيمثال، بي نياز، بنا حرڪت ۽ سُڪون جي آهي. پنهنجي انهن مست ٻانهن جي مهابي، جو اسرار وجود جي ڪچهريءَ ۾ شهود جي انوار جو پيالو پيتو آهي. اُن رات جي مسافرن جي مهابي، جن طلب جي انڌيري ۾ زحل (ستاري) کان مٿي وڃي عرش تي عمل جو جهنڊو هنيو آهي. عالم ارواح جي درياهہ ۾ جسمن جي ٻيڙيءَ تي سوار ٿي هستيءَ جي منزلن ۽ حق پرستيءَ جي مرحلن کي عبور ڪيو آهي ۽ جن وصال جي ڪعبي جي حرم جو احرام ٻڌي، دنيا جي مرادن حاصل نہ ڪرڻ واريءَ واديءَ ۾ عشق جي لبيڪ پڙهي آهي ۽ پاڻ تي ۽ ساري مخلوقات تي قناعت جون چار تڪبيرون پڙهيون آهن، ۽ ناز جي چوٽيءَ تان لهي نياز جي ڪعبي جي چائنٺ تي پهتا آهن. ياالله! پڇاڙيءَ زماني ۾ رت هاريندڙ ڪنڊ ۾ شهوت جا ڌاڙيل طريقت ۽ خدمت جو رستو وٺندڙ کي ڦرين ٿا. پنهنجي خاص عنايت. اسان سان گڏ رک ۽ گمراهيءَ جي انڌيري ۽ جهالت جي

اونداهيءَ ۾ هدايت جو ڏيئو اسان جي واٽ ۾ رک. سيد الابرار ﷺ جي مهابي. آمين! رحمتڪ يا ارحم الراحمين.

يا الاهی جرمِ ما را درگذر
ما گُنهگاریم تو آمرز گار۔

اي الله اسان جا ڏوهہ بخش ڪر، اسين گنهگار آهيون، تون بخشيندڙ آهين.

تونکوکاری و ما بدکرده ایم
جرم بے اندازه بیحد کرده ایم۔

’تون چڱائي ڪندڙ آهين ۽ اسان برائي ڪئي آهي. اسان گھڻا ۽ بي حساب گناهہ ڪيا آهن.‘

اي دلين کي روشن ڪندڙ اي ڏکن ۾ خوشيون بخشيندڙ اسان اُجايلن کي هدايت جو پاڻي پيار. اي نور ۽ نار (باهہ) جا خالق. اي ڪِولين ۽ نانگن کي رزق ڏيندڙ اي رحمت جي دروازن جا کوليندڙ اي مغفرت جا سبب پيدا ڪندڙ اي جسمن کي صورت بخشيندڙ اي ارواح کي روشن ڪندڙ(اسان) ويچارن کي پنهنجي فضل ۽ احسان جي وند ڏي ۽ اسان جي ڪارين دلين کي معرفت جي نور سان روشن ڪر. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي مهابي.

يارب بجناب ذوالجلالم برساں
لبِ تشنہ بدریائے زلالم برساں۔

’اي منهنجا پالڻهار! مون کي پنهنجي جلال واري بارگاهہ ۾ پهچاءِ، اجايل آهيان (محبت جي) صاف پاڻيءَ جي درياهہ تي مون کي پهچاءِ.‘

و از بہرِ وصال می کشم محنتِ ہجر
زیں ہجر بدولت وصالم برساں۔

’ملڻ جي اميد لاءِ جدائيءَ جي محنت ٿو ڪريان، ان جدائيءَ مان مون کي وصال جي دولت پهچاءِ.‘

مرادِ همه دوستانم بر آر
مکن نزد ایشاں مرا شرمسار۔





’منهنجي سڀني دوستن جي مراد پوري ڪر، مون کي انهن وٽ شرمسار نہ ڪر.‘

بود ہر کس را بہ چیزے ہوس
تمنا من از تو ہمیں است و بس۔

’هر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن شيءِ جي خواهش هوندي آهي، منهنجي تمنا اها ئي آهي ۽ بس.‘

اي الله (جل جلالہ) پنهنجي رحمت جي سج سان اسان جي گناهن جي اوندهہ روشن ڪر. اي اها (پاڪ ذات) جنهن جو ذڪر وڏو ۽ احسان عام آهي. مشتاقن جي ساهہ کي ميثاق جي صبح سان ايمان جي نور جي سمنڊن تائين پهچاءِ. نبين (سڀني) جي سردار جي مهابي (اسان کي) معرفت جي خوشبوئن سان خوشبودار بناءِ. اي اها پاڪ ذات، جو هن جهان ۾ گناهہ ڏسي ٿو تہ بہ پردو نٿو لاهي.

گنہ بیند و پردہ پوشد بحلم

’يعني گناهہ ڏسي ۽ بردباريءَ سان پردو ڍڪي.‘

۽ ان جهان (قيامت ۾) جيڪڏهن رحمت ۽ احسان سان اسان فقيرن جا گناهہ بخشي ۽ اسان جي عملن واري دفتر مان ڪٽي ۽ ختم ڪري ۽ پنهنجي ڪرم، لطف ۽ رحم سان سڌيءَ واٽ تي هلائي تہ ڪهڙو عجب آهي!

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ٻانهو آهين تہ بار کڻ ۽ جيڪڏهن عارف آهين تہ هڪ بار جي بجاءِ هزار بار کڻ ۽ جيڪڏهن محب آهين تہ حضرت محبوب جا ناز برداشت ڪر ۽ جيڪڏهن موحد آهين تہ ٻين تان هٿ کڻ ۽ مڙني کان پير ڪڍي وڃ. تون پروانو آهين ۽ محبوب جو جمال شمع آهي. تون عاشق آهين، ان جا محبت رکندڙ عاقل آهن ۽ ٻيا ديوانا. مان نہ عارف، نہ عابد ۽ نہ زاهد ۽ نہ صالح آهيان. گنهگار ۽ زماني ۾ ڪاري دفتر وارو آهيان. پر حضور ﷺ جو سچو محب ۽ انهيءَ سرور خيرالبشر ﷺ جو عاشق آهيان. الله تعاليٰ جيڪڏهن انهيءَ جناب، الله جي محبوب ﷺ جي برڪت سان منهنجا مڙئي گناهہ بخشي ۽ پنهنجي بي انتها عطا سان منهنجي مُنهن کي روشن ڪرڻ فرمائي تہ ان جي لطف ۽ ڪرم کان پري ناهي.

لَاتَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَتِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا ؕ
اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ (قرآن)

’الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو بيشڪ الله سيئي گناھ بخشي ٿو بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان آهي.‘*

اي محترم! جاڻ تہ گنهگار ٻانهن لاءِ بہ الله تعاليٰ جون بي انتها عطائون آهن ۽ الله سڌي واٽ ڏسيندو آهي. اي جهانن جا رب! (اسان جي دعا) قبول ڪرڻ فرماءِ.

مون هي نسخو مختصر لکيو آهي تہ جيئن پڙهندڙ کي پڇڻ (جو بهانو) نہ ملي ۽ ملول نہ ٿئي ۽ اعتراضن جو جواب با صواب (صحيح) ڏنو اٿم. جيڪڏهن ڪا غلطي ڪئي هجيم تہ مهربانيءَ سان معاف ڪرڻ فرمائيندا.

تو نیز ار بد بینی اندر سخن
بخلق جہاں آفریں کار کن۔

’يعني جيڪڏهن تون ڳالهہ ۾ ڪا برائي ڏسين تہ جهان جي پيدا ڪندڙ (الله تعالي) جي اخلاق (پردي ڍڪڻ) ڏانهن ڏس!‘

اي عبدالرؤف خان! مون تو کي نصيحت ڪئي آهي ۽ شيطان کي خوار ڪيو آهي. باقي لفظن جي سختيءَ ۽ نرميءَ کي معاف ڪرڻ فرمائيندا، جو ننڍين کان خطا ۽ وڏن کان عطا ٿيندي آهي.

بپوش گر بخطائے رسی وطعنہ مزن
کہ ہیچ نفس بشر خالی از خطا نبود۔

’يعني جيڪڏهن ڪا غلطي ڏسين تہ ڍڪي ڇڏ ۽ طعنو نہ هڻ. جو ڪوبہ انسان خطا کان خالي نہ هوندو آهي.‘

مون هن نسخي جو نالو **”مدحنامہ سنڌ“** رکيو آهي، جيڪو تاريخ 16، مهيني ربيع الاول ۽ سن 1146ھ ۾، ظل الله (الله تعاليٰ جي (رحمت جي) ڇانءُ) پاڇي) محمد شاھ بادشاھ جي بادشاهيءَ جي وقت لکيو ويو. هن نسخي جي پڙهندڙ کي عرض آهي تہ مصنف کي خير جي دعا سان ياد ڪري.•

* سورت الزمر آيت 54

• اُن وقت هندستان تي حڪومت محمد شاھ جي هئي، ۽ سنڌ مغلن جي اثر هيٺ هئي. (ادارو)





## باري تعاليٰ جي بارگاھ ۾ مناجات
## (1)

اے خالقِ ارض و سما لطفِ بحالِ زار ما
اے گمرہاں را رہنما، ہستی تو بیشک رہنما۔

’اي زمين ۽ آسمان جا پيدا ڪندڙ! اسان جي ڏکن واري حال تي مهرباني فرماءِ! اي گمراهن کي واٽ ڏيکاريندڙ بيشڪ تون عطا جو صاحب آهين.‘

من بندهٔ بیچارہ ام، از خان و مان آوارہ ام
بیچارہ ام بدکارہ ام، بخشائے از جوُد و سخا۔

’مان ويچارو ٻانهو گهر ۽ مال کان جدا آهيان. ويچارو ۽ بدڪار آهيان. (پنهنجي) ڪرم ۽ سخاوت سان (مون کي) بخش فرماءِ.‘

اے خالقِ جنّ و بشر، عرش و فلک زیر و زبر
از لطفِ خود بر من نگر، اے رازق و رب العلیٰ۔

’اي جنن ۽ انسانن عرش ۽ آسمان، هيٺ ۽ مٿي جا پيدا ڪندڙ. پنهنجي مهربانيءَ سان مون تي نگاھ ڪرڻ فرماءِ. اي رزق ڏيندڙ ۽ بلنديءَ جا رب!‘

بد کردہ ام در روز و شب، زاں یافتم رنج و تعب
عمرم شدہ لہو و لعب، درماندہ ام مشکل کشا۔

’رات ۽ ڏينهن برائي ڪئي اٿم. ان جي ڪري ڏک ۽ تڪليف ڏٺي اٿم منهنجي عمر اجاين ڪمن ۽ راند ۾ وئي آهي، عاجز ٿي پيو آهيان (منهنجي) مشڪل حل ڪرڻ فرماءِ.‘

بر ہاشم مسکیں گدا، لطفے نما اے مالکا
کن درد دل او را دوا، بہرِ محمدؐ مصطفیٰ۔

’اي مالڪ هاشم مسڪين، پنڻ واري تي، مهرباني ڪر (حضرت) محمد مصطفيٰ ﷺ جي صدقي ان جي دل جي درد جي دوا ڪر.‘

# مناجات (2)

خدایا تو دانی کہ درماندہ ام

شب و روز اندر گنہ راندہ ام۔

’اي الله! تون ڄاڻين ٿو تہ مان عاجز آهيان رات ۽ ڏينهن گناهن ۾ هليو آهيان.‘

نداریم جز تو کہ در جہاں

توئی چارہء کار بیچارہ گاں۔

’توکان سواءِ جهان ۾ ڪوبہ (سهارو) ڪو نہ ٿا رکون. تون ئي ويچارن جو چارو آهين.‘

خدایا بحرُمت محمدؐ رسول

ہمیں عذر بیچارہ را کن قبول۔

’اي الله! محمد رسول الله ﷺ جي صدقي، مون ويچاري جو عذر قبول ڪرڻ فرماءِ.‘

توئی خالقِ آسمان و زمیں

توئی رازقِ کافر و مؤمنیں۔

’تون ئي آسمان ۽ زمين جو پيدا ڪندڙ آهين. تون ئي ڪافرن ۽ مومنن کي رزق ڏيندڙ آهين.‘

توئی قاہر و مالک و بے نیاز

بدرگاہِ تو آمدہ بندہ باز۔

’تون ئي غالب ۽ مالڪ ۽ بي نياز آهين. تنهنجي درگاهہ تي ٻانهو موٽي آيو آهي.‘

خَطیاتِ او را بہ بخش اے کریم

کہ نام تو ظاہر غفورِ رحیم۔

’اي ڪريم! ان جي گناهن کي بخش ڪرڻ فرماءِ، جو تنهنجو نالو غفور ۽ رحيم ظاهر آهي.‘

اگرچہ گنہگارم و پُر خطا

بدیہائے ماگشتہ بے انتہا۔





’جيتوڻيڪ مان گنهگار ۽ خطائن ۾ پريل آهيان. اسان جون برايون گهڻيون ٿي ويون آهن.‘

شب و روز در حکمِ شیطان شدم

ہمہ غافل از کارِ رحماں شدم۔

’رات ۽ ڏينهن شيطان جي حڪم ۾ رهيو آهيان. مهربان جي فرمايل ڪم کان غافل رهيو آهيان.‘

نہ گشتم دمے سوئے تو مشتغل

بدم سوئے شیطاں خوار و خجل۔

’تنهنجي طرف هڪ پساهہ بہ مشغول نہ ٿيس، شيطان خوار ۽ ذليل جي طرف رهيس.‘

نہ کشتم یکے دانہء نیکوئی

زمیں جملہ پر شد زچندیں بدی۔

’نيڪيءَ جو هڪ داڻو بہ نہ پوکيو اٿم (منهنجي) گهڻين براين جي ڪري سڄي زمين پرجي وئي آهي.‘

ہمہ غیبتِ مرداں کردہ ام

ہم روئی اندر جہاں کردہ ام۔

’مڙئي گلا ماڻهن جي ڪئي اٿم، مڙئي پنهنجو مُنهن جهان طرف ڪيو اٿم.‘

نہ کردیم نیکی، نہ دادم زکواۃ

نہ روزہ نہ حج و طہارۃ صلواۃ۔

’نہ نيڪي ڪئي اٿم، نہ زڪواۃ ڏني اٿم، نہ روزا (رکيا اٿم)، نہ حج ۽ پاڪائي، نماز (ادا ڪيا اٿم).‘

ولے بہر پیغمبر و مرسلاں

ولیاںِ خود نیک بختِ جہاں۔

’پر پيغمبرن ۽ مرسلن جي صدقي، پنهنجي ولين، جهان جي نيڪ بختن جي صدقي.‘

بیا مرز جملہ خطیّاتہا
امانِ خویش دہ از بلیّاتہا۔

’سڀئي گناهہ بخش ڪرڻ فرماءِ سڀني مصيبتن کان پنهنجو امن ڏي.‘

مرا دار محکم براہِ صواب
کہ ہستی تو بیشک غنی و وہاب۔

’مون کي سڌي واٽ تي مضبوط رک، جو تون بنا شڪ جي غني ۽ وهاب (عطا ڪندڙ) آهين!‘

تو دہ گوہر ایمان مارا فروز
شبِ تیرہ مارا تو گرداں فروز۔

’تون اسان جي ايمان جي موتيءَ کي چمڪ عطا ڪر، اسان جي اونداهيءَ رات کي ڏينهن بناءِ!‘

دگر حبِّ اصحابہا راست دار
ابو بکر، عثمان، علیؓ کرار۔

’ٻيو (عرض هيءَ آهي تہ اسان ۾) اصحابن سڳورن جي محبت پوري پيدا ڪر، ابوبڪر ؓ، عثمان ؓ، علي ؓ ڪرار جي.‘

چہارم عمر شاہِ عدل و سخا
مقدم مؤخر نگر اے فتا۔

’چوٿون عمر ؓ عدل ۽ سخاوت جو بادشاهہ (هن کان) اڳ ۾ لکيل کي پوئتي ڄاڻ! اي جوان.‘ (يعني عمر جو نالو شعر ۾ پوئتي آندل آهي، پر ترتيب اهائي سمجهو جيڪا مشهور آهي.)

خدایا تو بر دینِ سُنی بدار
بہ کن رافضی را خراب و خوار۔

’اي الله تعاليٰ! تون (مون کي) دين ۾ سُني (عقيدي) رک ۽ رافضيءَ کي خوار ۽ خراب ڪر.‘

خدایا مرا روز طاعت بہ بخش
عبادت سخاوت شجاعت بہ بخش۔





’اي الله! مون کي روزانو تابعداري نصيب ڪر. عبادت، سخاوت ۽ بهادري نصيب ڪر.‘

وگر تندرستی و چستی بدہ
اقامت براہِ درستی بدہ۔

’(مون کي) ٻي تندرستي ۽ چستي ڏي، سڌي واٽ تي قائم رهڻ نصيب فرماءِ.‘

دگر در جہاں عزو شانم بدہ
ز آفات دوراں امانم بدہ۔

’ٻيو تہ مون کي جهان ۾ عزت ۽ شان ڏي، وقت جي مصيبتن کان مون کي امن ڏي.‘

عدوّان مارا بلا بر رساں
خراب و خجل کن بروئے جہاں۔

’اسان جي دشمنن کي مصيبت ۾ وجهہ، سڄي جهان ۾ خوار ۽ خراب ڪر.‘

مرا از عدوّان سلامت بدار
کہ ہستی تو بیشک جبار و قہار۔

’مون کي دشمنن کان سلامت رک، جو تون بنا شڪ جي جبار ۽ قهار آهين.‘

فزوں عزو اقبال کن اے خدا
توانائی، دانائی ہر چیز را۔

’اي الله! اسان جي عزت ۽ اقبال وڌاءِ. طاقت وارو ۽ سڀني شين جو ڄاڻڻ وارو آهين.‘

تو بر راہِ دینی مسلم بدار
خطیّات جملہ مرا در گذار۔

’تون مون کي دين جي واٽ تي سلامت رک. منهنجي مڙني خطائن کي معاف ڪرڻ فرماءِ.‘

بہ بخشائے بر من کہ ہستی کریم
رحم کن بمن زانکہ ہستی رحیم۔

’مون کي بخش ڪر، جو ڪريم آهين، مون تي رحم ڪر، جو رحيم آهين.‘

*نداريم اعمال نيکی يکے*
*برایں حالِ من بخش کن بیشکے۔*

’نيڪ عمل هڪ بہ نہ ٿا رکون، منهنجي هن حال تي بنا شڪ جي بخشش ڪر.‘

*گناہم اگر بیش شد از حساب*
*ہمہ در گذاری رحیم و وہاب۔*

’جيڪڏهن منهنجا گناهہ حساب کان گهڻا آهن، تہ بہ اي مهربان عطائون ڪندڙ مڙئي معاف ڪر.‘

*بضاعت نیاوردہ ام جز نیاز*
*نیازِ قبولم کن اے دلنواز۔*

’نياز کان سواءِ ڪا موڙي نہ آندي اٿم، اي دليون نوازيندڙ منهنجو نياز قبول ڪر.‘

*بجز تو نداریم من ہیچ کس*
*امیدم بدرگاہِ تو ہست بس۔*

’توکان سواءِ ڪوبہ نہ ٿو رکان، بس تنهنجي ئي درگاهہ ۾ اميد اٿم!‘

*خدایا وجودم بروزِ قیام*
*در آری بسایہ علیہ السّلام۔*

’اي الله! قيامت جي ڏينهن منهنجي وجود کي (حضور) ﷺ جي پاڇي ۾ آڻ.‘

*گناہگار ’ہاشم‘ بدارد امید*
*زعفوش تو اُو را مکن نا امید۔*

’(هي) هاشم گنهگار اميد ٿو رکي. پنهنجي معافيءَ کان انهيءَ کي نااُميد نہ ڪر!‘

---





## مترجم طرفان

الحمدلله! اڄ اربعا جي ڏينهن، منجهند جو رجب المرجب مهيني جي 17 تاريخ، سن 1410هہ مطابق 14 فيبروري 1990ع تي، ”مدحنامہ سنڌ - فارسي“ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو لکي پورو ڪيم. مگر ڪٿي ڪٿي ڪتاب ۾ جيڪي جملا (...) ڍهي وڃڻ جي ڪري سمجهہ ۾ نہ آيا، اتي (...) نشان ڪري ڇڏيو اٿم. شال الله تعاليٰ قبول فرمائي ۽ راضي ٿئي.

1410-7-17هہ
1990.2.14ع

فقير
**محمد ادريس ڏاهري**